# فڪر ڦرهي هٿ ۾

(مضمون ۽ ڪالم)

منظُور ڪوهيار

ڪنول پبليڪيشن قنبر
2007

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com

# مهاڳ

اُن ڏينهن آگسٽ جي اٺويهه تاريخ هُئي .... اوچتو محترم منظور ڪوهيار جي فون آئي ته هُو مون سان ملڻ ۽ سرپرائيز ڏيڻ ٿو چاهي!
طئه ٿيو ته ’لاڙڪاڻي جي ليبر هال‘ ۾ جتي پياري پرديسي ’رياض سمون‘ جي شاعريءَ جي ڪتاب ’سنڌو ناهي سانت ۾‘ جي مهورتي تقريب ۾ ملنداسون. وقت کان اڳ تيار ٿي سڌو ليبر هال پهتس ته جيئن بين آيل ناميارن اديبن، شاعرن ۽ ادب دوستن سان ملي سگهجي. ’بئنڪر‘ جي حيثيت ۾ مصروفيتن سبب اهو هڪ آچر جو ڏهاڙو ئي مهلت ۾ ملندو آهي ۽ اهڙا موقعا پڻ ڪڏهن ڪڏهن ملندا آهن. دعوت نامي ۾ اهم ادبي شخصيتن جهڙوڪ سائين سرڪش سنڌي، عبدالغار ’تبسم‘، منظور جوکيو، بشير احمد ’شاد‘ وغيره جا نالا پڻ اچڻ وارين شخصيتن ۾ لکيل. تنهن ڪري تڪڙو پهچي ويس. ليبر هال جي شخصيت پائو خالد چانڊيو جي آفيس ۾ پهتس ته اتي ڪافي نامور اديب پهتل هيا، ٿوري دير ۾ عنايت ميمڻ ۽ منظور ڪوهيار به اچي پهتا. عليڪ سليڪ کان واندو ٿي منظور ڪوهيار منهنجي پر ۾ اچي وينو ۽ سنڌس تازي تخليق صوفي ڪهاڻين جو ڪتاب ’فراق جي منزل‘ جو تحفو ڏئي ڪري چيل ’سرپرائيز‘ جو انت آندائين...!!
سندس مُحبتون مجيندي جڏهن ڪائنس ايندڙ ڪتابن جهڙوڪ ڪالمن، ڪهاڻين ۽ ناول بابت پڇا ڪيم ته هن سرگوشي ڪندي وراڻيو ته ’ڪالمن تي لکيل ڪتابي مواد تيار آهي ...!‘ پوءِ انهيءَ جو مهاڳ لکڻ لاءِ حڪم ڪيائين. حيرت ۾ ڪيس ڏسندي سوال ڪيومانس: ’ڇا تا ڇئو مهاڳ آءٌ لکندس؟‘ ڪلندي وراڻيائين ته، ’ها...‘
دراصل هُو چاهي ته مهاڳ ڪنهن وڏي اديب ۽ دانشور کان به لکرائي سگهي ٿو پر هن اهو خيال ڏيکاريو ته جيڪي هن کي پڙهن ٿا، چڱيءَ ريت سڃاڻن ٿا، سمجهن ٿا ۽ لکڻين جا قدردان آهن.... بهتر آهي ته پوءِ مُهاڳ به اُهي لکن. سندس نڪور لکڻين جيان اهو خيال به نئون ۽ نڪور نڪتو ....!! پوءِ سندس ان راءِ کي حڪم مجيندي ها ڪيم.
منهنجي لاءِ منظور ڪوهيار جهڙي برک اديب جي ڪتاب جو مهاڳ لکڻ ڪنهن ’اعليٰ اعزاز‘ کان گهٽ ڪونهي. ڪتاب جو مواد هفتي کان پوءِ مليو. جنهن کي ايمانداريءَ سان پڙهي پورو ڪيم .... سندس لکڻين جو ته اڳ ۾ ئي قائل هيس ويتر وڌيڪ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيس. لکڻين ۾ ٻَلا جي رواني، تشبيهون، اصلاح ۽ اکرن جي جوڙ جڪ منديءَ جي ٽڪ جيان لڳي، جن جي پڙهڻ کان پوءِ ڪير به متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي.
’منظور ڪوهيار‘ ڪالمن جي شروعات لطيف لاڪيٽي جي فڪر انگريز سِٽ ’فڪر ڦرهي هٿ ۾ ...‘ سان ڪئي آهي، جنهن ۾ علم وديا، ڏاهپ ۽ ماٺيپي سان ڌرم جي ڌوتن کي نه صرف عوام آڏو ننگو ڪيو آهي پرڏات پات، قبيلائي رسمن رواجن، جنسي استحصال وغيره تي قلم کي سخت جُنبش ڏني اٿس! جنهن سان خود غرض دماغن، ابن الوقت، پڙون ۽ پوپن کي وقت جي ٿياس تي

تنگيو اٿس ـــــ اڳتي هلي ساڳئي ڪالم جي عنوان تحت 'پٽ ڪان پاسو، دُعا ۾ اڏواڏ....'۾ ناني، ڏاڏي، پيڻ، پيءُ ۽ ماءُ جي دعائن، سالڪن ۽ عالمن جي دعائن، اميرن ۽ غريبن جي دُعائن جا نمونا پڙهڻ ڪانپوءِ ائين تو لڳي ته منظور ڪوهيار کو وڏي جُڳ جو جهُور پوڙهو يا 'صفا ٺُپ مُلان' محسوس ٿئي ٿو، اها سندس لکڻين ۾ ذات ۽ ڏانوَ جو اعليٰ مثال آهي.
'وقت جي تقاضا ' ڪالم ۾ سندس هي جملو يا سٽون ڪيڏيون نه شاندار ۽ ڪوٺ ڪرڻ جهڙيون لڳن ٿيون.... 'ڪڏهن ڪڏهن هڪ اکر يا هڪ سٽ سچي تخليق جو روح به ٿي سگهين ٿيون.' هن ڪالم ۾ سنڌ يونيورسٽي جهڙي مادر علم يومي اندر ٿيندڙ علم دشمن روين جي اُپٽار ڪيل اٿس. انهيءَ ساڳي دؤر ۾ آءٌ خود سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد رهيو آهيان ۽ اهو 'ٻوٿيءَ تي جهيڙو ' پڻ منهنجي سامهون جي ڳالهه آهي جيڪو، ڏيشين ۽ ڪڙتالي گروپن ۾ بلاڪن واري ميس ۾ ٿيو هيو. جنهن کي قلم بند ڪري انهن ڏينهن جا حالات بهترين نموني لکيا اٿس. ايترن سالن پڄاڻا اڄ به سنڌ يونيورسٽيءَ کي اڪثر 'بند يونيورسٽي' ڪونيو وڃي ٿو، اڄ به اتي بائيڪاٽ ڪري ڪلاسن مان تعليم کي نيڪالي ڏيڻ وارا 'پيارا' موجود آهن ... جيڪي جلوسن ۾ تاڙين بجاءِ گولين جي گونج سان داد ڏئي رهيا آهن ـ ائين تو لڳي ته سندس هر لکڻي هر دؤر جي پڙهندڙ کي پنهنجي دؤر جي ڪهاڻي ٿي محسوس ٿئي ۽ اهو ئي ليکڪ جو معراج آهي.
سندس ڪالم ... 'نالن ۾ ڇا رکيو آهي؟'پڻ ڏاڍي دلچسپ نموني لکيل آهي، واقعي ڪڏهن ڪڏهن حسين ۽ انساني تاريخ جي ارڏن نالن رکڻ سان رُڃ جو دولاب پاسندا آهن.
'شوق جي بها ئي ڪونهي...' ڪالم ۾ پڻ ڏاڍو ڏاهپ سان، پهاڪن جو استعمال ڪري سنڌ جي اندر ٿيندڙ سياست جي مڪروهيت تان پردو کڻي ٿو .... چاهي اها قومپرست سياست هجي ... جنهن ۾ 'چنيسر' ٿيڻ جا ڪوڙ شوقين آهن يا قومي سياست هجي، جيڪي قوم کي ڪوڙا دلاسا ۽ ڏٿا ڏيون، اسيمبلين ۾ اوباسين ۽ بائيڪاٽن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن!
'جمهوريت ' تي ڪالم لکي اخلاق جي علمبردار، سياست جي ٺيڪيدارن جي سازشن ۽ چالاڪين کي عوام آڏو اُجاگر ڪيو آهي. اڄ به جمهوريت جو چولو پائڻ وارا جيڪا مڪروهه سياست ڪن ٿا، رهبر جڏهن عملن رهزن جو روپ ونن ٿا ته پوءِ شيطان به شرمائي ٿو. هي هر دؤر جي ڪٿا ۽ ڪهاڻي آهي.
تمام وڏي مهارت سان 'سماجي معاهدو' لکيو اٿس، ذات جي اظهار ۽ نسل جي تحفظ لاءِ جيڪي رسمون، قائدا، قانون ۽ اصول گهڙيا ويا آهن اهي واقعي روز روز جا قصا آهن.
'پنهنجا شهر...' ڪالم ۾ سنڌ جي شهرن جو درد ۽ ڌارين جي يلغار سبب جيڪو آباديءَ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، اُن تي اڄ جي وقت جو نوحو لکيل تو لڳي. چوڻ وارا چون ٿا ته 'ڪراچيءَ' ۾ ايترا مهاجر آهن جيترا 'پوري دنيا' ۾ به ڪونهن. 'ڪراچيءَ' ۾ ايترا 'پناڻ'آهن، جيترا 'پشاور' ۾ به ڪونهن. 'ڪراچي' ۾ ايترا 'پنجابي' آهن، جيترا 'لاهور' ۾ به ڪونهن! هي صرف ڳالهه ڪونهي پر انگن اکرن ۾ سچائي موجود آهي، پلي ڪو چاهي ته پيٽي سگهي ٿو... هي ته سنڌ جي صرف هڪڙي شهر جو مثال ڏنو آهي. باقي حيدرآباد، ميرپور خاص، نواب شاهه، سکر ۽ لاڙڪاڻي جهڙن شهرن ۾ پڻ تيزيءَ سان 'مالڪيءَ جي حق' کان سنڌي محروم ٿي رهيا آهن. ڌارين جي يلغار اڄ به جاري آهي، شهري حڪومتون هجن يا صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جو سيٽون .... آهستي آهستي ڌارين جي قبضي اچي رهيون آهن. سنڌ ۽ سنڌ جا شهر 'مَسائلستان'

ٿيندا پيا وڃن ۽ دردن جو پيندار .... جنهن ڪي ڏاڍي سهڻي نموني سان منظور ڪوهيار پنهنجي قلم سان چٽيو آهي، جنهن تي پڙهندڙ ڪيس داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندو.
چوندا آهن ته: ”ڪنهن به قوم لاءِ ’تعليم‘ ان قوم جي ’شناختي ڪارڊ‘ جو درجو رکي ٿي!“ ـ تعليم جي تباهيءَ کي اکين اڳيان ڏسندي پلا هڪ سڄاڻ اديب ڪيئن پُٺتي رهجي سگهي ٿو ....؟
’تعليم جي تباهي‘ ـ عنوان هيٺ ڪالم لکي پنهنجي قومي فرض پوري ڪرڻ، عوام کي تعليمي ماحول کان اُجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي اٿس. ايتري قدر جو ’اُستاد‘ جي وجود جي جنگ کي پڻ فوڪس ڪيو اٿس. سنڌ جي خيرخواهن کي ننڊ ۾ ننڊ ڏيندي دعوت تو ڏئي ته اچو ... گڏجي ڪري سنڌ مان ’جهالت‘ کي ڌِڪي ڪڍون ۽ ’اهليت‘ کي آڏيون ته جيئن هر ڌرتي واسي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مرتبو ماڻي سگهي ـ
منظور ڪوهيار، سنڌ جي هر ڏکندڙ رڳ تي مرهم جي ڪوشش ڪندي هر انهيءَ موضوع تي قلم کنيو آهي جنهن تي سنڌ جي سڄڻ، غيرتمند ۽ سڄاڻ شخص جو هانءُ مُٺ ۾ آهي. ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ ڄاون تي جيڪي روز بروز ڪلور ۽ ظلم وڌندا پيا وڃن، انهن کي قلم بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ايتريقدر جو ڪلاسيڪي ادب، فلسفي ۽ سائنسي ’سوادن‘ جو ذڪر پڻ پيرائتي نموني ڪيو اٿس. يقين نه اچي ته پوءِ پڙهي ڏسو، هي ڪالمَ توهان کي چوڏاري گهمندي، ڦرندي، جيئرا ۽ جاڳندا محسوس ٿيندا.
’ڪالم نويسي‘ آخر ادبي ڪيتر ۾ ڪهڙي جاءِ والاري ٿي؟ اهو ’ادب‘ جو حصو آهي يا وري ’صحافت‘؟
اهڙين لکڻين کي ’ادب‘ ۽ ’صحافت‘ جو سنگم چئي سگهجي ٿو، جيڪا نهايت ڏکي تخليق پڻ آهي. ڏکي ان خيال سان ته زماني وارن جي درد کي ڏسندي، محسوس ڪندي، حساس ليکڪ به دفعا درد محسوس ڪري ٿو... هڪ ڏسڻ پيري ۽ ٻيو وري ان وارتائن کي ڪاڳرتي قلم سان اتارڻ وقت ـ انهيءَ گهڙي ’قلم جي نوڪ‘ سنڌس دل کي وري وري جهير ڏئي ٿي. چو ته سنڌ جي دادلي ليکڪ ’امر جليل‘ چواڻي ته، ’تخليقي ادب .... انساني جذبن ... اڏمن ... اميدن .... خواهشن .... ۽ تمنائن جو تحريري دستاويز هوندو آهي‘ ۽ انهيءَ فارمولا تي منظور ڪوهيار بلڪل پورو لٿو آهي. سندس هي ڪالم عام رواجي ڪونهن پر اهي مستقل نوعيت جا تاريخي دستاويز آهن. انهن ڪالمن ۾ کي اهڙا به پهلو ليکڪ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن موضوعن ۽ معنائن ڪان اسين بلڪل وانجهيل هياسون. سندس ’خيال‘ همه گير ۽ ڌرتي ڄاون لاءِ يقيناً فائديمند ٿي سگهن ٿا، جيڪي ڪنهن مريض لاءِ بلڪل ’ڊاڪٽري نخسي‘ جي حيثيت رکن ٿا.
ليکڪ جي اهڙي ڪوشش کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي.
’ڪالم نويسيءَ‘ ۾ ڪوڙ ساترا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن جي تحريرن عوام ۾ انقلابي جاڳرتا پيدا ڪئي ...... انهن مان منهنجي پسند جا ليکڪ جهڙوڪ انگريزيءَ ۾ ’ڪائوسجي‘ ۽ امرجليل، اردوءَ ۾ ’جاويد چوڌري‘ ۽ ’ارشاد حقاني‘ ۽ سنڌيءَ ۾ ’امرجليل‘ ۽ ’منظور ڪوهيار‘ آهن. جن جي لکڻين ۾ مشاهدات ۽ منظرڪشي موهيو ڇڏي ٿي. تحريرون پڙهندڙ کي ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪريو ڇڏين چو ته منظور ڪوهيار ... پڻ انهن لکڻين جو مواد معاشري مان وني ٿو. جنهن ڪري هر پڙهندڙ کي پنهنجي قلم جي گرفت ۾ آڻي ٿو ڇڏي. منظور جي لکڻين ۾ پوءِ چاهي اها ڪهاڻي هجي يا ڪالم .....! بيشڪ ڏٺي ڪيس ذات به ڏني ته لکڻ جو ڏانءُ به اٿس .... ائين ٿو ڀاسي ته هن

جي قلم کي جڻ الله اکيون ٻه ڏنيون آهن ته دماغ ٻه ...! جنهن جي تخليق تي خود سنڌي زبان قربان ٿيو پوي ٿي، جڻ اکر، لفظ، تشبيهون ۽ اصلاحون سنڌس قلم آڏو سر جهڪايون ..... جي حضوريءَ ۾ حاضر بيٺا آهن. دعا آهي ته شل سنڌس ذات ۽ ڏانوَ ۾ مزيد نکار پيدا ٿئي ۽ هو ائين ئي سنڌي ادبي کيتر جي اڱڻ ۾ مزيد گل ۽ ٻوٽا پوکيندو رهي. شل سنڌس قلم جي سگهه اجان وڌيڪ سگهاري ٿيڻجي سگهي.

سنڌس 'ادبي پورهيو' جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي..... پڪ سان چوان ٿو ته توهان پڙهندڙ جي چقمق جهڙن ذهنن ۾ هي لکڻيون ضرور جاءِ والاريندڀون ۽ ادبي کيتر ۾ هي ڪتاب اهميت جو ڳو ثابت ٿيندو ۽ وقت جي دز هنن لکڻين کي ڪڏهن ٻه لٽي نه سگهي.

آخر ۾ پنهنجي پسنديده ليکڪ 'امرجليل' جون هي سٽون لکندي موڪلائيندس ته: 'هر لکيل لفظ کي پڙهڻ ۽ پرکڻ واري اک ملي ويندي آهي.'

۽ ممڪن آهي ته اها پڙهڻ ۽ پرکڻ واري اک اوهانجي هجي.

**منظور مشوري**
**لاڙڪاڻو**
Mob; **0300 3411822**

# پٽ ڪان پاسو، دعا ۾ اڏواڏ

ڏوهٽو يا پوٽو روپئي يا ٻارنهين آني جي ناس نانيءَ يا ڏاڏيءَ لاءِ و ني آيو. ٻہ ڏڪندڙ هٿ فضا ۾ بلند ٿيا. لفظ وات مان پاڻ مرادو نڪري ويا: ’ابا! شل وڏئون وڏ هوندين .... وڏي وار ٿيندين ... تنهنجا ويڙها وسندا ... راڄ ڀاڳ وارو ٿيندين ... آڏڙو ٻيڏڙو ٿيندين ...!‘

ڀاڄُ، ڀيڻ نياڻي نماڻيءَ ڏي ڀيرو ڪيو ... مٽي تي چمي ڏني .... ڀيڻ جون اکيون ڀاڻيءَ جي ڪٽوري جيان ڇلڪي پيون ... ڀاءُ لاءِ تڏو ساهه ڪٽي دعا گهريائين: ’ڀائڙا! الله ڪندو خوش هوندين ... جواٽي ماٽيندين ... ڪوسو واءُ نہ لڳنديءِ .... ڀيڻ ڏي ڀيرا ڪندين .... ولر ڪان وڇڙيل ڪونج جي سار لهندين ....!‘

پيءُ، ٻاهران جبل جهڙو ڪهرو، اندران پٽ جهڙو ڪوئنرو .... پٽ ٿوري دير ڪئي ... حيران پريشان ... پيرَ پيو سوريندو .... دعائون پيو گهرندو: ’مالڪ منهنجا! سولي سٽائي ڪجانس ... پناهه جو پاند ڏجانس ... منهنجي گناهن ڏي نہ ڏسجاءِ ...!

پر ماءُ تہ ماءُ ، ٻيو دنياجو ساءُ آ... پٽ لاءِ در ۾ اکيون وجهي پئي دعائون گهرندي: ’مالڪ منڙا! جهنگئون، واٽئون، پنڌئون امان ڏجانس ...! دشمن دور ڪجانس ....! ڊڪٺهار ڊڪجانس .....! بدنظر ڪان بچائجانس .....! ديسن پرديسن جو خير، تنهن سان منهنجي ٻچڙي جو بہ خير، آمين ...!‘

ماءُ، ڌيءَ ڌڻ لاءِ دعا گهرندي تہ هيئين چوندي: ’الله سائين، سولي سٽائي ڪجانس ... ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکارجانس، گهر ڀاتين سان مڪڻ ماکي، کيرکنڊ ڪجانس .... عزت آبروءَ جي رکجانس .... بدنيڪي ڪان بچائجانس!‘ انهن عام دعائن ڪانپوءِ ... سالڪن جون دعائون، عالمن جون دعائون، اميرن جون دعائون، غريبن جون دعائون، وزيرن جون دعائون، فقيرن جون دعائون، اوليائن جون دعائون ،پيغمبرن جون دعائون ... هر ڪنهن جون دعائون الڳ الڳ .... ڪي عمومي دعائون، ڪي خصوصي دعائون .... ڪي ننڍيون دعائون، ڪي وڏيون دعائون .... پر هي دعائون هر ڪنهن جي لاءِ، هر زماني جي لاءِ، هر مصيبت جي لاءِ ..... جي ’دعا گنج العرش‘ پڙهجي تہ روزيءَ برڪت، دشمن عاجز، ڪافرن سي غالب سفر سلامت (بشرطيڪ باڊي گارڊ هجن).... ’دعا جميلہ‘پڙهجي تہ گناهه ريگستان جي واريءَ جي ذرن جيترا يا درياهه ۾ پاڻيءَ جرـ ڦڙن جيترا هجن، برڪت ۽ فيض سان سڀ گناهه معاف. انسان ائين اڇو اجرو، جيئن ڪٽي ڪنيءِ مان ميرو ڪپڙو ڪڍي. ڪاڏي ويون چوريون، ڪاڏي ويون سينہ زوريون .... ’استاد دعا بزرگوار نمبر(1 ) ‘ پڙهجي تہ جاهل عالم ٿي وڃي، فقير تونگر ٿي وڃي، اگهو سگهو ٿي وڃي، لکو چکو ٿي وڃي، چربٽ راجا ٿي وڃي، انڌير نگري ٿي وڃي.

ان دعا جا معجزا هن گناهگار اکين سان ڏناسي ..... بادشاهہ، حاڪم يا بدمزاج آفيسر هجي، انهن جا ڪيسا گرم ڪرڻ ڪانپوءِ ’دعا فتح مهم‘ پڙهجي، نوڪريءَ جو مسئلو هجي يا پاڻيءَ جي پيچ جو، زمين جو مسئلو هجي يا ٻڌ ڇوڙ جو ، هر مسئلو حل، هر مشڪل آسان ... ’دعا فتح مقدمہ‘ پڙهجي تہ فريادي اندر، جوابدار ٻاهر ــ پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي چو تہ هر مومن خدا وٽ جوابدار آهي، نڪي عوام جي عدالت ۾، خدا وٽ دير آ، انڌير ڪونهي، پوءِ ڪٽي ساڙي، ماريس ڏنگائي ماريس....

’دعا ادائي قرض‘ پڙهجي، وڏا وڏا زراعتي قرض معاف، ڊلون معاف، صنعتي قرض معاف، وٽج واپار جا قرض معاف. پر هن دعا سان گهٽو ڏيڻ ونڻ ضروري آهي. جو تہ سگهٽي دعا پٽ برابر .....
’دعا استخاره‘ پڙهجي تہ ملڪي معاملن ۾ سپ ڪم آسان، خواب ۾ اشارا، ڪنايہ ۾ حڪومت ڪرڻ جون سپ رمزون ملي وڃن تہ نوي (90 ) ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائجي يا مرندي گهڙيءَ تائين نہ ڪرائجي. مجلس شورا ۾ ڪهڙا وزير ڪٽجن، ڪهڙا امير ڪٽجن؟ ڪهڙي ٽتوءَ کي تارو هٽجي، ڪهڙي تازي کي اشارو ڪجي؟ حڪومت ۽ اقتدار جي حوالي سان هيءَ دعا ڪارائتي، پر اها خبر ڪا نہ پوندي تہ موت ڪيئن ٿيندو؟ زمين تي يا آسمان تي يا ٻنهي جي وچ تي ....؟
’دعا باران‘ پڙهجي هڪ سال مينهن نہ وسي، پرواه ناهي، ٻئي سال پڙهجي، ٻئي سال بہ برسات نہ پوي، پرواه ناهي ور ور ڪري پڙهجي تان جو پنجن سالن جي سوڪڙ ڪانپوءِ، سيني سالن جي ڪسر نڪري پوندي ۽ پورا پورا پنج ڏينهن لاڳيتو مينهن، ڪچا گهر ۽ لانديون سيئي سربسجود، خدا جي رحمت اڳيان ـ انسان نا شڪر، ڪئمپ ۾ ڏڪا ڪائيندو وتندو امداد لاءِ، گهر هڪڙن جا ڪرندا، امداد ٻيا وٺي ويندا! خدا جنهن کي بہ ڏئي بغير حساب جي ڏئي، ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس .....! دعائون تہ دعائون آهن، ڪنهن کي بہ لڳن، بي بي ستيءَ جي دعا ڏاڙيل کي لڳي تہ گولي ئي نہ لڳيس. گولي وات واري تڏهن لڳيس جڏهن وهنجندي لاهي يا وڏيري سان حصي پتي تي اٽڪٽ ٿي پويس يا نئون صاحب نہ نهيس ....
ڪي دعائون لوڪ ورثو هونديون آهن، جيئن انڌي جمن چارڻ دعا گهري هئي تہ، ’ننهن کي ماڙيءَ تي ڏڌ ولوڙيندي ڏسان،‘ پر جمن جي چارڻ اڄ حال حيات هجي ها تہ هيئن دعا گهري ها: ’ننهن کي قومي اسيمبليءَ يا صوبائي اسيمبليءَ ۾ سياست کي ولوڙيندي ڏسان.....‘ ڪي دعائون سماجي هونديون آهن: مثلن ڊاڪٽر دل جي مريض کان پڇيو، ’هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟‘ جواب مليس: ’هاڻي توهان جون دعائون آهن....‘ ڪي دعائون دفتري هونديون آهن. وڏي صاحب کي، پٽيوالي ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست ڏني: آخر ۾ لکيائينس تہ، تنهنجي آل و اقبال جو دعاگو رهندس‘ صاحب نوٽ هنيس ’Rejected‘
ڪي دعائون سياسي بہ هونديون آهن. جيئن بہ ڪڏڙا، هڪ جسماني ۽ ٻيو سياسي ڪنهن ڪاني ڪرامت واري وٽ پهتا، بزرگ ٻئي هٿ مٿي ڪري ٻاڏايو: ’خداوند! هنن کي صاحب اولاد ڪر!‘ جسماني ڪڏڙي تازي وجائيندي ٺهه پهه جواب ڏنس تہ: ’برزگ سائين، دل سان دعا ئي نہ لڳي!‘ پر سياسي ڪڏڙي آس نہ لاٿي، زور سان چيائين ’ آمين!‘ چون ٿا، ان ڏينهن کان وٺي سياسي ڪڏڙو ڳهرارو ٿي پيو آهي. رڪي رڪي ڪيس آڏيڙ بہ ٿين ٿا، مٿي کي ڦيري بہ اچيس ٿي، ڳالهائي بہ بي تڪو ٿو. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪيس سياسي آڦري ٿي پئي آهي. پر پوءِ بہ اسان جي دعا اٿس تہ خيرن سان پير لهي، ائين نہ ٿئي جو ڪچن مهينن ۾ ڇڪي اچي وجيس ۽ حال هيٺان، سور ٻيٺان ٿي وڃنس.....

(ياڳو ٻيو)

بيون بہ ڪيتريون ئي دعائون ....... دعاءِ نور، دعاءِ عاشوره، دعاءِ گلوبند، دعاءِ سرياني وغيره ..... پر هڪڙي مخصوص دعا مولوي احمد وٽ بہ آهي .... حاجي قادر بخش جي 'تين' عشق واري شاديءَ ۾ رخنو ... قادر بخش جو پٽڪو مولوي جي پيرن ۾: 'مولبي صاحب! مري ويندومانءِ، لاش ڳچيءَ ۾ پوندءِ .... بلو ڪر، ڪا اهڙي دعا ڏي جو 'موران' جا هڙئي پٽ مڇو تي وڃن پئيسي تي .... اصلي چون چان ئي نہ ڪن!'
'اجان پيٽ نہ ڀريو تي ....؟ اجا تين شادي .....؟' مولويءَ پڇيس.
'مڙس لاءِ بہ بہ، تہ ٽي بہ، تہ چار بہ ..... تو جيڪو هن پيري پنهنجي وات سان چيو، اهو ڏيندومانءِ ..... دعا ڪا ٺاهوڪي ۽ تکڙي لکجانءِ تہ جيئن ڪم ذالقاد مهيني کان اڳ ٿئي ..... تنهنجي نئين پاجائي کي رسول عربي جي چائنٽ بہ چمرائي اچان. تولاءِ ڪيتيءَ جو وڳو، جبو ۽ راڊو واچ بہ وٺي اچان . .....!'
حاجي قادر بخش جي سونن ڏندن مان نڪتل، سونا ٻول ٻڌي، ٽيو ملا مجبور .... اهل وعيال وارو ... پيٽ ڪتو الڳ .... ڪاڏي وڃي .....؟ قادر بخش لاءِ پنا ڪارا ٿيا .... دعا ٻڌڻ لاءِ مليس، دعا پورڻ لاءِ .... دعا ساڙڻ لاءِ مليس، دعا پيئڻ لاءِ .... خبر تڏهن پئي، جڏهن 'موران' جي شادي غلاموءَ سان ٿي وئي قادر بخش جا لاهه نڪري ويا .... ويو سڌو ملان ڏي ..... ملان چيس، 'چريا! ضرور توکان غلطي ٿي هوندي، پورڻ واري ساڙي هوندءِ، ساڙڻ واري پوري هوندءِ . .....!' ۽ پوءِ گهر ڦٽائڻ وارين دعائن جو سلسلو.. ... آخر ڳالهه ڦاٽ ڪاڏو ..... ڪٽي جو ڳولن ڦولهن تہ چلهه ۾ دعائون، جنڊ ۾ دعائون، واڙي ۾ دعائون، موينر ۾ دعائون .... خبر پئجي وئي تہ سڀ ڪم قادر بخش جا .....'تون چا!؟ مان چا!؟ هڻ جو ڪهاڙي جو پاهو تہ قادر بخش ڏيري .... چري نہ پري.
'موران' جو مڙس 'غلامون' ٽاٽي ۾ .... نئون نئون ٽاٽي ۾ آيل، لائين جو ماريل 'صفر' صوبيدار ..... بہ ٽي جو چندڪا ڏنائين تہ 'موران' جا هڙئي ڳهہ ڳنا ڳري، ڦري وڃي صوبيدار جي ٻي جوءِ جي ڳچي ۽ ڪنن ۾پيا .... ڪنهن ساهيڙيءَ چيس، 'ادي، هاٽي خوش آن! الله ڪيو!'
'ها ادي، مرشد سائين جي درگاهہ تي دعائون گهرندي هيس، سيئي صاب پيون، هاٽي، ٻي دعا گهرندس تہ ماريو، مرندي گهڙي تائين ٽاٽي تان بدلي نہ ٿئي!'
ائين دعائن جو سلسلو، هڪ فرد کان وٺي، قومي، مذهبي سياسي ۽ سماجي گوهن تائين ڪنهن زنجير وانگر ڳنڍيل، تاريخ جي هر دؤر ۾ ... جيئن يهودي نوجوان 'زايئان' (يروشلم ۾ حضرت دائود جي رٿيل هيڪل وارو شهر جو مخصوص پاسو، جيڪو پوءِ سندس پٽ حضرت سليمان تعمير ڪرايو) ۾ هڪ دکدائڪ دعا هيئين گهري هئي تہ:
'تون منهنجي دعا ٻڌ، او منهنجا خدا!
جڏهن بہ مان مشڪل ۾ هجان
مون کان پرتي نہ وڃ
سڻ سوال منهنجو
ڏي جواب مون کي، جڏهن مان پڪاريان،
زندگي منهنجي دونهين وانگر اڏامندي ٿي وڃي،
آڳ جيان جسم جلي رهيو آهي،
ڪنهن خشڪ گاهہ وانگر لتاڙجي ويو آهيان،

ڪائڻ پيئن جون سڀ خواهشون ختم ٿي ويون آهن،
مان ڪنهن صحرا جي جهنگلي پکيءَ جيان آهيان،
يا ويران جاءِ تي ڪنهن چيري جيان، اڪيلي ڇت تي ....
سڄو ڏينهن دشمنن جون ڏنل ذلتون ٿو سهان،
چيڙائن ٿا ۽ وجهن ٿا لعنتون مون تي
تنهنجي ڪاوڙ ۽ قهر جي ڪري ئي خدا!
جيڪو ٻہ پيئان ٿو، ڳوڙها پيئان ٿو.
تو مون کي کنيو ۽ وري اڇليو
پوياڙيءَ جا پاڇا تي وئي حياتي ....
تون قادر آن، هميشہ جو حاڪم!
سڀ ايندڙ نسل توکي ياد ڪندا
تون ايندين ۽ 'زيئان' تي ڪندين ٻاجهہ
جو تہ وقت اچي ويو آهي
تنهنجي رحمت جو....

۽ پوءِ اڍائي هزارن سالن کانپوءِ ان يهودي نوجوان جي دعا اگهامي:
خدا ۽ انگريزن جي ڪرم نوازيءَ سان کين 'زيئان' سوڌو يروشلم ملي ويو. پر فلسطيني نوجوان کي اها دعا بددعا ٿي لڳي. هو پنهنجن ئي شهرن جافہ، رسلہ، گليلي ۽ حلہ مان دربدر خاڪ بسر ٿي ويو ۽ ان تاريخي دعا جي سهاري اڄ بہ يهودي نوجوان اڳاڙي ٿو فلسطيني نوجوان کان وياج ۾ خون، عزت، آبرو ۽ ڌرتي .....
چار سؤ سال اڳ يورپ جا عيسائي بہ خدا ۽ ابنِ مريم کان هيءَ دعا پنندا رهيا:
'اي خداوند! شيطان جي شر، ترڪن جي پليگ کان پناه ڏي! (God! Save us, from devil, Turk s and plague)
پوءِ خداوند ۽ يسوع مسيح انهن جي جلد ٻڌي، ترڪن ۽ پليگ ٻنهي تي فتح حاصل ڪيائين. پر شيطان جي شر ( Satlnasm ) مان اڃان جان آجي نہ ڪرائي سگهيا ....!
ڪجهہ عرصو اڳ، وڙهندڙ جي پٽ ۾، پڄندڙ جي اڳ ۾، هن ملڪ جي نام نهاد اسلامي نيڪيدارن، هن سڄاڳ صديءَ ۾ هيئين دعا گهري تہ:
'اي رب جليل! تون پنهنجن ٻانهن کي ازغيبي طاقت عطا فرماءِ تہ هو بغير ڪنهن هٿيار پنهوار جي دشمنن مٿان غالب پون ۽ انهن کي اڪر جي اشاري سان چيري ڇڏن ..... مال غنيمت ڪنو ڪن ۽ پوءِ انهن کي ورهائن تہ جيئن هر هڪ کي حصي ۾، گهٽ ۾ گهٽ چار زالون ۽ ڏهہ ڪنيزون اچن .... آمين .....!'
رب العالمين، مرضيءَ جو مالڪ جڏهن انهن جي اها دعا قبول فرمائي تہ ٻي دعا سندس بارگاه اقدس ۾ رکي وئي:
'اي واحد القهار! تون دشمنن جي مٿان پنهنجو قهر ۽ عذاب نازل ڪر تہ هو تباهہ ۽ برباد ٿي وڃن. جيئن اسان بنا روڪ ۽ ٽوڪ جي گهمندا ڦرندا، ناس ڏيندا، حلوو ڪائيندا، قبلہءِ اول ۽ ڪامل جي

مسجد ۾ نماز پڙهي سگهون .....‘ رب باري بي پرواهه جڏهن سندن افعالن کي ڏسي انهيءَ دعا تي ڌيان نه ڏريو ته ٽئين دعا تيار ٿي وئي:
’اي احڪمالحاڪمين! سڄي دنيا ۽ پنهنجي ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جي آرزو در خاڪ سهي، ليڪن هي آخري عرض سڻ ته ابليس ۽ اسان کي چڙواڳ ڇڏ ته جيئن ابليس آرام سان فساد ۽ ڦڏي جي چوچڙي ۽ چٽنگ ٻاريندو رهي ۽ اسان هٿن ۾ چيٽا جهلي ڦيٽا پڙهندا رهون، ۾ ۾ چيٽا جنگ مچاءِ! ۾ ۾ چيٽا جنگ مچاءِ!‘... پاڻهي ملڪ جي اندر ٻاهر جهيڙي ۽ جنگ جي دونهين دکندي ويندي .... گهر سڙيو ته پرواهه ناهي، ڪوئا ته مرندا، انهن کي ته سيڪٽ ملندي، جن گذريل اليڪشن ۾ اسان کي ووٽ نه ڏيئي، اسان جي عبائن، قبائن ۽ عصائن جي عزت نه رکي....‘
۽ اهو ٻڌو ويو آهي ته سندن اها دعا به، ان سميع ۽ بصير حال في الحال ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي .... وڏيڪ ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي . ....!؟

## (آخري ڀاڱو)

دنيا جون وڏيون وڏيون قومون طاقت، آبادي ۽ خوشحاليءَ جي لحاظ کان به دعائون گهرنديون آهن. انهيءَ ڪري آمريڪي سرواڻن، وائيٽ هائوس ۾ هينئين دعا گهري ته:
’او لارڊ، گاڊ! اسان هڪ عظيم قوم آهيون، جنهن لاءِ پاڻ کي ننڍن ننڍن خوابن تائين محدود ڪرڻ زيب نه ٿو ڏئي .... اسان جي سڄي دنيا تي حڪمرانيءَ جي خواب پورو ڪر .... اسان جي خفيه ايجنسين جي مدد فرماءِ ته جيئن اسان دنيا جي ڪنهن به قوم کي چڱائي ڪري ڪو سياسي، سماجي يا اقتصادي گهٽيو ڏيون ته اها تارا نه ڦاٽاري ..... ۾ پنهنجي قسمت سمجهي صبر ساري ته جيئن هن جهان ۾ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ داخل ٿي سگهي ۽ اڳلي جهان ۾ تنهنجي بادشاهي ۾ داخل ٿي سگهي .... اميد آهي ته اسان جي ان ڏي وٺ Give and Take جي وهنوار کي نه وساريندين، آمين!‘
انڊيا وارن، مندرن ۾ سنک ۽ گهنڊ وڄائي وينتي ڪئي:
’اي پريم ايشور .....! اي ديالو! تون ديا ڪجانءِ ... سر لتا، اهنسا، سچ، اڪروڌ، تياڳ ۽ شانتيءَ ۾ رکجانءِ .... دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت جي رکشا ڪجانءِ .... ته جيئن ديش ۾ ڌنوان ۽ نرڌن جو ويڇو وڌندو رهي ... اوم .....! سروم . .....! شانتي .....! اوم .....! سروم .....! شانتي ...! پون! پون! ٽڙنگ! ٽڙنگ!‘
جاپان وارن پڳوڊن ۾ خاموشيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان يوگا جي مشق ’پد آسل‘ ڪندي دعا گهري:
’اومهاتما! ڏکن کي سهڻ جي تلقين ڪرڻ وارا! تون اسان کي صبر جي شڪتي ڏني، جڏهن آمريڪا وارن اسانجي شهرن تي ايٽم بم هنيا ... هاڻي تون، آمريڪا، يورپ ۽ سڄي دنيا وارن کي صبر عطا ڪر ته اسان جي لڳل ’اقتصادي بم‘ تي اعتراض نه ڪن .... توٽي جو اسان وٽ لوهه جو ذرو به ڪونهي!‘

ٽين دنيا جا جابر حاڪم به دعائون گهرندا آهن:
’اي جبار! اي قادر! اي قهار! تون اسان ۾ ڏاڍ پر، ڏمر وجهه .... جبر ڏي .... ته جيئن اسان ڪان ڪو ڏاڍو نه ٿئي ..... ڪر ڪٽي ته جبر جهڪائي وجهيس.... بغاوت جو سوچي ته ڏمر ڏڪائي وجهيس...‘
انهن جابرن، حاڪمن ڪانسواءِ ڪي بيوس، نماڻيون، سباجهيون، نڌر قومون به دعائون گهرنديون آهن، هن ڌرتيءَ جي گولي تي. هيئن هي قوم دعا پئي گهري ته:
’اي سرجڻهار! اي پالڻهار! اي داتا! اي ڏٽي! اي رڪپال! توکي پتو آهي ته پاڻ هزارن سالن ڪان وٺي سڌريل رهيا آهيون .... اروڙ جي ٽڪرين تي اسان جي محنت ڪش هٿن جا ٺهيل پٿر جا چاقو شاهدي ڏين ٿا ته اسان چاليهن سالن ڪان وٺي، هن ڌرتيءَ تي پيار پاٻوهه سان گڏجي رهڻ شروع ڪيو .... ٿي هزارپنج سؤ سال اڳ اسان تي آرين هلان ڪئي ..... اسان ليلايو .... تو نه ٻڌو، مونهون مليا ميٽ ٿي ويو. سورنهن سؤ سال اڳ پورا وحشي ’هن‘ Huns ڪاهي آيا ...... اسان ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري عرض ڪيوسين ...... تو واهر نه ڪئي .... جيڪر، ننڌل، چوٽياري، چٽ ٿي ويا. ٻارنهن سؤ سال اڳ عربن جنگ جوٽي .... اسان توکي پيٽائون ڏنيون ....تو قبول نه ڪيون ... ديبل ۽ الور دنب ٿي ويا .... ٿي سؤ سال اڳ ترخانن ٺڻ مڻ تپائي ڏنا ... اسان گيسيون ڪندي فريادون ڪيوسين ... تو داد نه ڪيو .... نگر شهر، واهڻ وسنديون تباهه ٿي ويا .... او منهنجا ڏٽي ...! وارث وسيلا ....! هاٽي ته پنهنجي پاند ۾ پناهه ڏي ..... گگدامن تي ڪهل ڪر.... هلڻ ڪان هلاڪ ڏٻري ڍرون جهڙا اسان ...... مچر گهٽا ..... ڪاڏي وڃئون ...... مٿان ماڪوڙن ۽ چيٺورن جا لشڪر .... ڪهڙن گناهن جي سزا ڏئي رهيو آهين! تون هنن نماڻن تي، سباجهن تي، اٻوجهن تي، رحم فرماءِ .... توکان سواءِ ڪهڙو ڏٽي سائين .... تو رڪپال رحم ڪر ... الله صمد .... الله صمد ....! جل تون جلال تون، آئي بلا ٽار تون .... شهرن تي ڪرم ڪر.... ٻهراڙين تي ٻاجهه ڪر ... دهشت گردن ڪان امان ڏي ..... ڌاڙيلن ڪان پناهه ڏي ..... پوليس جي پير ڪان، وڏيرن جي وير ڪان بچاءِ ....‘
ڪجهه پر پرو به ڄڻا نوجوان اٽين وارن وارا فلاسفرٽائيپ دعائن ۾ شامل نه هئا: تن رڙ ڪري چيو ’مهاتما ٻڌ چيو هو ته دعا ڪان بهتر آهي، غور ڪجي، ڏک جو تجزيو ڪجي ۽ ڏک سهڻ لاءِ پاڻ کي تيار رکجي .....‘
به ڄڻا اجان ڪجهه پر پرو وٿ سٿ ڪائي رهيا هيا، تن زور سان رڙ ڪئي: ’ٻڌ جي فلسفي ۾ اضافو ڪرڻو آهي ته دعا ڪان بهتر آهي ته غور ڪجي ۽ ڏک ڏيندڙن سان ڪفن ٻڌي مقابلو ڪجي ....!‘
دعائين ۾ شامل سيئي عالم فاضل عام ماڻهو حيران ٿي ويا، چوٻول ٿي ويو: ’هي ڇا ....!؟ هي ڇا ....!؟ دعا تي اعتراض...... صدين ڪان گهرندا آيا آهيون ....! دعا جي اهميت ڪان ڪير انڪار ڪندو!؟ اها ته هڪ وڏي آس آهي، اميد آهي، آسرو آهي!‘
’انهيءَ آس، انهيءَ اميد، انهيءَ آسري تي ته لُٽبا آيا آهيون ۽ لٽبا اچون ٿا ته غيب مان ڪا امداد ٿيندي ...... نه ٿي آ، نه ٿيندي ...! ڏک ڏيندڙ سان هر سطح تي مقابلو ڪجي، اهو ئي آخري حل آهي.‘
نوجوانن جوابي حملو ڪيو... انهن جوشيلن جوانن جي باري ۾ چڱن ماڻهن جو چوڻ آ ته پهريون خطا ڪائيندا ۽ پوءِ سزا ڪائيندا... وڏيڪ خدا کي خبر... خدا حق وڪيل آ .... اسان ته سندن حق ۾ دعا ئي گهري سگهون ٿا ته خدا کين حقئون به رکي، ناحقئون به رکي ..... ۽ انهن جي حق ۾ دعا جا به

اکر .... جيڪي زندگي سان جهيڙيندي اسپتال جي بستري تي پاسا ورائيندي افضل قادري جيان چون ٿا:

’دوا جي بدران دعا جو تازو ڏس ڏنو آڏاهي ڙي!
هي ظلم نہ آ تہ، ٻيو چاهي ڙي!
*

# سچ مرچان_ڪوڙ ڳڙ

’اوائلي انسان گول مٽول هيو. ان کي چار ٻانهون ۽ چار ڄنگهون هونديون هيون، ٻہ هڪ جهڙا منهن ۽ مٿا، چار ڪن، نسل وڌائڻ وارا بہ عضوا. اُهي سگهارا، همٿ ڀريا ۽ هنيلا هيا. انهن هڪ ڏينهن همٿ ڪري آسمانن تي چڙهي ديوتائن تي حملو ڪري ڏنو. زيوس ۽ ٻيا ديوتا پريشان ٿي ويا تہ انهن سان ڪيئن نبرجي؟ زيوس ديوتا حل ڪڍيو .... هن سڄي نسل انساني کي ٻن حصن ۾ ودي ڇڏيو. جيئن صوفن جو آچار ناهڻ يا ڪنهن ٻي ميوي کي سڪائڻ لاءِ اڌو اڌ ڪيو ويندو آهي ... پوءِ هر هڪ انسان (مرد يا عورت) ان اوائلي انسان جو پڳل ٽنل اڌ ٿي پيو. انسان جو اصلي جسم جو ايئن ٻن حصن ۾ ورهائجڻ ڪانپوءِ، هڪ حصو، ٻئي حصي سان ملڻ جي اڪير ۾ تڙپندو رهيو، اهي ٻئي حصا جڏهن بہ مليا تہ اها سڌ رکيون تہ شال وري گڏجي هڪ ٿي وڃون ... تنهن ڪري انسان جي پنهنجي ٻئي اڌ جي ڳولا، سڄي جي سڌ، جستجو ۽ تڙپ جو نالو ئي ’پيار‘ آهي ....

شاعر ’ارسٽوفينز‘ هي قصو، ناٽڪ نويس ’اگيٿون‘ جي گهر ۾ رات جي دعوت تي ’پيار‘ جي موضوع تي بحث ڪندي ٻڌائي رهيو آهي. اُنهيءَ بحث ۾ انهيءَ زماني جون عظيم شخصيتون، جن ۾ استاد سقراط، طبيب اريڪسيميڪس، روشن خيال فردرس، ڏڪتار پاسنياس ۽ خوبرو جوان الڪيا بيادس پڻ شامل هيا. يونان جي انهيءَ چار سؤ سورنهن ق/م واري ٻڌايل ديو مالائي قصي تي ڪٿي يقين نہ بہ ڪجي، ليڪن ان ۾ اهو تہ اعتراف آهي تہ مرد ۽ عورت انسان جا بہ مڪمل حصا آهن. جنهن ۾ هڪ، ٻئي ڪانسواءِ اڌورو آهي .... ليڪن هن ڪمپيوٽر واري دؤر ۾ ڪي اهڙا ڳاٽي ٻڌا سماج آهن، جتي عورت کي انسان ئي تصور نہ ٿو ڪيو وڃي ۽ اهڙا ڪوڙا قصا، تاريخون ورجائجن ٿيون، جنهن ۾ عورت ذات جي لاءِ نفرت استحصال ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي .... جيڪا، عورت مرد کي ڄٽي ڏيهہ ڏيکاري ٿي، تنهن کي مرد جي پاسراتي جي پيداوار سمجهيو وڃي ٿو .... جيڪا تاتي نپائي وڏو ڪري ٿي تنهن کي زر ۽ زمين سان ملائي فساد جي جڙ ڪوٺيو وڃي ٿو .... جنهن جي ٿڃن جي ٿڃ ڏائي مرد وڏو ٿئي ٿو تنهن کي شيطان جو شر سڏي ٿو. جت عورت سان اهو سلوڪ هجي، ورتاءُ هجي، اتي عورت پنهنجي ڄائي ڄٽي کي کهڙي مڪمل سماجي تربيت ڏئي سگهندي ....؟ جيڪا پاڻ احساس محرومي ۽ عدم تحفظ جو شڪار

هوندي تہ ايندڙ نسل ڪي ڪهڙي خود اعتمادي ڏئي سگهندي ....؟ اها ايئن ئي ڪندي جو ڇٽيندي ويندي، ڍنگرن تي اچلائيندي. سماج جي نفسيات ۽ ٻار جي نفسيات جا ماهر، اُن ڳالهہ تي زور ڏين ٿا، تہ انساني شخصيت جي انتشار جو سبب ٻار جي صحيح تربيت نہ هئڻ جي ڪري ٿئي ٿو، جنهن ۾ ماءُ جو ڪردار اهم ٿئي ٿو. ليڪن جنهن جاءِ عورت لاءِ اهي لفظ استعمال ٿين تہ، ’عورت ذات تي لک لعنت آ .... عورت آپير جي جتي، هڪ لاهي ٻي پائبي ..... عورت ڪي عقل ڏائي ڪڙي ۾ آ، رات جو اهو بہ گم .... ‘ اها موت ۾ ڪهڙو ڪلياڻ ڪندي؟

جڏهن تہ هن صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ، انگلستان ۾ عورتون اهڙن لفظن ۽ ٺٺولين تي چڙي پيون هيون. هنن پارليامينٽ جي اڳيان زوردار احتجاج ڪياتہ عورت ڪي CHATTLE (شخصي ملڪيت ڳئن ۽ گهوڙن جيان) نہ سڏيو وڃي ۽ نہ ئي وري سندن وجود جي باري ۾ ايئن ٺٺوليون ڪيون وڃن تہ ’خدا پهريائين سڄي دنيا ڪي تخليق ڪيو ۽ پوءِ آرام ڪيو. پوءِ هن مرد ڪي تخليق ڪيو ۽ آرام ڪيو. آخر ۾ عورت ڪي تخليق ڪيو. انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي نہ خدا ۽ نہ وري مرد آرام ڪري سگهيو ...؟‘

انهن پنجن حقن لاءِ ’عورتن جو سماجي ۽ سياسي اتحاد‘ نالي تنظيم ناهي .... نوي هزار پائوڊ چندو جمع ڪيو .... اخبار ڪيڊي .... جلسا ڪيا .... رجعت پسند مردن پارليامينٽ مان ’ٻلي ۽ ڪئي‘ نالي اسپيشل ايڪٽ پاس ڪرايو ... متائن تشدد ٿيو .... جيلن ۾ وڌو ويو ... جلاوطن ڪيو ويو .... ليڪن عورتن جي جدوجهد سياسي ۽ سماجي سجاڻن جي پنيرائي ۾، رجعت پسندن ۽ مذهبي جنونين ڪي جهڪائي وڌو ..... اڄ سڀني ترقي پسند ملڪن ۾ اهو خنده پيشاني سان اعتراف ڪيو ٿو وڃي، تہ سندن سماج ايستائين ترقي نٿو ڪري سگهي، جيستائين اعليٰ قدر ۽ معيار نہ ٿو ڏئي سگهي، جيستائين عورت ڪي گهر ڪان وٺي، ملڪي معاملن تائين ٻاڱي پائيوار نہ ڪيو ويندو ..... ليڪن اسان وٽ هن صدي جي ذري گهٽ آخري ڏهاڪي ۾ بہ عورت ڪي پرايو ڌن سڏيو ٿو وڃي ....

ڏيءُ ڌڻ چيو ٿو وڃي ... اسان وٽ عورت اها ئي مجبور ۽ محصور، قيدياٽي، بانداياٽي، ٻڌي ٻانهي مجازي خدا اڳيان، پيءُ جي اڳيان، ڀاءُ جي اڳيان .... انهيءَ ڪري جو اسان وٽ اڄا بہ ڏيءُ ڌڻ هوندي آهي، رڍن جي ڌڻ جيان ..... مال جي مالڪ جي مرضي آ سودي ۾ ڏي، قرض ۾ ڏي، آڏري ڏي، وڪٽي يا ڪهي ڪائي ....اسان وٽ اڄا بہ عام عورت (خاص الخاص عورتون نہ)انهيءَ حالت ۾ تہ:

هيڪ جيئن تہ جاياس، ٻيو جا پندي جي مران،
گهنگهر گهٽو ٿياس، جاپي ماروئڙن ڪي .

پهريتي جائي تہ سورن ۾، نياڳي ليکبي .... پٽنهس ڪي آيو ويو، سنوڻ طور ست پادر هٽندو تہ متان ٻيهر ڏيءُ ڄٽي .... هندو ڪميونٽي ۾ ٺن پٽن جي متان ڏيءَ جائي تي تہ شهر ڊنيورو ، مائي ، تڪڙ جائي آ .... ڀڳوان خير ڪندو! ..‘ جوان ٿئي ڪان پوءِ جنهن ڪي خبر پئي نڪ ڪي موڙو ڏئي هليا ويندا، ’نہ مائي! تڪڙ ڪير ونندو ...!‘ ڀهراڙيءَ ۾ جائي تہ جمڻ سان سورن جي ستي ملندس .... ڪنهن انڌي ڪاٽي جي نالي تي ويندي .... جوان تي تہ انڌي جو پيءُ اڇي در تي ٻيهندو ۽ چوندو ’ ٻانهن ڏيو ...!‘ سڀ ڪو چوندو، جيڪو منجهہ ازل، تنهن ڪي ڪير وجهي جهل .... پوءِ ٻانهن انڌي جي حوالي ۽ انڌي جي جوءِ، الله جي حوالي ....جي ڏي وٽ ۾ وئي تہ بہ سورن سانگهارو

ڪونہ ٿيندس ... روز جهيڙا، روز فساد .... ڪڏهن مڙس ڳت کان وٺي پيڪي ڇڏي ايندس، ڪڏهن پاءُ ٻانهن کان وٺي ساهري ڇڏي ايندس ....ايئن سڄي عمر ۾ اڳيان پاڻي، پويان چڪ هوندس. پوءِ ٻہ چوندس تہ ڏيءَ اها جيڪا سهرا ٻہ ملهائي تہ پيڪا ٻہ ملهائي ....جي ڏي وٺ ۾ نہ وئي تہ پيٽ ۾ ويندي ...پهريون پيٽ يا ٻيو پيٽ ماءُ پيءُ جو، جيئن مال آڌيارو ڏبو آ ... پيءُ ماءُ جون نظرون ٻہ پيٽ ۾، تہ مڙس جون ٻہ .... ڪڏهن ٿي ٻچا ڦوڙي تہ وارثي ڪيون ... جي ڏيءَ جائي تہ پيءُ خوش، مڙس ناراض، جي پٽ جائو تہ مڙس خوش، ابو امان ناراض ... ايئن جند جي ٻن پڙن ۾ پئي ڏڏربي، چڙبي، پيسبي .... پر جي منهن مهانديي سان، هڏ ڪاٺ سانب جائي ۽ پٽنهس آياڙ جو پتو تہ پوءِ ٽڪن تي وڪامبي ... ملھ ٿيندو، واڪ لڳندو .... پنجويهہ هزار .... پنجاهہ هزار ..... ٻہ جريب ٻنيءَ جا .... پوءِ پيءُ ماءُ پنهنجن ئي هٿن سان ڌاڙي جيڏي ڏکهہ سان ٽنگ جيڏي ڪنوار ڪيڏي ڏيندو ......!

شهر ۾ ڏيءُ نہ ٿي ڄڻ ڪني مڇي، ڪير وٺي؟ اڳيو زمانو تہ ڪونهي جو ليلم پائي لڏي اچي، ور جي گهر ويهي ..... هاڻي ڪير تو ڏسي سگهڙائپ، رڌي جي، پڪي جي، ٽوپي جي ٽڳي جي ....؟ يا لڄڻ ڪي ڪير تو ڏسي، اٿڻ ۾ ويهڻ ۾، ڳالهائڻ ۾، ٻولهائڻ ۾، ادب ۾، اخلاق ۾....؟ هر ڪو ڏسي تو ڏاج ڪي، ڏاج ۾ چاهي ؟ ڪار آ يا فرج آ، ٽي وي آ يا وي سي آر آ ... پيءُ ماءُ اڙڪو تڙڪو ڏاج ۾ ڏئي ڏيءُ اڳهائي ....مرڻ کان اڳ پٽن کي وصيعت ڪري تہ توهان وري ڀين کي قرضي ڪجو .... هيءَ ڏيءَ هئي شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي هيٺين ۽ وچين طبقي جي، پر جي اها ڪنهن خاني، خان يا سيد وٽ جائي تہ ويچاريءَ جو جوڙ نہ ملندو، جيڪو گهرندو تنهن مان وڏ نڪرندي، اسان الاٽا، هو فلاٽا .....! ڪاڏهون ڳالهہ نهي، جوڙ جتيءَ جا ٻہ ناهن .... جو تہ الاٽو ، الاٽي ڪي ڏيندو، فلاٽو فلاٽي ڪي ... پوءِ ويني ورهہ ٿي ويندا، چانديءَ جو تارون پئجي ويندون ... آخر ۾ بي بي پلي، ڊڪي پلي .... ستي ٿيندي تعويذ لکندي، جڳ محتاج ... جي ڏيءَ، مڏي ملڪيت واري وٽ جائي تہ جڻ پڪي، پڃري جو ٿئي. ڪيئن طوطن جهڙي ڏيءَ خان، سرائي ۽ سيٺ ايئن سوني پڃري مان ڪيڏي ڏي، انهن کي، جيڪي سندن ملڪيت ۾ جنهن ٻلي جيان تارا وجهيون ويٺا آهن. پوءِ جيڪا پيءُ يا پاءُ جي مرضي،سا الله جي مرضي ...

ڏيءُ نام نهاد غيرتي وٽ جائي تہ جڻ ڪلهہ مري وئي .... غيرتي هٿ وٺي پٽ کي سمجهائيندو تہ، عورت آ ننگر جو ٿاڻءُ، هڪ ڀڳو ٻيو وٺبو .. جي پلاند ڪرٽو هجئي سياٽپ وارو، تہ دشمن کي ماري پنهنجي ئي عورت کي ڳترا ڪري مٿان اچلائينس. ڪارو ڪاريءَ جي ڪيس ۾ خون آيو ويو يا وڏ ۾ وڏ ٽي سال ٽيپ .... جي فيصلي ڦاڙيءَ ۾ ڏنڊ ڇٽيون پئجي ويا تہ ٻہ پرواهہ ڪونهي. خون ٻها ۾ ٻہ عورت ئي ويندي ....ڳيٽ مليندي، لوڙي چوڙي پاڻ پٽيندي، تون رڳو مڙس ماٺهو ٿيجانءِ، چو تہ عورت اڃٽي وڃٽي شيءِ آهي. جي ڪوسيري وئي تہ جوٽيري ملندي، جوٽيري وئي تہ ڪوسيري ملندي.

پر جي ڏيءَ جو الله ڀاڳ ڀلو ڪيو، مڇي ماني لائق ويڙهي ۾ جائي .... درئون گهرئون ور ملي ويس ، سڳو سوٽ .... چاچو، بابو سيئي خوش تہ جي گهر ۾ ڪڏ هجي، تہ ٻهر ٻاهر ئي نہ ڪيجي... ٻئي نندا نيٽا، سڻ مان ساءُ پيو اچي، مڙسهنس اجان ڪاليج پئي پڙهيو ....

پيءُ ۽ چاچي جي خرچ تي يونيورسٽي ويو. پنيان جبل جيڏيون اميدون، آسرا ... جڏهن ٻہ اڪر پيٽ ۾ پيس تہ جاڻ وڌيس تہ محبت چا آهي ....؟ زندگي چاآهي ...؟ سمجھ ۾ آيس تہ زندگيءَ جو ساٿي LIFE PARTNER پڙهيل ڪڙهيل هجي، فاوورڊ هجي، نوڪريءَ ۾ سوين هينايون مٿايون، صاحبن سان تہ ڳالهائي سگهي، پروموشن تہ ڏياري سگهي .... نوڪري مليس تہ پيرن تي بيٺو، پاڻ

پرو ٿيو تہ، پرَ لڱس ... ڏھ ڏند چوڏھن پاسيريون، اهڙي تہ وٽي ويس جو فنا في المعشوق ٿي ويو ..... متا ڪتا ڏئي عشق جي شادي Love Marriage ڪيائين .... همراهہ ڪي هاٽي چوڻ وارو ڪير؟ چو تہ ’سچ مرچان ڪوڙ گُڙ، پير پئسو زال گر، جيئن پئي آڪي تيئن پيو تر‘ ... انڊي محبت ۾ پويان ويس وسري، اڳيان لڱس مصري ....ترقي پسند ۽ ترقي يافتہ مرد نئون آشيانہ اڏي ويهي رهيو، پراڻي آڪيري ڏي ڏنائين بہ ڪو نہ تہ ڪو ساهدار بہ سندس انتظار ۾ هوندو .... سادي سودي عورت وٽ آهي ئي اوسارا، ڊندڪار هڏڪيون ۽ پوءِ:
آئل ڙي او لاٽا، ڏنا جي جيجل ماءُ .....

افضل قادري

او ڪوي ديس جا! مت چو ٿي منجهي
ڪوڙ اَيڏو نہ هڻ
سچ سامهون اچي، ڪٿ ڪڍي آ ڪني
ڪوڙ اَيڏو نہ هڻ
پنهنجي هٿ جو ڪنگڻ آرسيءَ ۾ ڏسي
ڪوڙ اَيڏو نہ هڻ

هي پنهنجي اندر سان جهيڙيندڙ افضل قادري آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي جناح اسپتال مان مايوس ٿي واپس وريو ..... ۽ هاٽي ڪٽ تي ليٽيل ..... هو هٿ سيني تي .... ٽٽل ۽ اڪڙيل ساهن سان ٻڌائي رهيو آهي:
’ادا‘ احساس مري ويا آهن ..... ايڪويھ ڏينهن بيڊ تي نڌڪو پيو هيس ... نہ دوا، نہ درمل .... نہ اوهي نہ واهي .... هڪڙو حڪومت جو نمائندو آيو تہ بہ، اچڻ سان ئي زخمن تي لوڻ ٻرڪيندي، چيائين: اسان وٽ پئسا ڪونهن، جو تنهنجي مدد ڪيون ....!‘
مون کان نہ رهيو، چيومانس: ’صاحب! توکي ايترو بہ اخلاق ڪونهي تہ، ڪنهن مريض کان ڪيئن پڇجي ...؟ مون ڪو توکان پئسا گهريا ...؟ هٿ ٽنگيو .....؟ ادا، اهي حال ٿي ماڻهن جا ... مون تہ اڄ تائين ڪنهن کي بہ ناهي چيو تہ، اخبار ۾ ڏيندا ڪريو ۽ منهنجي بيماريءَ جي پبلسٽي ڪندا ڪريو ....جذبات ۾ هن جا ساهہ ويتر اڪڙجي ويا. ڪجهہ جهٽ ڪلينيڪل ڪمپوزائٽ اسپري وات ۾ ڏيندي ساهن کي بحال تہ وري انهن مسيحائن جو ذڪر ڪيائين، جن ڪيس ذهني عذاب ڏنا هئا:
’يار، پروفيسر تہ ڏاريو هيو .... هڪڙو دفعو آيو تہ اچڻ سان ئي طنز جو نشتر هڻندي چيائين تہ، قوم ڪا سرمايہ ڪيا حال هئي ....؟‘ ڏريان ئي ڏاريا مت مئيءَ جا نہ ٿيا ..... پر هڪڙو ڊاڪٽر تہ هم زبان هو، اهو بہ منهنجي درد کي نہ سمجهي سگهيو ..... هيئن ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪي، ڦٿڪي بيڊ تان هيٺ ڪران .... منهنجو پٽ سڏڻ وجين تہ نرسن سان ’ٺهہ! ٺهہ!‘ ۾ پورا .... ’جيءُ!‘ تہ چا ’ڦوت‘ ڪرڻ بہ نہ اچن .... منظور! حياتي جيتري هوندي، اوتري ٿيندي پر گڻ ۽ ڳالهيون تہ رهجي ويندا آهن .... ڦٽ چٽي ويندا آهن، پر ويڻ تہ نہ ويندا آهن.‘

چا واقعي هاڻي احساس مري ويا آهن ....؟ جو سڄاڻ حاڪم کي اها به خبر ڪونهي تہ ڪو اسان جي سماج ۾، ڪي سماجي قدر بہ هوندا آهن تہ، بيمار ڪان ڪيئن پڇبو ڳاڇبو آهي ...؟ دلجاءِ ڏبي آ يا سڏيون بڌائبون آهن ...؟ ڏڍ ڏبو آ يا ڪتيون بڌائبون آهن ...؟ جيڪڏهن وزيراعظم صاحب جي سفارشي خط جي ڪري افضل قادري ڪان پڇڻ مجبوري بہ هئي، تہ بہ هڙئون پلي وجي ها، وڙئون تہ نہ وجي ها .... اسان تہ ايئن سمجهندا آهيون تہ جيترو وقت جو حاڪم مهذب ۽ ڪلچرڊ ٿي سگهي ٿو، بيو ٿي نہ ٿو سگهي .... پر عالم جا ابا، توئي تنگان تڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا ....؟ توڪي تہ خبر هوندي آهي تہ ’ثقافت‘ عربي جي لفظ ’ثقف‘ مان ورتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ’عقلمندي ۽ مهارت‘ ... توڪي تہ جاڻ هوندي آهي تہ CULTURE جرمن زبان جي لفظ KULTOR مان ورتل آهي، جنهن جون معنائون آهن ’کيڙڻ‘ ’پوکڻ‘ ۽ ’وڏائڻ‘ ... ۽ ان جو سماجي ماهر ڪجهہ هيئن مطلب ڪيندا آهن تہ، هتي زمين کيڙڻ جي بجاءِ، سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جو ذهن کيڙڻو آهي ... سوچن، تصور ۽ خيالن جو ٻج پوکڻ آهي. هڪ جهڙي ڪردار جو فصل وڏائڻ آهي تہ جيئن سماج ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ پائيچاري ۽ محبت جو احساس پيدا ٿئي .... پر ٿي سگهي ٿو تہ اوهان ثقافت کي عربي جي لفظ ’ثقافت‘ تان ورتو هجي. جنهن سان نيزاءِ ڀالا، درست ۽ تکا ڪيا ويندا آهن .... تڏهن تہ اوهان جي لفظن ۾ ڦردار ٻاڻن جهڙي تکاڻ ۽ نيزن جهڙيون سڏيون نوڪون هيون .... يا وري اوهان وٽ KULTOR لفظ جي جديد وصف اها هجي تہ، سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪٺ، ڪوٺ ڪري اتي غلط روش جو ٻج اڇلائجي ۽ بي حسيءَ جو فصل وڏائجي ....
اسان جهڙن اڻ ڄاڻن تہ اهو پڙهيو هيو تہ، ’ثقافت‘ انساني ذهن جي پيداور جو اهو مرڪب آهي، جنهن ۾ علم، عقيدا، آرٽ، رسم ۽ رواج، قاعدا ۽ قانون، جايون جڳهيون، هٿيار پهنوار، ٿانوَ ٿپا ۽ هر قسم جو ساز و سامان وغيره اچي وڃن ٿا.... ۽ اها ثقافت جي وصف بہ جڳ مشهور سماجي ماهر ’اي بي ٽائلر‘ جي آهي ..... پر هاڻي خبر پئي تہ اوهان وٽ ثقافت رڳو نالو آهي، ٻي جان شين جو ... جنهن ۾ صرف جايون، جڳهيون، رلهيون، اجرڪ، ٽوپيون ۽ پراڻيون شيون اچي وڃن ٿيون، يا وڏ ۾ وڏ ميلا ۽ نيلا .... باقي غير مادي ثقافت، جنهن ۾ علم ۽ ادب اچي وڃي ٿو، تنهن جي ڪا بہ حيثيت ناهي .... تنهن ڪري هڪ شاعر جيڪو غير مادي ثقافت (شاعري) جو خالق آهي، تنهن جي ڪهڙي حيثيت آهي ....؟
هي تہ ريو هيو ڪلچرڊ حاڪم جو ... پر ماڊرن مسيحا کي ڇا ٿي ويو ....؟ جو سندس احساس مري ويا، جذبا اڏامي ويا .... هو تہ شفا ڏيندڙ هيو ...ڏک وندبيندڙ هيو ... ان کي تہ مريض جي نفسيات جي خبر هئي ۽ ان کي نفسياتي علاج جي بہ پليءَ پٽ پروڙ هئي ....هن تہ ايم.بي.بي.ايس جي ڊگري وٺڻ ڪان اڳ عظيم حڪيم ۽ طبيب بقراط جو هي قسم بہ کنيو هيو تہ:
’مان قسم ٿو کڻان خدا جو ۽ صحت جو تہ، مان پنهنجي قول ۽ قرار جو پابند رهندس .... پنهنجي قابليت، سمجهہ آهر انهن قاعدن تي هلندس، جيڪي مريضن لاءِ مفيد هوندا ۽ انهيءَ ڪان پري رهندس جيڪي مريضن لاءِ هاڃيڪار هوندا ..... مان ڪنهن کي بہ مارڻ واري دوا نہ ڏيندس ۽ نہ اهڙو مشورو ڏيندس. ساڳي طرح مان ڪنهن بہ عورت کي ٻار ڪيرائڻ وارو نخسو نہ ڏيندس .... مان لچائي ۽ رشوت جي هر عمل ڪان پاسو ڪندس .... مان پاڪيزگي ۽ پوتر تائيءَ سان پنهنجي زندگي گذاريندس .....‘

پر پوءِ به ايڏي بہ حسي ....؟ اهڙي بي رخي ....؟ ڇا ڪائنس سڀ ڪجهه وسري ويو ...؟ يا هُن انهيءَ قسم نامي جي انحرافي ڪرڻ ڪي حق بجانب سمجهڻ شروع ڪيوآهي.
ڇا اها روش شايان شان آهي، انهن لاءِ جيڪي مئل جياريندڙ هجن ....؟ پر ان جي ابتڙ افضل جي دکدائڪ ڪٿا مان ايئن محسوس ٿيو ته، اهي مسيحا جڻ هنود ڪاسائيءَ جيان هيا .... انڌا اونڌا ويچ هيا ... جن جي هٿان زنده مري ايندا آهن ... ويڻ وٺي ايندا آهن ... ڏک ڏسي ايندا آهن ...
تنهن ڪري اي حاڪم ...! اي حڪيم ...! معاشري جا اهم فرد ...' بي حسيءَ جو رستو تباهيءَ جو آهي .... اها سنگدلي، دنيا جي بين سماجن اڳيان ڪنڌ ڪٽڻ نہ ڏيندي .... مهرباني ڪري، انهيءَ ڪنورتا واري روشن تان هٿ ڪڻ ته جيئن ماڻهو به انهيءَ راءِ تان هٿ ڪڻن ۽ نہ چون ته:
'خدا شل ڪنهن ڪي، حاڪمين، حڪيمين نہ وجهي

(31 مارچ 1990 ع هلال پاڪستان)

# بہ قصا هڪ جهڙا

قسم سان مون کي قصي گوئي جو ڏانءُ آهي،نہ ذات .... جو تہ مان چوٽيءَ جو اديب يا دانشور تہ نہ آهيان جو توهان تي پنهنجن لفظن جو سحر طاري ڪري سگهان. پر هي بہ قصا توهان کي ضرور ٻڌڻ گهرجن، جيڪي فردن ۽ انساني گروهن جي حد کان وڌيڪ نمائشي حساس پڻي ۽ انتهائي بي حسي جا آهن.
قصو پهريون نمائشي حساس پڻي جو.
قصو هيئن آهي تہ هڪ ماڻهو گهر جي اڱڻ تي ستو پيو هو، قضا سان مٿائنس ماڪوڙو گذريو. همراهہ چرڪ ڀري اٿي ايڏيون تہ رڙيون ڪيون جو اوڙو پاڙو مٿي تي کڻي ڏنائين:
'ههڙو ظلم ...! ههڙو قهر...! ههڙو انڌير ...! سو بہ ڏينهن ڏٺي جو!'
اوڙي واڙي جا ڇڳا منا مڙي آيا ۽ پڇيائونس:
'آخر ماجرا ڇا آهي؟'
جواب ڏنائين: ' ماڪوڙي مون کي ستل ڏسي، مٿان چڙهيو پئي ويو، ان ڪري وٺي رڙيون ڪيون'
'اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ تہ ڪونهي، جنهن جي لاءِ ايڏو هل هنگامو ڪجي ۽ پاڙيسرين جي سڪون ۾ خلل وجهجي.' پاڙيسرين سمجهائيندي چيس.
'ميان، توکي ڪهڙي خبر سازش جي ...! اڄ ماڪوڙو گذريو آ، سڀاڻي هاٿي گذري ها تہ پوءِ ....!؟
ان کي چئبو آ، حد کان وڌيڪ حساس پڻو ۽ دور انديشي ... اهو انداز صرف ڪنهن فرد واحد تائين محدود ڪونهي. پر سماجي نفسيات ٻڌائي ٿي تہ ان ۾ ڪيترا انساني گروهہ بہ اچي وڃن ٿا ....توهان چوندو اهو ڪيئن؟ ... اهڙي قسم جو احوال ڪجهه ڏينهن اوهان اخبارن ۾ پڙهيو هوندو تہ، هڪ سياسي مها معتبر جي گهر ۾ بجلي جي شارٽ سرڪٽ جي ڪري بجليءَ جون تارون ڇا

سڙيون ڇڻ سڄي ملڪ ۾ ترٿلو مچي ويو .... ’ڊان‘ اخبار کان وٺي ’جنگ‘ اخبار جي پهرين صفحن تي سرخيون لڳي ويون ... فوٽو نڪري ويا .... ماڻهو مڙي ويا .... حد اها جو بم ڊسپوزل اسڪواڊ جو چيف پهچي ويو ..... پوليس رسي وئي ..... ٽيڪنوڪريٽ تحقيق ڪي لڳي ويا ... ۽ سيني ماڻهن شڪ ڏيکاريو ته ٿي سگهي ٿو ته ڪا سازش هجي .... پر جيڪڏهن اهڙو ئي واقعو، ڪنهن ٻئي هنڌ ٿئي ها ته ائين هڪ هنگامو، ايڏي واويلا، ايڏو شور هرگز نه ٿئي ها. توڙي جو ڪنهن جو گهر بمن سان اڏايو وڃي ها يا ڪيس تباه ۽ برباد ڪيو وڃي ها. ليڪن اهو تماشو ڪيتري عرصي کان جاري آهي .... ڪڏهن هترادو فائرنگ جا قصا، ڪڏهن مرڻ گهڙي تائين بڪ هڙتال جا ناٽڪ .....ليڪن ان بغاغي بازن کان ڪو چڱو منو پڇڻ وارو ئي ڪونهي ته آخر هي تماشو ڪهڙو آهي، جنهن ۾ ماڻهن جو سڪون تياڳجي ويو آهي .....؟ شايد چڱا منا لڏي ويا آهن، پنيان ڊنب ڪتا ڇڏي ويا آهن. تنهن ڪري هر هميشه ڪين اهو انداز ڦبيو ۽ هنن لاءِ پئي ورتو آهي. جيئن چئبو آهي ته، ڪيڏ ڪبي ته ڪٿي ڪائبو نه ته سؤ سور پرائبا .....

قصو ٻيو انتهائي بي حسيءَ جو .....

هي ٻيو قصو انهيءَ ڪال جو آهي. جڏهن هندستان، ڪي قحطن جي ماءُ سڏيو ويندو هو. هر ڏهين سال هندستان ۾ قحط ايندو هو، خاص ڪري بنگال ۾ .... انهي دؤر جو قصو آهي ته ڪلڪتي جي پري بازار ۾ ڪا ماءُ چاتيءَ تي هٿ هڻي رڙيون ڪري رهي هئي. ’ هاءِ! هاءِ! پاڙي وارن ظلم ته ڏسو ! .... منهنجو ٻچڙو ڪهي ڪائي ويا ظالم .....! ظالمن کي اهو شرم به نه آيو جو هٿ جيترو ٽڪر مونکي به ڪائڻ لاءِ ڏين ها . .....!

هيءُ انتهائي بي حسيءَ جو قصو هڪ فرد تائين محدود ڪونهي. پر اهو بي حسيءَ جو انداز چڱا ڀلا انساني گروهه به اختيار ڪري وٺندا آهن ۽ ذلتن جي ڪڏن ۾ وڃي ڪرندا آهن. خبر ناهي چو مون کي اهو احساس ڏڪائيندو آهي ته پاڻ وٽ به ڇڻ قحط الرجال اچي چڪو آهي (ٿي سگهي ٿو مان غلط هجان ۽ خدا ڪري ته ....) ڇڻ سنڌ جي اڪثر نام نهاد سياستدانن جو سنڌ ۽ سنڌس مسئلن بابت سياست جي پرئي بازار ۾ پٽڻ ڪٽڻ ايئن پاسندو آهي، ڇڻ چوندا هجن ته، ’ظالمن جو ظلم ته ڏسو! انياءُ ته ڏسو! سڄي سنڌ کي چڪن، پٽن، ڪائين پيا. پر ڪين ايترو به شرم نه ٿو اچي جو پاڻ کي اقتدار جو هٿ جيترو ٽڪر ڏين .....؟‘

انهن نام نهاد سياستدان، اڳواڻن کي جڏهن به اقتدار جو ٽڪر هٿ آيو ته ڪائن ڏرتي، قوم ۽ قوم سان ٽيندڙ سڀ عقوبتون وسري ويون، جن کي ياد ڪندي سندن اکين ۾ رت جا ڳوڙها اچي ويندا هئا.اقتدار جي ٽڪر کي چباڙڻ وقت انهن کي اهو به نظر ناهي ايندو ته سندن ئي دؤر اقتدار ۾، سندن ئي قوم جا نوجوان وڏيڪ ڪنگال ۽ بيروزگار ٻٽبا آهن .... سندن ئي اقتدار ۾ سندن ئي قوم جا ماڻهو وڏيڪ نڌٽڪا ۽ عدم تحفظ جو شڪار ٿيندا آهن.

هي ٻئي قصا هاڻي کان نه، پر ڪيتري وقت کان سنڌ ۾ ورجائجي رهيا آهن. هڪ گروهه جي اڳواڻن جي حد کان وڌيڪ بي حسي جو ۽ بي لوپ جو ... ائين محسوس ٿو ٿئي ته ڇڻ هڪ پاسي نوڳين جو لشڪر ۽ ٻئي پاسي لوپين جي لوڏ آهي. نوڳن جو اهو انداز رهيو آهي جو ڪين، نچ به اچي ٿي ته سڄي ڏيهه ۾ ڇڻ قيامت ڪبريٰ اچي وڃي ٿي. پر لوپين جي لوڏ پنيان سادي عوام جي مٿن مٿان ڪرت به وهي وڃن ٿا ته، سياسي سرواڻن جي ٻلي به نه ٿي ميڪي ..... لوپين جي ڪڍ سادو

عوام پريشانيءَ مان صرف اهو سوچيندو رهي ٿو ته آخر اها ڪهڙي ويڏن آهي، جو يار به چاڪي ۽ سينڌ به اٽيي .....
جي نمائشي حساس پٽي، عياري ۽ مڪاري جو انداز به ساڳيو رهيو ته، پوءِ اهو يقين ڪيو ته امن ۽ سڪون جي سڌ اجائي آهي ۽ جي لوپ جو انداز به ائين جاري رهيو، اقتدار جي هوس به پياري رهي ته، پوءِ ان جو نتيجو پيو ڪهڙو نڪرندو سواءِ ان جي ته:
’جتي لوپيي هجن، اتي نوڪِي بک نه مرن.‘

# تعليم جي تباهي

وچ تي ميوزز ديوين جو مندر .... پر ۾ قربان گاهه ... لڳو لڳ لائبرري .... پنيان وڏو ڪمرو، نقش ونگار سان سينگاريل ..... ڪلاس روم ۽ ليڪچر هال هڪ ٻئي سان ڳنڍيل .... سڄي عمارت جي چوڌاري گولائيءَ ۾ باغيچو ... باغيچي ۾ ڪرڙوڊ شقص تعميري تنقيد ۾ مصروف ..... پنيان نوجوانن جو ٽولو ... هڪ هڪ لفظ غور سان ٻڌندا، هيئين سان هنڊائيندا پيا اچن.
’قانون جوڙيندڙ ڪي سپ ڪان وڌيڪ، نوجوانن جي تعليم ڏانهن ڌيان ڏرڻ گهرجي. تعليم جي لاپرواهي ’آئين‘ کي نقصان رسائي ٿي ....... تعليم ۽ تربيت اهڙين ڳالهين جن ۾، سيني شهرين جا مفاد ڳنڍيل آهن، سا سين لاءِ هڪ جهڙي هجڻ گهرجي.‘
جنهن جي فڪر جي ڦرهي تان اهي لفظ ايري، هوا ۾ وکري رهيا آهن. ڪير آهي، اهو نقاد ....؟؟ اهو شخص گهٽو ڪري هيئتدان آهي، بغير دوربين جي ... ماهر حياتيات آهي، بغير تجربيگاهه جي، ماهر اخلاقيات آهي، بغير پيغمبري جي، سياسي مفڪر آهي، بغير وزارت جي ......
هي ’اٿينس‘ شهر جي عظيم درسگاهه ’لائيسم‘ جو ودوان ’ارسطو‘ آهي. شام جو جڏهن اٿينس جا معزز شهري ، سندس درسگاهه ۾ ٿيل بحث مباحثي يا تنقيد جي خبر ٻڌندا ته سندس تعميري تنقيد شهرين ڪان ونئي سنيٽرن تائين بحث جو هڪ وشڻ بڻبي، ته تعليمي نظام کي ڪهڙين بنيادن تي بيهارڻ گهرجي. پاڻ انهن بد نصيب قومن مان ٿياسي، جتي تعليم کي شهرين جو حق نه پر ٿورو سمجهيو ويو ... عمارت اڏڻ لاءِ، آهيرا ئي انگڙ ونگڙ ڪدياسين جو يت پنهنجي بنياد تي وئي. نه سڌي، نه ايي. جو سڄي قوم جي لاءِ چڱيءَ ريت چپر چانو ٿئي .... علم جي عمارت هينيان جن ماٿهن مٿي چانوَ ڪئي آهي، سرڪاري چواٽي ته، ملڪ جي آبادي جو ڪل ٽيهه سيڪڙو، پنهنجي چواٽي، ٻه سيڪڙو به ڪو نه .... جو ته اهڙا پڙهيل به ڪهڙا پڙهيل، جو پڙهيل ڪيل هجن چڱن پلن اڪيڊيمن جا امتحان پاس ڪيل، هجن سخت نظم ۽ ضبط رڪندڙ ادارن جا، جڏهن ٻه، چڱا مڙس ٿين ته اتندي ملڪ جي وڏي قانون ’آئين‘ جو پٽڪو لاهين. چونڊيل نمائندن کي ڦاهي چاڙهائين، ڦتڪا هٽائين، جيل اماٽين. ٻڌن کو نه اجا ٻه ڪڏي چون ته، اهو ڪم ’ نظريئي ضرورت‘ تحت ٿيو. باقي رهيا، عام پڙهيل ادارن مان، پوءِ انهن کي ڪهڙي پئي آهي جو عزت ڪن، فوجداري، شهري،

ميونسپل ۾ ٽرئفڪ جي قانونن جي ... جو نہ شهري هڪ ٻئي جا حق ڦٻائن، ڌاڙا هڻن، اغوائون ڪن، ناجائز قبضا تين ۾ حادثا پيش اچن ....
ان جو مطلب آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي خامي آ، نقص آ، لاپرواهي آ، تعليم ۾، تربيت ۾ ... تڏهن تہ اها حالت آهي جو آفيس جو ڪلارڪ، اڳيان بہ ڪاف تہ پنيان بہ ڪاف .... صاحب، هينيان ڪار، پاڻ بيڪار ... ڊاڪٽر دوا اندر دم ٻاهر .... انجنئير پاڻ نهي، رود ڊهي .... وڪيل اهڙو جو، جوابدار ٻاهر، فريادي اندر .... سياستدان چوي ڪجهہ، ڪري ڪجهہ .... مولانا پاڻ نہ پلي ڏوجهان جهلي .....ليڪن انهيءَ ناقص تعليم ۾ نااهليت جو ڏوهي ڪير ....؟ ذميوار ڪير ....؟ جنهن ڪان پڇ تہ ٻئي اکر ايي ... مينهن چئي ڳئون ڪي، هل ڙي پچ ڪاري ..... حڪومت چئي اصلي تربيت ۾ تعليم ڪم والدين جو، والدين چون استادن جو، استاد چون، والدين ۾ شاگرد جو. شاگرد چون، حڪومت ، استاد ۾ والدين جو ....
والدين هانوَ تي هٿ رکي چون، ’اسان ڪان ڪو پڇي تہ اسان چا نہ ٿا ڪيون .... سار ۾، سنيال ۾، اڳ ۾، پوءِ ۾، .... اسان جي آرزو تہ اولاد ڊاڪٽر ٿئي، انجنيئر ٿئي، صاحب ٿئي، خوب ڪمائي، پئسا آٽي، پاڻ سنواري ... انهيءَ آرزو جي ڪري طرحين طرحين جا جتن ڪرڻ، ڦاها ڦڪڻ، پارتون سفارشون ڪرائڻ، ٽيوشن ڏيارڻ ....ڪاپي ڪرائيندي ڏڪا جهلڻ .... سليڪشن ڪرائيندي گهر ٻهارڻ .... اولاد سياست جي شوق ۾ جيل وڃي تہ، اڳ ۾ ڊڳ ۾ ... اولي گهولي .... ايلاز مصاف، ضمانت ڪرائڻ، ڪيس ڳائڻ .... جڏهن اولاد پڙهي اچي تہ ڳٽتي ۾ جهجڻ ۾ جهرڻ .... وزيرن وٽ، اميرن وٽ .... بنگلي ٻاهران ڏاڙ گهوڙا پٽڪو سٽڪو، نوٽ هٽائڻ، نوڪريون ڏيارڻ .... اسان اجا گهٽ ٿا ڪيون اولاد جي تعليم ۾ تربيت لاءِ .....؟
استاد چوي، ’مان کهڙو شاگرد کي فرش تان ڪٽي عرش اماٿيا ...! پاڻ ئي فرش تي پيو ليٽڙيون پايان ۾ وجود جي وينو جنگ وڙهان. اهڙو پهچ وارو هجان ها تہ ماستري چو ڪيان ها. مون کي تہ خبر هئي تہ، گهوڙو ڪري تہ گهہ ڪري، مڙس ڪري تہ ماستر ٿئي، مون تہ ڪرڻ ڪان بچڻ لاءِ وڏا وس ڪيا هيا. هرهڪ هلندي پجندي واري وٽ صدا هنيم، صوبداري جي، سب رجسٽراري جي، تپيداري جي، واپڊا ۾ ڪلارڪي جي .... پر ڳوهہ ڦاٽي دوهہ سان، ايڏن جهدن، ايڏن ڪشالن، ايڏن ڪشٽن ۾ ڏي وٽ سان مليو تہ چا مليو ....؟! نہ روب، نہ تاب .... نہ پئسو، نہ پنجڙ ... سؤ اسو شاگردن جي ڪلاس جي حاضري وٺان تہ پيرڊ پورو ..... پڙهان تہ اڏ چريو .... ٽيوشن نہ ڏيان تہ بک مران، ڏيان تہ الزام سهان ... وڃان تہ ڪاڏي وڃان .... مات ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تہ ڪافر ....
وٺو شاگرد کي تہ جواب ئي نرالو، ’هڪ شاگرد، هزار سور ..... پيءُ ۾ ماءُ جي آرزو الڳ ...استاد جي آس الڳ .... سياستدان جي خواهش الڳ .... سرڪار جي سڌ الڳ .....  ڪنهن کي پرچان، ڪنهن کي سرچان ۾ آخر ۾ استادن جي ’اصحاب ڪهف‘ واري ننڊ ۾ خلل نہ وجهان .... سرڪار سڳوري جي رکي سکي تعليمي پاليسي تي صبر ساريان .... سياستدانن جا جلسا ڪامياب ڪرايان، پمفليٽ ورهايان، چاڪنگ ڪيان، سالگرهن ۾ تاڙيون وڄايان، ورسين ۾ روئان پٽيان ۾ آخر ۾ اهڙو علاوالدين جو چراغ ڪاڏنهن آڻيان، جو پيءُ ماءُ کي دولت جا انبار آڻي ڏيان .... انهيءَ ڪري پاڻ ’پيينگهي ڪان قبر تائين علم حاصل ڪرڻ‘ جو مطلب اهو سمجهيوسي تہ ڏوريون وينو ڏور، جيسين ساهہ سرير ۾ .... نوڪريون آهن ڪو نہ جو پڙهي پورو ڪجي ۾ سرڪار کي ستائجي ...

اهليت آهي ڪو نه جو علم سان تڪڙ ڪجي ۽ پوءِ ڏنڌي جو سوچجي ۽ پيءُ ماءُ جي حسين خوابن ۾ ٺاڪوڙو وجهجي ....
تنهن ڪري سرڪار خوش، استاد خوش، والدين خوش، سياستدان خوش .... اسان خوش، قوم خوش .... خوش ٿي خوش پر ڳوڙها اکين ۾ ....
ڏسجي ته حڪومت ڏي ته حڪومت وٽ جواب، لاجواب اهڙو جو هڪ پائيءَ جي به مهڙ ڪو نه .... حڪومت ويچاري ڪري ته ڇا ڪري، هڪ سر هزار ڪم .... ذري گهٽ، سڄي سال ۾ به سيڪڙو بجيٽ جو تعليم تي خرچ ڪري، وڏيڪ ان لاءِ نه ڪري ته متان پڙهيل بي روزگارن جو تعداد وڌي. دانهن ٿئي، ڪوڪ ٿئي، تنهنڪري Teach one Each one هڪڙي اسڪيم لکن جي مٿ، نه واءِ نينس، نه مينهن نينس ... تعليم يافته ماڻهن وڏندو وجي بنان خرچ پکي جي ... باقي جي شاگرد ۽ استاد ڪوڙا فارم ڀرن ۽ ڀرائن ته الا بلا سندن سر تي ... حڪومت انگ اکر گڏ ڪرڻ واري ۽ دنيا کي ڏيکارڻ واري، ڪا ڏچي ۾ پوڻ واري ته ڪو نه . ....!؟
سوال وري به ساڳيو ، آخر تعليم جي لاپرواهي جو ذميوار ڪير؟ ...حقيقت ۾ ڳالهه اها آهي ته ڏوهه ورهائي ڪٽجي ته ڳالهه نهي ڏوهه سرڪار جو به، ته استاد جو به، پيءُ ماءُ جو به، ته شاگرد جو به .... جي جهالت کي در تان ڌڪي ڪڍڻوآ. اهليت کي آٽٽو آ ۽ جمهوري قدرن کي وڌائڻو آ ته پوءِ سرڪار سڳوري کي گهٽ ۾ گهٽ بجيٽ جو چار سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪرڻ گهرجي. جڏهن تعليم يافته ۽ ترقي يافته قومون پنهنجي بجيٽ جو ستن ڪان تيرنهن سيڪڙو تعليم جي مد ۾ رکن ٿيون .... سرڪار سڳوري کي اهڙن تعليمي ماهرن ۽ استادن جي صلاحن جو آدرياءُ ڪرڻ گهرجي. جيجي خوشامندي ڪودڙيا نه پر جوهان آموس، وليم جيمس، جان ڊيوي، ۽ گوردون وانگر تعليم ۽ جمهوريت کي لاڳاپيل سمجهن ..... والدين جي لاءِ عرض اهو آهي ته تعليم کي واپار نه سمجهن، اولاد کي زور جي ميندي ڊاڪٽري ۽ انجنيئري جي صورت ۾ نه هڻائن، ڇو ته اها ميندي رنگ نه لائيندي پر پاڻ لڄائيندي.
استادن کي گذارش اها ته، انهن کي اهو نه سوچڻ گهرجي ته ڪين پگهار آهر پڙهائڻ گهرجي، پر اهو سوچڻ گهرجي ته پنهنجي نسل ڏانهن سچ، ساڃهه، هنر ۽ حرفت کي منتقل ڪرڻو آهي. جيڪو سندس قومي وجود جي بقا ۽ شناخت کي برقرار رکندو.
شاگردن کي اهو نه سوچڻ گهرجي ته تعليم صرف ڊگري جو نالوآهي. پر اهو سوچڻ گهرجي ته اها ڄاڻ آهي، جيڪا جاهل ۽ عالم، اهل ۽ نااهل جي فرق کي واضح ڪري ٿي .... جيڪڏهن هن سال، اسان سڀني اهو فيصلو ڪري ورتو ته تعليمي ڪيتر ۾ لاپرواهي نه ڏيکاربي ته پڪ ڄاڻو ته ڪو نااهل پيدا نه ٿيندو، جيڪو ملڪ جي آئين ۽ قانون سان هٿ چراند ڪري .....

# ”راندیون‘

’اچو تہ هيرو شيمي ۾ ملون‘
هي ٻول هيا، ستر هزار ماڻهن جي ڪورس ۾ ڳايل گيت
جا، محنت ڪشن جي استيڊيم ۾ .... جنهن ۾ هي عهد و پيمان ۽ وچن گونجي رهيو هو، اينڊز
ٻارنهين ايشائي راندين جي لاءِ .... چين جي گادي واري هنڌ ’بيجنگ‘ شهر ۾، جتي ٻارهين ايشائي
رانديون جيڪي 22 سيپٽمبر کان شروع ٿيون ۽ 8 آڪٽوبر 1990 تي ختم ٿيون. تنهن کي سنڌ جي
ماڻهن شايد غور سان ان ڪري بہ نہ ڏٺو هجي، ڇو تہ سياسي اٿل پٿل ۾، سنڌ جو ماڻهو پاڻ کي
قيامت صغريٰ ۾ ڦاٿل محسوس ڪندو آهي. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ سندن ان ڪري بہ دلچسپي
ڪو نہ هجي، جو انهن کي خبر آهي تہ انهن راندين ۾ سندن ڪا بہ نمائندگي ڪانهي.
ليڪن ايئن ٿي نٿو سگهي تہ راندين جي اهميت کان ڪو سنڌ واسي اڻ واقف هجن، سيئي نہ سهي،
ڪن تہ سوچيو هوندو تہ رانديون جيڪي سماج ۾ ذهني، جسماني ۽ جمالياتي قوتن جو اظهار ٿين
ٿيون، اهي هر نظرئي تحت سماج لاءِ ڦلادائڪ آهن. پل اهي جرمني جي جسماني تعليم جي سڄاڻ
’گٽ سمٿ‘ جي تفريحي نظريہ تحت ڪيڏيون وڃن يا ’مس ايپل ٽڻ‘ جي واڌ ويجهہ واري نظريہ تحت
.... ’اي اَي روز‘ جي نفسياتي نظريہ تحت ڪيڏيون وڃن يا سماجي ماهرن سماجي تعلقات جي نظريہ
تحت.
بهرحال رانديون ڪيڏيون وڃن ٿيون، هزارن سالن کان وني.پوءِ اهي رانديون ’زيوس ديوتا‘ جي مندر
جي سامهون، اولمپيا استيڊيم ۾ تالهي اچڻ ۽ ڪُشتي وڙهڻ جي صورت ۾ ڪيڏيون ويون يا رومن
ايمفي ٿيٽرن ۾، جتي انسان انسان کي دسي ڪٽارن، تلوارن، ڀالن ۽ ٻرڇين سان ڪٽو. ايستائين
جيستائين آڪاڙي جي مٽي ’قيصر روم‘ جي مُٺ ۾ اچڻ کان پوءِ رت جا ٽيپا نہ ڳاڙيا ....
سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي اوطاق ۾ اها راند شطرنج جي صورت ۾ ڪيڏي وئي. جنهن سان ڪنهن
بہ ماڻهوءَ جي ذهني پرک ٿيندي هئي. هستناپور (دهلي) ۾ چوپڙ راند ڪيڏندي بد قسمت ’يڌ شٽر‘
پنهنجي پياري جوءِ کي داو تي رکيو ۽ مهاڀارت جي يڌ جو جڻ آغاز ڪيو. اها راند مڪي ۾
شمشير زني جو اهو ڪمال نہ ٿي جو حضرت علي عليہ السلام پنهنجو عمامو اچلي، تلوار جي ڌار
سان هوا ۾ اهڙي چابڪدستي سان بہ اڌ ڪيو، جو عرب جا سيئي شمشير زني ايئن چوڻ تي
مجبور ٿيا تہ، تلوار جي ڏاڪ سان تہ اٺ کي بہ بہ اڌ ڪري سگهجي ٿو، پر اها وڏي هنر مندي آهي.
اها راند ڪنهن قوم لاءِ زوال بہ ثابت ٿي، جيئن بلوچن جي لاشار ۽ رند قبيلن جي وچ ۾ گهوڙن
ڊوڙائڻ تان پيهر اهڙو تہ فساد اٿيو، جو پنجٽيهہ سال بلوچ قبيلن هڪ ٻئي کي چيهون چيهون
ڪري ڇڏيو.
راند روند جا اهي ٻئي رخ هر زماني ۾ مختلف رهيا، ليڪن راند ڪرڻ جو اهو مهذب انداز سيني
کي سنو لڳو، جيڪو يونانين 1370 ق.م ۾ اختيار ڪيو هو. هنن راندين کي اعليٰ مقام تائين
پهچائي هڪ واضح نظريہ ڏنو هو تہ، رانديون امن ۽ صلح جو پيغام آهن. محبت ۽ پيار جو پيام آهن.
انسانن جي لاءِ مقدس ۽ مهان آهن. انهن ئي بنيادي اصولن کي سامهون رکي، جديد اولمپڪ جو

تصور پهريائين جرمني جي، ’گيٽ سمٽ‘ ڏنو ۽ ان کي عملي جامو، فرانس جي ’بائر دي پائر ڪو برٽن‘ ڏنو.جنهن جي ڪوشش سان 16 اپريل 1986ع ۾ يونان جي گادي ’اٿنيس‘ ۾ اولمپڪ راندين جو آغاز ٿيو.
بين القوامي سطح تي، هن وقت تائين اهڙن بنيادي اصولن کي سامهون رکي راندين ڪرايون ويون آهن.
ليڪن سوال اهو آهي ته، آخر ايڏا هرج خرچ ڪري راندين جو ٿيون ڪرايون وڃن ....؟ ڇا راندين واقعي ايڏيو اهم آهن ....؟ جڏهن ته گهڻن جي خيال ۾ ته اهي فضول آهن، وقت جو زيان آهن ۽ پئسي جي بربادي آهن. وري ٻين ماڻهن جو اهو خيال آهي، مثبت رخ واريون راندين نهايت اهم آهن. انهن راندين جي ذريعي نوجوان نسل کي نبتا ۽ ڪائنرتا کان بچائي سگهجي ٿو. سندن ڪم ڪرڻ جي دماغي ۽ جسماني صلاحيتن کي وڌائي سگهجي ٿو.
پر پاڻ انهن راندين کي ڇا ٿا سمجهئون .....؟ جڏهن ته پاڻ وٽ به صدين کان راندين ڪيڏيون وڃن ٿيون. انهن ۾ ٻلهاڙي، ملهه ۽ ڪوڏي ڪوڏي کان وٺي رڇ ڪتي جي ميل، ڪڪڙن ڦڙڪائڻ تائين اچي وڃن ٿيون. انهن ۾ ڪي منفي ڪردار ادا ڪن ٿيون. حقيقت اها آهي ته مثبت راندين جي سرپرستي ڪرڻ وارا تمام گهٽ ۽ اذيت ڏيندڙ راندين جي سرپرستي ڪرڻ وارا پير، مير، وڏيرا، تمام گهڻا رهيا آهن.
ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي ته، سياست وانگر راندين تي به پنهنجي ملڪ ۾ چند خاندانن جي بالادستي رهي آهي. جن کي راند جي واڌ ويجهه سان دلچسپي گهٽ، پاڻ سان وڌيڪ رهي آهي. ان ڪري سندن ٺي پٽ، پوٽا، پائر، پائٽيا، ماما، پاٽيجا ملڪ جا سرڪرده رانديگر يا منتظم رهيا آهن. جو ته انهيءَ راند جي سهاري ڪين ٻاهرين ملڪن ۾ گهمڻ ڦرڻ جا موقعا ملن ٿا. ميڊيڪل، انجيئرنگ يا ٽيڪنيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن لاءِ مخصوص سيٽون حاصل ٿين ٿيون.انهيءَ بنياد تي انهن کي مخصوص ادارن ۾ نوڪريون ۽ عهديدارن جي حيثيت سان فنڊ ملن ٿا. جنهن ڪري اهي راندين ڪرائڻ وارن ادارن کي جور وانگر چنبڙيا پيا آهن. نتيجي ۾ هر باصلاحيت رانديگر کي ٿڏيو وڃي ٿو. باوجود ايڏين ديوارن جي جيڪڏهن ڪو سر قريو رانديگر نمايان ٿي وڏي آيو ته ڪنهن ٽريننگ ڪيمپ يا وڏي ٽورنامينٽ ۾ ان ڪري حصو وٺي نه ٿو سگهي، جو ته ڪيس اطلاع دير سان پهچي ٿو. اهڙي ٽيڪنيڪل انداز سان هڪ باصلاحيت رانديگر جو پتو صاف ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري مجموعي طور تي بين القوامي ۽ روائتي راندين ۾ ملڪ جي ڪارڪردگي مايوس ڪري رهي آهي.
اصل سوال آهي ته پاڻ مثبت راندين کي پنهنجي سماج م وڌائڻ جي حق ۾ آهيون يا نه ؟ ....سچي ناهيون ته پوءِ جيئن هلي ٿو، تيئن ٺيڪ آهي ... جي آهيو ته پوءِ هيٺين ڳالهين تي غور ڪرڻ ضروري آهي:
(1) راندين کي ملڪي سطح تي هڪ اهڙو سماجي تربيت جو ادارو سمجهڻ گهرجي. جيڪو سماج جي اندر محبت، پائيچاري، امن ۽ تعظيم جو ضامن آهي.
(2) رانديون ملڪ جي يڪجهتي کي وڌائڻ جو هڪ ذريعو تسليم ڪندي، راندين جي سرڪاري ادارن ۾ مخصوص شخصيتن جي اجاره داري کي ختم ڪيو وڃي، ته جيئن طبقاتي ۽ علائقائي بنيادن تي مخصوص طبقي يا ڪميونٽي جي ماڻهن کي وساريو يا نظر انداز نه ڪيو وڃي.

(3) راندين جي فروغ لاءِ سرندي وارن ماڻهن کي ۽ غير سرڪاري ادارن کي ڪلي دل سان اڳتي اچڻ گهرجي.
(4) سرڪار سڳوري راندين جي فروغ لاءِ جامع ۽ صحيح منصوبه بندي ڪري، جيئن ملڪ جي باصلاحيت رانديگرن کي همٿائي سگهجي.
(5) انفرادي طور تي هر سجاڻ ماڻهو اهڙي مثبت (روايتي ۽ بين الاقوامي) راند جي حوصله افزائي ڪري، جيڪا نوجوان نسل جي رڳن ۾ خون جي گردش کي تيز ڪندي رهي. منجهس برداشت جي سهپ، نظم ضبط وڌائي. هر انهيءَ راند روند جي مخالفت ڪرڻي آهي، جيڪا نوجوان نسل کي تباهي، بربادي سستي، ويڳاڻپ ۽ اذيت پسندي جي طرف ڇڪي ۽ ڪو ريهه لٽل ڳيرو پورين جي ويڙهه تي خوش ٿيندي ايئن نه چئي ته:
’مير صاحب دي پوري، سرائي دي پوري کون اهڙي ڪڙه ماري، جو سرائي دا بنگلا ڏڏا پيا ها!‘
اهو ڪي ڪجي ....

’اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.‘ اها چوڻي ظاهر ۾ ته ڏاڍي سادي سودي ٿي لڳي، پر پنهنجي اندر ۾ ظاهري يا باطني لحاظ کان هڪ وڏي نصيحت به آهي. هونئن به ڪي جملا، جيڪي ظاهري طور هلڪا ڦلڪا ٿين ٿا جو انهن جي اهميت زماني جي ڦير گهير ۾ به لئي مٿي نه ٿي ٿئي. انهيءَ چوڻيءَ جو احساس، مون کي تڏهن ٿيو، جڏهن اتر سنڌ ۾، برسات ملڪ پڄائي هٽي پٽ ڪري ڇڏيو. اوچتو مينهن هٽي اسان جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي ته اسان جي بجلي ۽ ٽيليفون جو نظام ڪيڏو نه ناپائيدارآهي، اسان جا روڊ ۽ رستا ڪيڏا نه غير معياري آهن، اسان جون جايون نهيل ناليون ۽ گٽر ڪيڏا نه ناقص آهن ۽ اسان جون جايون جڳهون ڪيڏيون نه غلط نهيل آهن.
اتفاق سان انهيءَ برسات دوران پاڻ کي نواب شاهه، سکر، خيرپور، شڪارپورءِ جيڪب آباد ڏانهن وڃڻ ٿيو. جتي ڪٿي، روڊ رستن واعدي معاف گواهه تي شاهديون پئي ڏنيون. نالين ۽ گٽرن اٿلي پنهنجي غليظ ۽ گندي آتم ڪٿا پئي ٻڌائي. جاين ۽ جهڳين پنهنجي حالت زار تي ڳوڙها پئي وهيا. سييئي شهر گپ چڪ تي رٿابندي تي ماتم ڪندا نظر پئي آيا. ايئن محسوس ٿي رهيو هيو ته سييئي شهر واسي جڻ اڏارا وينل آهن جن اهو ڪجهه به ناهي ڪيو جو ڪين، مينهن وسندي ڪم اچي.
پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اها ڪا نئين صورت حال ته ڪونهي. اها ويڌن ته هر سال ٿيندي آهي جو، مينهن اسان جي غلط رٿابندين چورين، بي ايمانين، ٺڳين ۽ ڪڌن ڪرتوتن تان ڪپڙو لاهي هليو ويندو آهي. پوءِ به اسان پنهنجي ضمير ۽ اخلاقي قدرن جي اوگهڙ ڏسي شرمسار ڇو نه ٿيندا آهيو؟ اهو منهنجو سوال هيو. ڪجهه دوستن جو اهو جواب هيو ته ان جو سبب اهو آهي ته جيڪڏهن ماڻهو اکيون ٻوٽي ڇڏي ته پوءِ هو ڪنهن جي به اوگهڙ نه ٿو ڏسي سگهي، ويندي پنهنجي به نه.
اهڙي قسم جي فلسفيانه بحث کان پوءِ جڏهن ٽيڪنيڪي بحث ڇڙيو ته سنگت مان ڪنهن ٽيڪنيڪل ماڻهوءَ جو موقف هيو ته، هي سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري آهي جو هي مٽيءَ جو ملڪ آهي. پر منهنجو جواب سان گڏ سوال اهو هيو ته، هن دنيا ۾ ٻيا به مٽيءَ جا ملڪ آهن جتي مسلسل مينهن پون ٿا. جتي نه واري آهي نه ئي وري پٿريلي زمين، وڏو مثال هاليند جو آهي. چاليهه هزار

اسڪوائر ڪلوميٽر ۾ ڏيڍ ڪروڙ آباديءَ جو ڳتيل ملڪ آباديءَ جي ڳوت جي لحاظ ڪان، بنگلاديش ڪانپوءِ دنيا جو ٻيو نمبر ملڪ ندين، ڍندين ۾ سموندبر سان سلهاڙيل، ڏسڻ سان ايئن محسوس ٿيندو جڻ ڪتي پاڻي آهي. وڏي ڳالهه ته ساموندي سطح کان هيٺ زمين جيڪڏهن هن ملڪ ۾ هٽرادو بند ٻڌل نه هجن ته گهٽ ۾ گهٽ هن ملڪ جي مٿان ست ميٽر پاڻي بينو ئي هجي. تنهن ڪري هن لاءِ اهو به تاثر آهي ته هي ملڪ ڏيڏرن جي رهڻ جي قابل آهي نه ڪي ماڻهن لاءِ. هتان جي ماڻهن، پنهنجن شهرن کي ايڏي ته محنت ۾ جفا ڪشيءَ سان رهڻ جي قابل بڻايو آهي، جو اها چوڻي عام آهي،'خدا سڄي دنيا کي ناهيو، پر ڊچن، هالينڊ کي پاڻ ناهيو.' پنهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته هن ملڪ ۾ جتي بي وفا موسم جو هر پندرنهن منٽن ڪانپوءِ، پنهنجو موڊ هوندو آهي، مون ڪتي به برسات جي ڪري نه بجلي خراب ٿيندي، نه ٽيليفون بند ٿيندي، نه گٽر اٿلندي، نه ڳپ ٿيندي ۽ نه وري زندگيءَ جي ڪاروبار کي نٻ ٿيندي ڏٺو.
منهنجي ٽيڪنيڪل دوستن جو اهو خيال هيو ته، يورپ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. اتي جيڪڏهن اسان به هجون ته ايئن ڪيو.
پر منهنجي دعويٰ اها آهي ته جيڪڏهن اهو ممڪن هجي ته اسان سيني کي ڪو لڏائي وڃي هالينڊ ويهاري ۾ اتان جي ماڻهن کي هتي ـــ ته منهنجو انداز آهي ته سنڌ جا اهي ساڳيائي شهر پنجن سالن جي عرصي ۾ دنيا جا مثالي شهر ٿي ويندا ۽ انهيءَ عرصي دوران هڪ المناڪ خبر اها ٻڌڻ ۾ ايندي ته بندن جي ناقص مرمت، ملاوٽ، معيار جي گهٽتائي ۽ پرسنٽيج جي ڪري بند اوچتو ٽٽي پيا ۾ هالينڊ هميشه لاءِ هن دنيا جي نقشي تان الوپ ٿي ويو.
ته ڳالهه وري به وڃي اتي ٿي بيهي ته هر سنائي يا برائي جو سبب انسان پاڻ آهي. اسان ئي اکين بوٽ آهيو، جيڪي پنهنجين براين کي ڏسڻ بجاءِ اکيون بوٽي ڇڏيوتا. چو ته سمجهون ٿا ته اکيون بوٽڻ ئي وڏو ڏڪ آهي. جڏهن ته هر سال اها برسات اسان جون اکيون پٽي اسان کي پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جو آئينو ڏيکاري ڇٽرون ڪري ڇئي ويندي آهي، 'اهو ڪي ڪيو، جو مينهن وسندي ڪم اڇيو.'

# سواد

برصغير جي ڪلاسيڪي ادب ۾ فلسفي ۾، انسان جي پنجن سوادن جو ذڪر آهي. پهريون سواد 'سبد' آهي، جيڪو 'ڪنن' جو سواد آهي. ٻيو سواد، 'روپ' آهي ، جيڪو 'اکين' جو سواد آهي. ٽيون سواد 'گند' آهي، جيڪو 'نڪ' جو سواد آهي. چوٿون سواد 'رسُ' آهي، جيڪو 'وات' جو سواد آهي. پنجون سواد 'سپرس' آهي جيڪو 'ڪام' جو سواد آهي. انهيءَ تي گو سائين تلسيداس جو هڪ شعر آهي:

'آل پتنگ مرگهه مين گج، ايڪ ايڪ رس آنچ،
تلسي واڪي ڪونءِ گت، جانڪور ويا پي پانچ'

معنيٰ: ڀنور، پتنگ، هرڻ، مڇي ۽ هاٿي هڪڙي هڪڙي سواد جي ڪري آهن. پر حال انهن جو ڇا ٿيندو جي پنج سوادن جي ڪري آهن.
انهيءَ شعر جي تشريح ڪجهه هيئن آهي ته، ڀنور جيڪو نڪ جي سواد جو غلام آهي. سو ان سواد جي خاطر گلن تي ويهندي ويهندي آهڙن گلن تي به وڃي ويهندو آهي، جيڪي گوشت خور هوندا آهن. جن تي ڀنور جي ويهڻ شرط، ان گل جون پنکڙيون ٻوٽجي وينديون آهن ۽ ڀنور مري ويندو آهي. پتنگ جيڪو ٻن جي سواد ونڻ جو عاشق آهي، سو انهيءَ سواد جي عشق ۾ باهه جي جر ۾ جراتجي وڃي ٿو، پر مڙ نه ٿو. 'هرڻ' جيڪو آواز جي سواد جو سودائي آهي، سو شڪاري جي سينڌ يا ساز تي شڪاري جي اڳيان ڇڪجي اچي، پنهنجي عجب جهڙي حياتي وڃائي ويهي ٿو. مڇي جيڪا وات جي سواد لاءِ اُبهري آهي، سا انهيءَ لالچ ۾ ڪلي ڪنڍين ۾ اٽڪائي وڃهي ٿي ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏئي ٿي. هاٿي جيڪو ڪام جي سواد لاءِ چريو آهي، سو پاڻي جي نهيل هاٿڻ جي ڏوڪي ۾ اچي اُن ڪڏ ۾ ڪري ٿو جيڪا نقلي هاٿڻ جي هينيان نهيل هوندي آهي. جڏهن پنجن سوادن جي مختلف سوادن جا اهي حال آهن ته پوءِ انسان جيڪو انهن پنجن ئي سواد جو متوالو آهي، تنهنجو حشر ڇا ٿيندو ...؟
گو سائين تلسيداس جي تمثيلن ڪي ڪير مڃي نه مڃي، پر جيڪا شيءِ پاڻ ڪي ان شعر ۾ڪتل لڳي. اها، اها ته هڪ ٻيو به سواد آهي، جيڪو انسان ڪي لڳل آهي. جيڪو سيني سوادن ڪان منو ۽ بي رحم آهي. اهو سواد آهي اقتدار جو سواد ....پوءِ اهو اقتدار ڳوٺ جو هجي يا شهر جو، صوبي جو هجي يا ملڪ جو، قبيلي جو هجي يا قوم جو ..... ڏاڍو لذت وارو، ڏاڍو وٽندڙ، ڏاڍو ظالم ۽ سحر انگيز ٿئي ٿو .... انهيءَ هڪ سواد خاطر انسان، انسان ڪي ايترو چيريو، ڦاڙيو ۽ چچريو، جيترو ڪنهن وحشي جانور ڪان به اهڙو ڪلور نه ٿيو هوندو. نه ڪنهن قدر تي آفت ايڏي ڏاڍائي يا اره زورائي ڪئي هوندي. انهيءَ هڪ اقتدار ڪي هٿ ڪرڻ خاطر، انسان هزارين ڪوڙ، هزارين اٽڪلون، هزارين ڪوڙڪيون، هزارين ڦندا، هزارين حرفتون، هزارين چالون، هزارين حيلا ناهيا ۽ هلايا ....
سڀ رشتا ناتا، اصول ۽ آدرش چٽ تي ويا ۽ سڀ اخلاقي قدر پٽ پيا.... سڄي انساني تاريخ انهيءَ سواد جي ڪري رنگين لڳي پئي آهي ... ڪا به تاريخ ڪٿو، ڪو به باب کوليو ... ٻين ڪي ڇڏيو .... ترڪي جي خلافت عثمانيه تي نظر وجهو ..... عظيم سپه سالار خليفو، سلطان محمد ثاني، قسطنطنيه جو فاتح، ان اقتدار لاءِ پنهنجي ڪير ڀياڪ ڀاءُ ڪي پنهنجن شاهي هٿن سان گهٽو ڏنو ته متان اهو ڀار اڳتي هلي سندس اقتدار جي لاءِ عذاب ثابت نه ٿئي ..... خليفو بايزيد ثاني جيڪو صوفي منش شهنشاه هو. تنهن پنهنجي ڀاءُ شهزادي جميشد (جيڪو ترڪي جي ڪلاسيڪل ادب ۾، هڪ وڏي شاعر جي حيثيت رکي ٿو) جي موت جو سودو تي لک 'وڪات' تي دشمن اليگزينڊر بورجيا سان ڪيو. جڏهن اليگزينڊر بورجيا شهزادي ڪي زهر جو سفوف ڪارايو ته جمشيد آخري شعر چيو:
'ڏس اي جم! هيءَ فرانڪستان جي ڌرتي آهي.
هڪ ئي ساهي ۾ ڏوکهي وڃ، جو تنهنجو جام جمشيد ٽٽڻ وارو آهي.
ڏس اي جم ...! هي طوفان، هي هوائون جيڪي پهاڙن سان ٽڪرائجي شور ڪري رهيون آهن. سي تنهنجي موت تي الوداعي گيت ڇئي رهيو آهن. هي گرجندڙ بادل تنهنجي موت تي ماتم ڪري

رهيا آهن. هي وسندڙ ڪڪريون، تنهنجي انت تي آب هاري رهيون آهن. شدت غم ۾، رات به پنهنجو غريبان چاڪ ڪري ڇڏيو آهي. خبر ناهي تہ تنهنجي وطن وارا بہ تنهنجي موت تي روئيندا هوندا بہ يا نہ ...!؟'
اها خبر جڏهن صوفي منش ۽ زاهد سلطان بايزيد کي پئي تہ روئي چيائين: 'ڇا ڪجي شهزادن جي درميان، خون جي رشتي جي ڪابہ حقيقت ڪانهي ...
انهيءَ بايزيد، کي پنهنجي پٽ سليمان اول تخت تان لاهي قيد ڪيو، پنهنجن ٻن پٽرن ۽ انن پٽئين کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. سندس هڪ پاءُ 'قرقود' جيڪو پڻ شاعر هيو. تنهن نظم لکيس، جنهن ۾ سندس بي رحمي جي شڪايت ڪيائين. سلطان سليم اول نظم پڙهي ڏاڍو رنو، روئڻ ڪانپوءِ ورندي ڏنائين: 'اي ڀاءُ! مون کي تو تي ڏاڍو رحم تو اچي، پر ڇا ڪجي توکي مارائڻ بہ ضروري آهي ....'
انهيءَ دؤر ۾ اها بددعا هوندي هئي، 'خدا، توکي سليم جو وزير ڪري!'
ليڪن ماڻهو پوءِ بہ وزارت جي پنيان قطار در قطار بيٺا هوندا هيا. جڻ ڪين وزير جي قتل جو انتظار هوندو هيو (اهو لقاءُ اڄ بہ آهي).
خليفي محمد ثالث تخت تي ويهڻ سان پنهنجن اڻويهہ پٽرن کي قتل ڪرايو، سلطان سليمان پنهنجي وڏي پٽ مصطفيٰ، دوست وزير اعظم ابراهيم قتل ڪرايو .... بايزيد يلدرد جي پيءُ جو لاش اڃا پيو هيو تہ هن پنهنجي بهادر ڀاءُ يعقوب کي مارائي ڇڏيو ...
ترڪن جي عظيم سلطانن جي تاريخ کي ڇڏيو، برصغير جي زاهد، ديندار بادشاه اورنگزيب، جيڪو ويچارو زهد ۽ تقويٰ جو اعليٰ نمونو هيو. ٽوپيون سبي گذر سفر ڪندو هيو. تنهن پنهنجي پيءُ شاهه جهان کي قيد ۽ سيني پٽرن کي قتل ڪرايو ....ايستائين جو پنهنجن انن ۽ چوڏهن سالن جي پٽئين کي بہ نہ ڇڏيو ۽ پنهنجي پٽ اڪبر ثاني کي اجل ڏانهن راهي ڪري، سڪون جو ساهہ ڪنيائين ....
پري ڇو ٿا وڃو، پنهنجي ئي ويجهڙائي واري تاريخ ڏسو. پنهنجي ئي ملڪ ۾ 1937ع ڪانپوءِ، اقتدار جي ڪشمڪش ۾ ڪنهن کي گولي ڪائيندي، ڪنهن کي ڦاسي تي لٽڪندي، ڪنهن کي جهاز ۾ سڙندي ڏسندو. ليڪن پوءِ بہ ان اقتدار جو سواد اهڙو تہ منو آهي، آهڙو تہ چشڪيدار آهي، جو هر شخص ديوانو آهي، مستانو آهي .... اقتدار جي ديوانن جي هڪ وڏي قطار آهي، بي چين ۽ پريشان آهي. جڻ چئي رهيا هجن:
'صرف هڪ دفعو ....! ڪهڙي بہ صورت ۾. ....! ڪهڙي بہ قيمت تي! ڪيئن بہ ڪري ....!'
اڄ بہ ڪيترا ماڻهو، انهيءَ سواد خاطر، هر عهدي، بد اخلاقي ۽ بدديانتي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. سواد چکڻ لاءِ موت کي وسارڻ لاءِ تيار آهن. وڏي ڳالهہ تہ موت ڪان وڌيڪ تاريخي ذلت ۽ طعني کائڻ لاءِ تيار آهن. انهيءَ سواد جي سوادائين جي تاريخ ڪالهہ بہ مرتب ٿي هئي، اڄ بہ ٿي رهي آهي ۽ سڀاڻي بہ ٿيندي ...ليڪن تاريخ ۽ انسانيت انهن مٿ جيترن ماڻهن کي ڪو نہ وساري سگهندي، جن اقتدار جي سواد کي ٺڪرائي، اصولن، آدرشن ۽ اخلاقي قدرن جي رکيا ڪئي، وحشيت ۽ بربريت جي اونداهي دؤر ۾ بہ ڏيئي جي روشني ثابت ٿيا .

ڏاهپ

"ڇا ڏاهپ رڙيون ڪري

سڏ نٿي ڪري چا؟
چوواٽن تان، رستن تان
اُتانهين جاين تان .....
ٽڪرين جي چوٽين تان
چا توهان کي نٿي چئي تہ،
منهنجا سڏ سٽو
منهنجا سڏ سيني انسان لاءِ آهن.
مان هيرن جواهرن کان وڌيڪ
قيمتي آهيان.
جيڪو مون سان پيار ڪري ٿو،
مان اُن جي آهيان.
جيڪو ڏڪاري ٿو،
تنهن جي ويجهو نٿي وڃان.
مان ماڻهن کي انصاف سيکاريان ٿي
منهنجو وجود سراپا بهتري
۽ مڪمل خيرُ .......
مان هر ڪنهن کي سڏينديءَ آهيان،
هر وقت هر جاءِ تان .....
جنهن بہ مون کي ٻُڌو،
تنهن لڌو.
جنهن ٻُڌو اڻ ٻڌو ڪيو
تنهن کي ذلت ۽ رسوائي ملي."
هيءُ هڪ گيت جو اختصار آهي، جيڪو پراڻي عهد نامي ۾ حضرت سليمان جي حوالي سان ڏنل آهي. ڏاهپ جي اهميت قديم زماني کان وٺي اڄ تائين انسان ي سماج ۾ رهي آهي. چو تہ ڏاهپ ئي هڪ اهڙو سنئون سڌو رستو آهي، جيجڪو انسانن کي اجتماعي انداز ۾ منزل جو پتو ڏئي ٿو. دنيا جا سيئي ودوان، گڻوان عالم، فاضل سندس اهميت جا قائل آهن. هر ڪنهن کيس حاصل ڪرڻ لاءِ عجيب ۽ انوکا جتن ڪيا. ڪڏهن وڻن جي هيٺان گيان ڌيان ۾ ويهي، ڪڏهن غارن ۽ گفائن ۾ مراقبي جي حالت ۾، ڪڏهن صحرائن ۾ رلندي ۽ ڪشٽ ڪٽيندي، ڪڏهن دريائن ۽ سمونڊن جي ڪنارن تي ڇچڪندڙ پاڻي جي لهرن کي تڪيندي، ڪڏهن پهاڙن جي چوٽين تان آسمان جي وسعتن کي گهوريندي. سيني انهيءَ سڏ کي ٻڌڻ جي سعي ڪئي آهي، جيڪو انسانن کي اعليٰ قدر ۽ اصول ٻڌائي ٿو. انهن ئي ڏاهن ۽ سياڻن ماڻهن، وقت ۽ حالتن آهر اعليٰ قدرن ۽ اصولن جي مختلف انساني سماجن ۾ آبياري ڪئي، تہ جئين حياتيءَ جو قل هر ڪو امن، سڪون ۽ ڀائيچاري سان ڪائي سگهي.

سياڻو آهي اُهو انساني سماج، جتي ڏاهپ اعليٰ انساني قدر جوڙي ٿي. ’جيئو ۽ جيئڻ ڏيو‘ جا اصول سيڪاري ٿي. خوشبخت آهي اُهو سماج جتي دردوندن فڪر جي قرهي هٽ ۾ ڪٽي مطالعو ڪيو ۽ ٻڌايو ته انسانيت جو معراج محبت آهي، نه ڪي نفرت ......
پاڻ ڪي به پنهنجي فڪر جي قرهي هٽ ۾ ڪٽي تجزيو ۽ مطالتو ڪرڻو پوندو ته پاڻ ڪهڙي انساني سماج ۾ رهون ٿا؟ بدقسمتي سان پاڻ اهڙي انساني سماج ۾ ته نه ٿا رهون، جتي اعليٰ قدرن جي آبياري جي بجاءِ ڪين پاڙئون پٽيو پيو وڃي .....؟ اهڙي اياڻي انساني سماج ۾ ته نه ٿا رهون، جنهن ۾ رهندڙ لاءِ وقت جي يسعاه (نبي) ائين چيو هجي ته :
’اوهان جي هٿ رتُ سان ۽ اوهان جون آڱريون بدڪاري سان ڀريل آهن ... اوهان جي چپن ڪوڙ ڳالهايا آهن ۽ اوهان جي زبان شرارت جون ڳالهيون ڪيون آهن ..... اوهان ۾ ڪو به راستيءَ سان دعويٰ نٿو ڪري ۽ ڪو به سچائي سان حجت نٿو ڪري ..... اوهان اجاين ڳالهين تي ڀروسو ڪيو ٿا ۽ ڪوڙ ڳالهايو ٿا ..... اوهان جي پيٽن ۾ دغائون آهن ۽ بدڪاريءَ کي جنم ڏيو ٿا .... اوهان نانگن جي آنن تي آرو ڪيو ٿا، جيڪو ڦوڙيو ٿا، جنهن مان نانگ تو نڪري ..... اوهان ڪوريئڙي جو ڄار اُڻيو ٿا، جنهن مان ڪپڙن ناهڻ جي اُميد اجائي آهي ... سوجهري لاءِ نهاريو ٿا پر اونده پسو ٿا .....
انڌن وانگي ڀت جي سهاري لاءِ هٿوراڙيون ٿا هڻو .... تازن توانن جي وچ ۾ مئلن جيان آهيو ....
رڇن جيان گجگوڙ ڪيو ٿا ۽ ڳيرن وانگر اوسايو ٿا ..... انصاف جي واٽ تڪيو ٿا پر اُها نه ٿي لڀي ..... نجات جا منتظر آهيو پر اُها پري آهي.“
جي اسان لڳ ڀڳ اهڙي ئي سماجي حالت ۽ ڪيفيت ۾ رهون ٿا ته پاڻ کي ڏاهپ کان ڏور نه رهڻ گهرجي ۽ ڪيس ٻُڌڻ گهرجي، سمجهڻ گهرجي، پروڙڻ گهرجي، فڪر جي قرهي تان.

# نصيحت

نادر شاهه جي وفات کان پوءِ ا فغانستان جي سلطنت جو جانشين ظاهر شاهه ٿيو. ظاهر شاهه جو وزيراعظم سندس چاچو هاشم خان ٿيو. هڪڙي ڏينهن وزير با تدبير هاشم خان پنهنجي ڀائٽي بادشاهه ظاهر شاهه کي پنهنجي مرغ خاني گهمڻ جي دعوت ڏني. بادشاهه جڏهن وزيراعظم سان گڏجي مرغ خاني ۾ داخل ٿيو ته هاشم خان کي ڪُڪڙ ورائي ويا. هن جي مُٺ ۾ اَن جا داڻا هئا، جيڏانهن پئي هليو، ڪڪڙن اوڏانهن پئي ڊيهڙو پاتو. هن ظاهر شاهه ڏانهن منهن ڪندي چيو:
’بادشاهه سلامت! حقيقت ۾ آنءُ توهان کي هتي پنهنجي ڪڪڙن جا اعليٰ نسل ڏيکارڻ لاءِ وني نه آيو آهيان، پر هڪڙي سبق آميز نصيحت لاءِ اوهان کي تڪليف ڏني اٿم.‘
ظاهر شاهه چيو: ” ٻُڌاءِ؟“
هاشم خان ڪُڪڙن ڏانهن اشارو ڪندي ڳالهايو: ’جيئندا قبلا! هنن ڪُڪڙن کي مون ڪالهه کان وني بکيو رکيو هو. اڄ هو چند اَن جي داڻن جي چڳن لاءِ پريشان آهن ۽ منهنجو طواف ڪري رهيا آهن. سمجهي ڇڏيو ته، عوام به ڪُڪڙن جيان آهي، انهن کي جيترو بکيو رکندؤ، اوترو اوهان جي چؤگرد ڦيرا پائيندا ۽ ڳيجهو رهندا!‘

ائين چئي، هن ڳوڻ اَن جي ڳُهرائي ۽ ڪُڪڙن جي آڏو ڇڏرائي، ڪُڪڙن چڳي بس ڪيو ته هو وري اَن جي لَپ ڪٽي ڪُڪڙن جي وچ ۾ ويو، پر هن پيري ڪُڪڙ سندس ڪِد ڪو نه لڳا. هُن بيو ناصحانه نقطو ظاهر شاهه کي سمجهايو:

’حضور! عوام به ڪُڪڙن جيان آهي، جيڪڏهن انهن جو پيٽ ڀريو ته توهان کي ڪنگهندا به ڪونه، ان ڪري عوام کي ڪڏهن به سڪئي رکڻ جو نه سوچيو ..... جي سُڪئي رکڻ جو سوچيو، ته انهن ڪوڪڙين لاءِ جيڪي توهان جي صدقي ۾ ڪيترائي ڪُڪڙ قربان ڪري سگهن ٿا.‘

ظاهر شاهه بادشاهه بلڪل ائين ئي ڪيو. جئين سندس چاچي وزير با تدبير ڪيس ٻڌايو هو. ليڪن هڪ وقت اهو به آيو، جو ظاهر شاهه جي خلاف بغاوت ٿي وئي، جن ماڻهن تي پروسو ڪيائين ۽ ڪين سُڪيو رکيائين، انهن ئي ترا ڪڍيس. سردار دائود آيو، مگر ان جو نظريو ساڳيو رهيو، امير کي امير ڪرڻ جو، غريب کي غريب ڪرڻ جو ..... نتيجو اها ئي اٿل پٿل، سماجي انتشار ۽ خوني انقلاب منهن سامهون ٿيس ..... جيڪڏهن ظاهر شاهه کي پنهنجو چاچو، وزير با تدبير اهو ٻڌائي ها ته ان نظريي جي پنيان، هڪ بيو به نظريو هوندو آهي. اهو نظريو هوندو آهي، بک بڇرو ٽول، داناءَ ديوانا ڪري، ته اڄ ظاهر شاهه پنهنجي وطن کان پري جلاوطني واري زندگي، ٽڏا ساهه پري نه گذاري ها ۽ نه وري سندس ملڪ خوني انقلابن جي سر زمين بڻجي ها.

دنيا جي تاريخ اٿلائي ڏسجي ته عوام کي بکئي رکڻ جو نظريو هر تانا شاهه، جابر ۽ ناعاقبت انديش حڪمران وٽ رهيو آهي. سندس خيال ۾ جيستائين عوام بُکيو، مجبور ۽ محصور هوندو، تسيتائين فرمانبرداري ڪندو رهندو. ان ڪري انهن پنهنجي مڪروهه نظريي کي عملي جامو پهرائڻ خاطر، ظلم ۽ جبر جا اُهي بند ٻڌا، جن جو بظاهر ٽٽڻ ناممڪن لڳندو هو، پر جڏهن عوامي بوڏ جي اٿل آئي ته سڀئي بند، ڪک ڪانن وانگر لڙهي ويا. اهڙي ريت اڄ به انهن ملڪن ۾ ڏاڍ ۽ جبر جي بندن کي روٽيون لڳي رهيون آهن، جتي حڪمرانن جو ايمان انهن نظريي تي آهي ته عوام کي مسڪين ۽ مفلس رکيو وڃي، زور ۽ ٻل جي بنياد تي ڪين هيسايو وڃي، اڄ نه ته سڀاڻي، اهي بند ٽٽا آهن ۽ ٽٽندا .... خوني انقلاب اچڻا آهن ۽ ايندا .... جن کي ڪير به روڪي نه ٿو سگهي.

حضرت علي رضه جو چوڻ آهي ته : ’ٻن ماڻهن کان ڊڄندا ڪريو، جڏهن ڪمينو ڊؤ تي هجي، ٻيو جڏهن غريب بکيو هجي.‘

وڏيڪ فرمايو اٿائون ته: ’مفلس ماڻهو جو ايمان بصر جي ڪل ڪان به وڌيڪ سنهو ٿئي ٿو ....‘ ان مان ثابت ٿيو ته جنهن سماج ۾ بک، بيروزگاري ۽ مفلسي وڌيڪ هوندي، اتي سماجي انتشار اوس اچڻي آهي، جو ته بيروزگاري ڏوهن جي ماءُ آهي. ان ڪري هر ان انساني سماج ۾ جتي حڪمرانن کي ڊگهي نظر هوندي آهي، سي اهڙي اٿل پٿل ۽ انتشار کان بچڻ لاءِ اڳوات ئي اهڙا قدم کڻندا آهن جنهن سان لال به ليندو آهي ته پريت به رهجي ايندي آهي. اهي پنهنجي عوام کي بيروزگاري جهڙي بلا کان بچائڻ لاءَ جتن ڪندا آهن.سندن سک جي اپاءَ لاءِ سوچيندا آهن. ٻين قومن يا انساني سماجن ۾ آيل اٿل پٿل ۽ خوني انقلابن مان سبق پرائيندا آهن. ائين جئين ڪنهن سياڻي کان پڇيو ويو ’تون سياڻپ ڪٿان سکئين ....؟‘ وراڻيائين: ’بيوقوفن کان!‘

پر ڪي حڪمران اهڙا به هوندا آهن، جيڪي غلطيون ڪندا آهن، پوڳيندا آهن پر مڙندا ڪو نه آهن. جئين چئبو آهي ته ’هيري سندي هير ٽنگ ڀڃي به نه مڙي‘ عوام کي اتي آڻي بيهاريندا آهن، جتي

بکيو گدڙ، شينهن سان بہ لڙي پوندو آهي، نتيجي ۾ شينهن اڳيان، گدڙ پنيان هوندو آهي، ڳيا ڳيا ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو آهي. پر جي خوني انقلاب تائين اها ڳالهہ ڪٽي نہ بہ پهچي تہ بہ هڪ اهڙي سماجي انتسار ۽ بي چيني جو آغاز ٿيندو آهي جنهن ۾ ڏوهہ ئي ڏوهہ هوندا آهن، جنهن ۾ تباهي ئي تباهي هوندي آهي. جسماني، معاشي ۽ اخلاقي بربادي سماج ۾ ائين پکڙبي آهي جئين ڪينسر آخري اسٽيج ۾ اچي، انساني جسم ۾ پکڙبو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ شعاعن جي علاج وارو طريقو بہ ناڪام ٿي ويندو آهي ۽ زندگي ختم ٿي ويندي آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ اهي حڪمران طبقا، جيڪڏهن ان نظريي جي پوئواري ڪن ٿا تہ وڏي غلطي تي آهن. نيوٽن جي حرڪت جو ٽيون قاعدو آهي، 'عمل ۽ رد عمل برابر آهن' جيڏو بہ زومائتو بال توهان پٽ تي هٽندڙ بال اوڏي ئي طاقت سان توهان ڏانهن موٽ ڪائيندو. جيڏو بہ دڙڪي، ڌوئنس ۽ دٻاءَ مان ڪم ورتو ويندو، انهن حڪمرانن کي اوتري ئي اپار ۽ بغاوت جي توقع رکڻ کپي، جو تہ اها حقيقت آهي، تہ جَوَ پوکي ڪڻڪ نٿي لڻي سگهجي.
هر دور جي حڪمرانن کي اها تاريخي منادي آهي تہ عام ۽ اهل ماڻهوءَ کي پنهنجي سياسي انتقام جي آڳ ۾ نہ سيڪن، جو تہ اهڙو ماڻهو ان خونخوار ٻلي جيان ٿي سگهي ٿو جنهن کي ڪوئي بند ڪمري ۾ لٺ ڪٽي مارڻ لاءِ ڪڍ پيو هجي. جيڪڏهن هن کي ڪٿان بہ ڀڄڻ جي واهہ يا وٿي نظر نہ آئي تہ هو مارڻ واري جي نڙگهٽ ۾ ضرور ٽپو ڏئي چڪ هٽندو.

ان ڪري وقت جي حڪمرانن کي ڏکهي نظر ۽ گهري سوچ رکڻ گهرجي. سياڻپ جو ثبوت ڏيڻ گهرجي. پاڻ کي ۽ سڄي قوم کي اٿل پٿل بيچيني ۽ انتسار کان بچائڻ گهرجي ۽ هر ان نصيحت تي بہ سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي، جيڪو بقول ڪنهن فارسي شاعر جي تہ :
'مرد بايد کي گيرد اندر گوش،
گر نوشتہ ست و پند بر ديوار.
(جيڪڏهن نصيحت پٽ تي بہ لکيل هجي تہ بہ ماڻهوءَ کي هيئين سان هنڊائڻ گهرجي.)

# پنهنجا شهر

'منهنجا يروشلم .. ....!
هاڻي تون ڪنهن بيواهي رنڙ جيان آهيان .....
جنهن نہ ڪو ڏٽي سائين، نہ واهر وسيلو،
جو اُکهي تنهنجي ڳلن جا ڳوڙها ...
تنهنجا غمخوار ياچ ۾ آهن ......
سڀ سيڻ موڪلائن ٿا ......
بگهاڙي بہ ائين ڪندي ناهي، پنهنجي ڌر تي
شينهن هوندي آهي.
ليڪن تنهنجا ساٿي تہ شتر مرغ ٿي ويا .....!
پنهنجون سسيون بچائي ويا

ايندڙ نسل رُلائي ويا .....
هاڻي ڏاريا ديرو ڄمائن ٿا .....
اسان تي حڪم هلائن ٿا .....
ڪيڏا نہ خوشنصيب هيا، جيڪي وڙهي مئا آهن.
ڪيڏا نہ بدنصيب اُهي، جيڪي وني ڀڳا
خوف کان سندن چهرا، هيڊا، پيلا تہ ٿي ويا آهن.
ڇا اسان ڪي پنهنجن ڏوهن جي سزا آهي،
خدا .. .....!؟

سندن فڪر جي ڦرهي تي آيل ڏڪارن مرثين ۾ ڪيڏو نہ غم هيو، رنج هيو، پيڙا هئي، درد هيو ..... ليڪن نہ هئي تہ رتابندي، اڳ ڳڻتي، جرئت، دشمن سان اکيون اکين ۾ وجهي ويڙهاند ڪرڻ جو جذبو، يروشلم جي رهواسين کي ... .....! پنهنجي ئي شهي جي تباهي ۽ بربادي تي ڳوڙها ڳاڙيندي، مرثيہ چوندي، پٽيندي ڪٽيندي، پنهنجي ئي شهي مان ڏارين جيان نڪتا ۽ اهوئي سندن وڏي ۾ وڏو ڏوهہ هيو، جنهن جي سزا هئي دربدري، بي وسي، غلامي، ۽ ذلت ..... جڏهن بہ مصر جي 'فرعونن' کي وٽيو تہ ڪين اُنن ۽ ٻڪرين جي وڳن ۽ ڏٽن وانگي ميڙي چوندي ڪاهي ويا ....... جڏهن بہ 'بخت نصر' کي ڪاوڙ آئي تہ ڪين ٻڌو ٻانهو ڪري بابل جا وڻ ڏيکاريائين ...... جڏهن بہ 'آشورين' جي مرضي ٿي تہ متانئن جُلهہ ڪري ڪين دربدر خاڪ بسر ڪيو .......
اها تاريخي حقيقت ۽ سماجي سچائي آهي تہ جنهن بہ زماني ۾، جن بہ قومن، پنهنجن شهرن جون واڳون خود سپردگيءَ ۽ خود شڪستگيءَ واري حالت ۾ ٻين کي سونپيون، تن در در جا ڌڪا کاڌا، عذاب پسيا، ذلتون سَنيون، ڏک ڏٺا ۽ لعنتاٽا ٻُڌا. ليڪن جن قومن بہ، جنهن زماني ۾ بہ پنهنجن شهرن جو ننهن چوٽيءَ سان زور ڏئي بچاءُ ڪيو.انهن پاڻ کي ۽ پنهنجي ايندڙ نسل کي ذلتن کان بچائي ورتو.
'قبيلائي خان' جي لشڪر جي گهوڙن جي سنبن هينان ڪيترين ئي انساني وسنديون لتاڙجي ويون ..... نہ لتاڙجي سگهيون تہ جپان جا شهر ۽ وستيون ..... جپان جي شهرن جا خودمختيار حاڪم جيڪي هڪ ٻئي جا سان دست و گريبان هوندا هئا ۽ ڏسڻ ۾ هٽ جي جدا آڳرين وانگر ڏار هيا. ليڪن ڏارين جي هلان ۽ حملي وقت هٽ جي آڱرين وانگر وڪوڙجي سڪوڙجي مُڪ جي صورت ۾ هلان ڪرڻ واري جي هانوَ ۾ لڳندا هيا. ائين قبيلائي خان مرڻ گهڙيءَ تائين جاپان جي شهرن تي قبضو ڪرڻ جو ارمان، پاڻ سان کڻي ويو ......
آسٽريا جي گاديءَ جي هنڌ 'ويانا' کي جڏهن اڌائي لک ترڪ حملي آورن 'سلطان سليمان ذيشان' جي سرڪردگيءَ ۾ گهيرو ڪيو تہ 'ويانا' جا شهري سرُ ترىءَ تي رکي ساٽن وڙهيا. جيڪڏهن جنگ ڪندي ڪنهن شخص جي ڪبي ٻانهن ڪپجي پئي وئي تہ اُهي پنهنجي ڪٽيل ٻانهن کي ملائي اهڙي طرح لڙائي ۾ مصروف رهيا ڄڻ هڪ هجن. آخرڪار ترڪ سپاهي رڙيون ڪري چوڻ لڳا تہ ' ويانا جي ماڻهن جي ڏگهين ڏگهين بندوقن جي نشانن ۽ شيخن جهڙين تلوارين ۾ ڪباب ٿيڻ کان بهتر آهي تہ پنهنجي سردارن جي هٿان مرئون.' استالن گراڊ جي شهر ۾ روسين، نازي

جرمن فوج سان هڪ هڪ انچ زمين جي لاءِ مهاڏا اٽڪايا ۽ اهو شهر نازي جرمن فوجن لاءِ قبرستان بنجي ويو .....
هي هيون تاريخي حقيقتون ....... ليڪن سوال اهو آهي تہ اسان پنهنجن شهرن کان ڪيتري قدر باخبر آهيون .....؟ اسان جو رويو پنهنجن شهرن ڏانهن بي حسيءَ وارو تہ نہ آهي ......؟ ائين تہ نہ آهي تہ اسان هاڻي ئي مرثيہ ۽ الوداعي آزاد نظم لکڻ شروع ڪيا آهن؟ جڏهن تہ هن وقت اسان کي پنهنجن شهرن جي حفاظت ڪندي پاڻ ۽ پنهنجي ايندڙ نسل کي ذلت ۽ تباهي کان بچائڻ گهرجي ...... جيڪي شهر صدين کان وٺي اسان جي ثقافت ۽ تهذيب جا وارث آهن، اسان جي تاريخ، علم ۽ ادب جا مرڪز رهيا آهن، ڇا اسان انهن کي دهشتگردن ۽ نااهلن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏيون ......؟!انهن مڪار شهر رٿابندي ڪندڙ ماهرن ۽ انتظام ڪندڙن کي بي لغام ڇڏي ڏيون، جيڪي ڪراچيءَ ۾ قديمي ڳوٺن کي ڊاهڻ ۽ ساڙڻ جي ڪد آهن .....!؟ لياريءَ کي هڪ وڏي گند جي ڍير ۾ تبديل ڪرڻ جي پنيان آهن ..؟ حيدرآباد ۾ ’گهيراوُ جلاوُ‘ جي پاليسي تي عمل پيرا آهن .. .....!؟
اسان جا اُهي شهر جيڪي خوبصورتي ۽ صفائيءَ ۾ پاڪستان کان اڳ وڌندڙ ۽ من موهيندڙ هيا ۽ اسان جي جمالياتي شوق جا شاهد هيا، آباديءَ جي دٻاءَ جي ڪري اَج اُهي وڏي ’بيت الخلا‘ ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن . .....! ڇا اسان هٿ تي هٿ رکي، گوڏو گوڏي تي چاڙهي ٽيڪجي ويهئون ...؟
نواب شاهہ ۽ ميرپورخاص جا شهر، جن جا روڊ ڪشادا ۽ ماٿهو ماٿهپي وارا هئا، اُهي سوڙها ۽ ماٿهو تنگ نظر ٿيندا ٿا وڃن . .....! سکر ۽ روهڙيءَ جون وستيون، جيڪي سنڌوءَ جي ڪنارن تي سهاڳڻين وانگر سج ڏج سان ڪرُ ڪنيون بيٺيون هونديون هيون، اج اُهي بيواهيون ۽ ڏهاڳي ٿيون لڳن .......
شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو، جيڪي باغيچن جا شهر هيا، تن جي باغن ۽ باغيچن کي مسلمان تہ ڪيو ويو پر اج اُهي مليا ميٽ ٿيندي شهادت ماڻي رهيا آهن. دادو ۽ جيڪب آباد ڪُليل دل وارن ماڻهن جا ڪُليل شهر هيا، اج انهن ۾ گهٽندي ساهہ ٻوساٽجڻ لڳي ٿو. خيرپور ۽ ٺٽي جا شهر جيڪي درگاهن ۽ صوفين جا آسڻ هيا، اُهي اج ڏوهن ۽ گناهن جا گهر ٿي پيا آهن!
ان جا سبب صرف اهي آهن تہ سنڌ جا شهر جيڪي آبادي جي اضافي ڪري ٻيٽا ٽيٽا ۽ چئوٽا ٿيندا ٿا وڃن، ڪنهن آڪٽوپس وانگر بنا ڪنهن رخ ۽ توازن جي ٽنگان ۽ ٻانهان ڪيندا، بي تڪي انداز ۾ وڌندا ۽ مسئلن جا پندار ٿيندا ٿا وڃن. ليڪن سنڌ جي شهرن جا دشمن اسلام جي نالي تي، اجا ٻاهرين ۽ ڏارين لاءِ دعوت نامہ رکيون وينا آهن ۽ ’جنت ابن سياح‘ ناهڻ واري چڪر ۾ آهن .. .....!!
۽ بضد آهن تہ هر انسان پاڻ هڪ وات ۽ ٻہ هٿ کنيون اچي ٿو، تنهن ڪري اسلامي ڀائيچاري جي بنياد تي انهن کي آڻڻ گهرجي .. .....! ليڪن ڇا انهن کي اِها ڄاڻ ناهي تہ جڏهن مڪي تي ٻاهران آيلن جو دٻاءُ پيو هيو تہ حضرت علي پنهنجي سماجي ۽ شهري علم تي دسترس جو مظاهرو ڪندي فرمايو هيو تہ: ’توهان لاءِ هڪ شهر، ٻي شهر کان زياده حقدار ناهي. (پر) بهترين شهر اُهو آهي، جيڪو اوهان جو بار برداشت ڪري سگهي‘.

*

# پريءَ ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳؤرو

هڪ پاسي سمجهه ۾ نہ ايندڙ سسنڪرت جو منتر ، گنگا جي گهاٽ تي، وڏيءَ چوٽيءَ تي رڪيل، پيتو پاندي، ڌوٽو ڌُڪائي پئي پڙهيو. ٻئي پاسي سنڌوءَ جي ڪناري، اُپين پيرين، ڳچيءَ ڳارو ڪري سولڙيءَ سنڌيءَ ۾، ساڌن، سنتن، سوامن، هيءَ ارداس پئي پيٽي:

’ڏٽي تون ديا ڪجان .. ....! سڄي جڳ جهان ۾ اپائي گهرن جو خير ڪجانءِ. (اپائي گهرن مان مطلب، هڪ مسلمان جو، ٻيو هندو جو، باقي اڌ گهر ٻين مذهبن ڪي مجيندڙن جو)

ڀڳوان! جهان جي صدقي، منهنجي پونئيرن ڪي پاپ ۽ انياءَ ڪان بچائجانءِ .. ....! سندن ڪيرا پاتار ۾ ڪوڙجانءِ ......

هڪ طرف گنگا جي ڪنارن تي جنسنگهين جي پيد ياوَ وارو پرچار هلي رهيو هيو. ٻئي طرف سنڌوءَ جي ڪناري تي ’حضرت عشق‘ ڌوڙ ڌوم جي لاهي رهيو هيو. هندو مسلمان هڪ ئي درگاهه جا پانڌيئڙا، لطيف، ۽ سچل ڪي ڳائڻ وارا ..... عليءَ جي اولاد ڪي مڃڻ وارا ...... خير، امن، صلح سلامتي ۽ محبت جون صدائون ڏيڻ وارا هيا.

ليڪن اوچتو ئي اوچتو گنگا مان نفرتن جي اٿاهه جل جي ايڏي وڏي ڇولي آئي جو سنڌوءَ جو امرت ڌارا بہ وهه ٿي ويو .....

ڪيترائي ڪيرا پاتار مان پتجي ويا. ليڪن جن جا ڪيرا، انهيءَ اٿل پٿل ۾ بہ نہ پتجي سگهيا، تن طرحين طرحين الزام سَنا ڪجيل آگريون ڏنيون، ڪهاٽيون ٻُڌيون، ارنا سنيون. شايد هنن جي رڳ رڳ ، ريشي ريشي ۾ سنڌوءَ جو پاڻي پيل هيو. تن گنگا جي غلامي قبول ڪرڻ ڪان سنڌ ۾ ڏڪيو سڪيو رهڻ پسند ڪيو، پر پوءِ بہ هو هميشہ مذهبي حيوانن جي اکين ۾ ڪندا ٻٽيا رهيا ..... ڌاڙيلن ۽ پوليس وارن جي نظر ۾ اک جي ماکي ٿيا، جڏهن وٽين تہ لاهن ۽ ڪائن پر، هنن وجڻ جون وايون نہ ڪيون ..... ڌرتيءَ جي چپي چپي سان پيار ڪيو ..... سجدا ڪيا ..... رت سان پيٽائون ڏنائون.

ليڪن انهن جي اها ادا، انهن دئيتن ڪي پسند نہ آئي، جيڪي نفرتن جا پندار هيا ..... جن ڪي انهيءَ خوني ڊرامي ڪي ورجائڻ جي آرزو آهي تہ وري ڪو مال غنيمت هٿ اچي . ....! ڪو جاوا ڪجن، ڪوڙا ڪليم نهن، ڦُدني جي باغن جا، وڏين وڏين ماڙين جا، (جن جي چتن تي مينهون رهنديون هيون ۽ پاڻ هيٺ رهندا هيا .. ....!) وري ڪو اهڙو انڌ انڌوڪار جو زمانو اچي، جو هٽ نہ ڳولي هٽ ڪي ......

انهيءَ سڄي دؤر ۾ سنڌ جي هندو سڄي سماج ڪان صرف هڪ ئي سوال ڪيو آهي تہ:’ آخر منهنجو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ ڇا منهنجو ڏوهہ اهو آهي تہ مان سنڌي ۽ هندو آهيان؟ ۽ ڇا اهي ٻئي ڏوهہ ناقابلِ معافي آهن!؟‘

# شوق جي بهائي ڪونهي

’عقل ريءِ عذاب، گهٽو پسندين جندڙي‘ــ اهو پهاڪو ڪيترو پراڻو آهي؟ تنهن جي ڄاڻ ڪونهي، البت، ائين چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن سنڌ واسي ڏاهي جي فڪر جي ڦرهي تي تڏهن آيو هوندو، جڏهن هن ديس ۾ ’قحط الرجال‘ ڏنو هوندو ۽ عقل کان عاري ۽ وانجهيل ماڻهن جي عجيب و غريب حرڪتن جي ڪري ديس واسين کي عذاب ۾ پسيو هوندو .....پر ان پهاڪي جو هڪ هڪ لفظ اڄ به ائين نئون ۽ تازو آهي، جئين املتاس جي وڻ ۾ جهُولنڊڙ گلن جي ٽاري ...... چو ته اڄ به ساڳيو حال آ ’نالي ۾ نهال، اديون آريجن جون . ....!‘

پلي ڪٽي اسان ايترا پڙهيل نه هجون، افلاطون نه پڙهيو هجي، سقراط نه سمجهيو هجي، هيگل،ڪانٽ، ۽ روسو کي نه ڄاتو هجي. مارڪس، لينن، مائو ۽ گورباچوف جو مطالعو نه ڪيو هجي، پر اسان جا پڙهيل يا اڻ پڙهيل ڏاها، سياڻا ۽ سگهڙ جن فڪر جي ڦرهي تي آيڪ اکر، پهاڪا، چوٽيون، ۽ نقطا، جهنگ جهر ۾، وستي واهڻ ۾، نگر شهر ۾ اسان لاءِ ڇڏي ويا. ڪڏهن انهن تي غور ڪيوسي ته اهي صدين جون صدائون آهن؟ اسان لاءِ واٽون آهن؟ لاٽ آهن؟ نه .....! نه .....! ڪنهن کي ڪهڙي ضرورت سمجهڻ جي ....! اسان پنهنجن شوقن ۾ پورا ۽ شوق جي بها ئي ڪو نه ....!

جڏهن هڪ خسيس هٿ واٽيو به گهه ڪائي، پنهنجي طاقت ڏيکارڻ لاءِ گس تان لنگهندڙ متاري مينهن جي وريل سنگ ۾ ٻانهن وجهي زور آزمائي ڪري ۽ جڏهن ٻانهن ٻه ٽڪر ٿيس ...... جيڪو پڇيس ته ڏند شيڪي چوي: ’ياڻي! شوق جي بها ئي ڪهڙي؟ ٻانهن ڀڳي ته گهوري، هُر ڪر ته مئي نه .....!‘

مارٽي ته هُرڪر آ نه، شوقينن کي، سي پي جهڙا تهڙا شوقين هٿ ......! اصلي آدي ٻٽيادي، وڏور، معتبر، مهاندا، پيل پاوا، سر جا سائين، پنهي جهانن جا ٻوڙ پلاوَ، لٽ سردار، پوتار ......

وڏيري جي شوق ’مولوءَ‘ کي فرصت ئي نه ڏني ته وڏيري جي ڪُتي کان وڏيڪ پنهنجي جوءِ ۽ ٻارن جي پرگهور لهي. سندس هٿ جوءِ ۽ ٻارن کي پوندي ڏيڻ ۾ گذري ويو:

’لخ جي لعنت تي پيٽان! ماڻهو جا ته ڦر ئي ناهيو، ڪنهن ڪُتي جا ڦر آهيو!‘ ۽ ٻيو هٿ وڏيري جي ڪتي تي پيار ۽ پابوهه ۾ هٿ ڦيرائيندي گذري ويس:

’ڇُ، ڇُ ...... بڇُ، بڇُ! اڙي ٽري نا ٽري (ڪُتي جو نالو) مڙس ماڻهو ٿجانءِ! سياڻي ميل ۾، اڳيان پويان ملهائجانءِ ...... پوتار اڳيان، ماڪي ٻي مهايو نه ڪجانءِ ....‘

پير صاحب جي درگاهي ميلن، ’چڳ وڏئي مريد ولوءِ کي‘ ان پلي ذات پلي‘ ٽيڻ ئي نه ڏنو. ان جي پلي اڄا پري ئي مس ته سائين جي ڏن ۾ وئي يا شوقين پٽ جي جهميلي ۾ ...... پٿهنس علڻ، ان پلي پيجي وڃي پلاوٽي کي ڏني ..... مڙس ڊبل گهوڙا بوسڪي جو پٽڪو هٽي ٿيئٽر ۾ وڃي پهتو. چير جي چمڪي تي هڪ هڪ نوٽ گهوري ڏنائين .... پڙ ۾ لٿي تي وئي، گهر پيينگ تي ويو. سجو

ٿيو ته پاڙي واري جو گهر تاڙيائين. پهريون سنهو چور ..... پوليس ڪڍ. پوءِ ٿلهو چور ..... پيو جيل ...... آخر ڏاڙيل ..... شير شاهه جو شڪرو گهر جا ڪکڙ ماري ....!

مير صاحب جي ميراثي شوق، ’ميهر‘ جي جُتي نياپن، سنهين آٽڻ، نيڻ ۾ گسائي چڏي. مير صاحب، ڪک ڪشتن ۽ مردانگي ڪمزوريءَ ۾ پورو. جي تر ماري ته راڄ ننگ لڪائڻ ۾ آڏرتو. .... جي پر ماري ته به پرينءَ جي ٿهل ٽڪور ۾ اوڊيون ..... زراعتي قرض ڪُڙمن جي نالي .. جانڻ جي ڏاڙهي ۾ مختيارڪار جا بئي هٿ. جانڻ ڪي قرض جي جن نه ڪن. چاوڙيءَ ۾ پيل.بئي هٿ مٿي، پيو پٽي پر سياست جو شوق هڙني ڪي انگريزن جي دؤر ۾ ائين مليو. جئين بکي بگهڙ ڪي واٽ ويندي رڍ ملي وجي! چڪي چريا ٿيا ..... سياست اهڙي ڪيائون نه سڄڻ ڪي آسرو نه دشمن ڪي پوُ ..... رڳو اسيمبلين ۾ ويهڻ ۽ اوباسين ڏيڻ جو شوق ....دعوتون ڪائڻ پيئڻ ۽ هٽن ڏورائڻ جو شوق .... نيٺ انهيءَ سياست اهو رنگ لاتو جو انهن سان سگ ڪيائون جيڪي ڏاريائين ڏاريا هيا ..... ڪنهن چين ته ’بابا! وڏڙا چئي ويا آهن ته سي ئي سيڻ ڪجن، جنين پڪا اوڏڙا ......‘ پر انڌي پوندي ۾ خوش. جواب ئي اهو ته ’شونقڙو تا پوريون ڪيون .....!‘ بس پوءِ عقل واري جو عقل ، بي عقل جي جمار .....! نانگن جا ٻچا هٽن سان پالي، تاتي وڏا ڪيائون. نانگن فطرت ڏيکاري. نانگن وک وک تي ڏنگ هنيا. اقتصادي طور تي سماجي طور تي ...... پر هنن وٽ ترياق جي تلاش ڪتي ....!؟ اجا اڳتي .....

عادت نه مٽي عادتي، علت مور نه جاءِ ـــ اُٺ پوي ڪٽڪ ۾ جڻ ڪندا ڪاءِ ...... چو ته اجا همراهن جو شوق رهيل هو، جيڪو چنيسر پورو ڪيو هيو ..... پر هٽ ته قطار چنيسر ٽيڻ جي شوق ۾ . ....! اڳيان ليڪن نه ليڪن، هيءَ جُتي سوڏا جهوليءَ ۾!

پر ۾ مري پاءُ، باجهه نه پئي برڙي ڪي .. ....! اڙي سائين! ائين نه ڪيو ...... زور آور نه ٿيو ..... ڪتو چا جاٽي ڪٽڪ جي ماني ..... پر سمجهه عمر سان ڪو نه اچي. ٺهه پهه جواب ته : ’مران ته منجي ۾، نپان ته پيالي ۾.‘

پر ٿيو اهو ئي، مُئا به جن ڪاڻ ـ ماريو به انهن ...... هنن اجا بان ڪئي ته بيا تيار ..... سندرا ڪٽي ٻڌائون ... پٽڪا ڪٽي پاتائون ته ڪيپ تا ڪٽئون .... لڪن جي تا لوڏ ڪيون، مٽن جي تا موت ڪيون .... فڪر جي ڦرهي تان ابن ڏاڏن جي اکرن گهٽي ڏوڏ ڏنن ته اڪن ڪان انب گهرو ۽ ٻبرن ڪان تا ٻير گهرو ....... ڏاها ٿيو ...... سياڻا ٿيو ......آزمائي ڪي آزمائي سو ڏوڙ منهن ۾ پائي ...... پر چنيسر ٽيڻ جو شوق ڪاڏي وجي ۽ شوق جي بها ڪو نه ....... نتيجو اهو ئي، چونديندي چور وجي بينا ڪڪرين ...... پوءِ ڪنن تي هٿ ته ’پُلي واٽي ڳانءِ ڪاڏي . ....!‘

پوتار جو ٿيو بادشاه ماٺهو ....... ۽ بادشاهي شوق، مهل ۽ ڪمهل ڪاتي تا ڏسن ..... چئي: ’چنيسر ته اصلي آءٌ، بيو مڙيئي هو نانءُ .....‘ پوءِ ته سائين منهنجي ڪي چوان، راڻو خان، جاڙو خان، ڏگاٽو خان قطارن ۾ ... شوق جي پنيان سپ ڪجهه لُٽائڻ وارا، جيري لاءِ ٻڪري ڪهائڻ وارا ..... پُڇ ٻڌي مهري ٿيا .....علاوالدين جو لشڪر پنيان، پاڻ اڳيان .....ساڻ لوڏ ڪُتن جي به ..... پنهنجن تي تي ئي هلان ڪرائڻ ، پنهنجن تي ئي باهه ۽ ٻجائڻ ..... سنڌ جي سدا حيات شاعر جي فڪر جي ڦرهي تي آيل اکرن آڏو آئين ’ايءَ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي‘ پر پوتارن جون اکيون بوٽيون ته ملڪ ئي ميدان ..... انڌو مگٽهار ڪائيندي ڪک به نه پرييئي ..... جي ڪٽي ڪجهه به چئو ته ساڳئي رڏي، ’شوق آ ۽ شوق جي‘ .......

خبر ناهي تہ انهيءَ چنيسر ٽيڻ واري آخر شوق ۾، انهن کي، اسان کي ۽ سڄي قوم کي ڪيڏي بها ڏيڻي پوندي .... جيڪا شايد اڄوڪي وهندڙ خون کان بہ وڌيڪ هوندي. جڏهن سوچجي ٿو تہ اها ساڳي ئي سٽ فڪر جي ڦرهي تي اچي ٿي:
’عقل ريءَ عذاب، گهڻو پسندين جندڙي‘

*

# نالن ۾ ڇا رکيو آهي!

ڪنهن بہ نقاد کي اهو حق نٿو پهچي تہ هُو ڪنهن مترجم تي آگر اُپي ڪري سگهي، توڙي جو ترجمو مادر پدر آزاد هجي. ترجمو جيڪڏهن آزادي سان ڪيو ويندو تہ اهو ترجمو مان ڦري مطالعاتي نوٽ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجو طبعزاد تخليق بہ ..... اهو نہ صرف پنهنجو لاءِ پلو آهي، پر پڙهندڙ جي لاءِ بہ ۽ سنڌي ادب تي احسان بہ ..... هونئن بہ ڪوئي ڪيڏو پابند ترجمو ڪري تہ بہ اصل جي مقابلي ۾ نقل هوندو. جئين هيري جي بجاءِ پٿر .... انهن اڄوڪن نوس اصولن ۽ يادگيرن جي بنياد تي ’پاپڪ‘ نالي ’نام سڌ جاتڪ‘ هندي ٻوليءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ڪجي ٿو:
پراچين دؤر ۾ تڪشلا (هاٽوڪو ٽيڪسلا) ۾ ڪيترائي نالي وارا ٻُڌ سڃيو آچاريہ ٿيا. ’پاپڪ‘ نالي هڪ شاگرد، جيڪو پنج سئو شاگردن ۾ ٻُڌ سڃيو جو پيارو هو، تنهن کي پنهنجي نالي جي غم جو احساس هو، ماڻهو هن کي ’پاپڪ پاپي!‘ چئي چيڙائيندا هيا. هن سوچيو، پاپڪ نالو واقعي خراب ۽ منحوس آهي. ان ڪري هن کي ڪو سنو نالو رکرائڻ گهرجي. اهو ويچار ڪندي ٻُڌ سڃيو وٽ آيو ۽ نويد ڪيائين، ’آچاريہ! منهنجو نالو سنو ناهي. مهرباني ڪري ڪو سنو نالو عنايت ڪيو .....‘ ٻُڌ سڃيو وراڻيو ’ٻچا! واهڻ، وستيون گهمي آ ..... سنو نانءُ ٻُڌڻ ۾ اچئي تہ مون کي ٻُڌاءِ ...... مان تنهنجو نالو بدلائي ڇڏيندس .....‘
پاپڪ واهڻ، وستيون جهر جهنگ جهاڳي اچي هڪ شهر ۾ پهتو. شهر ۾ قضا سان ڪو ماڻهو مري ويو هو، ماڻهن جي روڄ راڙي سندس ڌيان ڇڪرايو. ڪيس لڳوتہ مرندڙ شخص شهر جو ڪو مُکيہ ماڻهو هو.ان ڪري هن ماڻهن کان پڇيو، ’پائو .....هي ڪير هو ....؟‘ ماڻهن جواب ڏنو، ’پائو ! هي شهر جو وڏو سيٺ ، جيوڪ (جيئندڙ) نالي هيو ....‘ هُن عجب مان پڇيو،’ڇا جيوڪ بہ مرندو آهي؟‘ ماڻهن جواب ڏنو ، ’جيوڪ نالي وارو بہ مري سگهي ٿو ۽ اجيوڪ نالي وارو بہ، نالا تہ نالا هوندا آهن ... نالن ۾ ڇا رکيو آهي .. .....!‘
هو اهو ٻڌي ڪجهہ مايوس ٿيو، پر دل نہ لاٿائين. هو شهر جي پري بازار ۾ گهمڻ ڦرڻ لڳو تہ اوچتو بازار ۾ هن ماڻهن جو ميڙ ڏٺو. هو اڳتي وڌي آيو ۽ ڏٺائين تہ هڪ عورت کي هڪ مرد چهبڪن سان ماري رهيو هيو.
’هن ويچاريءَ کي ائين بيدرديءَ سان ڇو ٿو ماريو وڃي!؟‘ هُن رڙ ڪري پڇا ڪئي.
بيٺل ماڻهن جواب ڏنو، ’هي ٻانهي ۽ آقا جو معاملو آهي .... جي آقا کي ڪمائي نہ ڏيندي تہ مار نہ ڪائيندي تہ پلا گُلن ۾ ترندي!‘
هن وري پڇيو، ’هن ويچاريءَ جو نالو ڇا آهي؟‘
’ڌن واري!‘ ماڻهن جواب ڏنو.

هن کي ڏاڍو عجب ٿيو ۽ چيائين، ’نالو ته ڌنَ واري اتس پر حالت اها اٿيس جو نرڌن آهي.‘
ماڻهن جواب ڏنو، ’ڇا ڌن واري نالي رکڻ سان هوءَ لڪشمي (دولت واري) ٿي ويندي .....؟ نالا ته مڙئي نالا آهن ..... معلوم ٿئي ٿو ته تون ڪو ڇريو آهين .....!‘
هُو نالن جي حقيقت کان ڪجهه وڌيڪ نراس ٿي شهر مان نڪري پيو هو، جهنگل ڏانهن .... رستي ۾ هن هڪ منجهيل ماڻهوءَ کي ڏٺو، جيڪو چوواٽي تي پريشان بيٺو هو. هن پڇيس ’تون ڇو پريشان آهين؟‘
ماڻهوءَ جواب ڏنو، ’سوامي! مان واٽهڙو آهيان .... رستو ڀُلي پيو آهيان .....‘
هن پڇيس، ’تنهنجو نالو ڇاآهي؟‘
واٽهڙو جواب ڏنو، ’سُونهون‘
هن عجب وچان چيو، ڇا سونهان به اَسونهان هوندا آهن .....؟‘
واٽهڙو وراڻيو، ’سوامي! تون ته صفا سادو آهين .... ڇا سونهين نالي رکڻ سان به ڪو سونهو ٿيندو آهي ....!‘
هو نالن جي سُڻائين ۽ برائين کان بلڪل اداس ٿي ٻُڌ سچيو وٽ موٽي آيو. ٻُڌ سچيو پڇيس، ’بالڪ! ڇا تون پنهنجي پسند جو نالو چوندي آئين؟‘
’هن جواب ڏنو، ’آچاريه ...! هن جڳ ۾ مون جيوڪ به مرندي ڏٺو .... ڌن واري به نرڌن ڏٺي ..... سونهون به اَسونهون ڏٺو. ڪو به ماڻهو سني نالي سان نهال ٿي نٿو سگهي ۽ ڪو به ماڻهو بري نالي سان خراب ٿي نٿو سگهي ...... تنهن ڪري منهنجو نالو جيڪو به آهي .... سو ئي صحيح آهي ..... نالن ۾ ڇا رکيو آهي!‘
هي پراچين دؤر جي پراڻي ڪٿا ضرور آهي، پر هن ۾ وڏي سچائي آهي ته وڏن وڏن نالن، لقب القابن ۽ حسين اسمن سان ڪنهن جي به ڪٿ نٿي ڪري سگهي .... جو ته اهي نانءُ ڪنهن به شخصيت جو ضد ٿي سگهن ٿا ....هن وقت به توهان جي سامهون وڏا وڏا لقب آهن.نالا آهن، اسم آهن ..... ڪو قائد تحريڪ آهي، ڪو فرزند پاڪستان آهي. ڪو قائد جمهوريت آهي، ڪو باضمير سياستدان آهي، ڪو روحاني پيشوا آهي، ڪو هڏ ڏوڪي . ڪو همدرد، ڪو ضمير جو آواز ۽ غمخوار آهي، ڪا مادر عوام، ڪا مادر سنڌ آهي، ڪا مارئي ملير جي آهي .... انساني تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن حسين نالا ۽ نانوَ رج جو دولاب به ٿي پوندا آهن، جن جي پنيان انساني گروهه تاسارڻ هرڻن جيان ڀڄندي ڀڄندي پساهه پورا ڪندا آهن. ليڪن نالن جي پنيان جيڪي ڪڙا سچ هوندا آهن، تنهن جي تهه تائين نه پهچي سگهندا آهن.
ائين نه ٿئي ته اڄ به اسان حسين نالن ۽ وڏن لقبن جي طلسم ۾ گرفتار ٿي ايڏيون هنيوچيون هڻون، جو انهن نالي وارن جا اُهي قبيع فعل لڪي وڃن، جيڪي صرف ذاتي هوس ۽ اقتدار لاءِ آهن ..... اڄ اهي نالا اسان جي حقيقت پسندي جي پرک آهن .... جي ڏسڻو آهي ته پوءِ حسين نالن ۽ لقبن کي نه ، پر نالن پنيان عمل کي ڏسڻ گهرجي.
چو ته نالا ته صرف نالا آهن ..... نالن ۾ ڇا رکيو آهي . .....!!

*

# دوست ۽ دشمن

هن جي فڪر جي ڦرهي تي فصاحت ۽ بلاغت وارا آيل اکر اڄ بہ سوالن جا جواب آهن، سمجهاڻيون آهن، سبق آهن، عابدن جي عبادت آهن، زاهدن جي قناعت آهن، انساني سماج جون حقيقتون آهن. چو تہ هُو علم جو شهر هيو، بي باڪيءَ جو بحر هيو، هُو هڪ تاريخ ساز شخصيت، هڪ مصلح، هڪ مبلغ ۽ هڪ نقاد هيو.سندس دؤر ۽ اڄوڪي دؤر ۾ فرق سهي، ليڪن ڪي ڳالهيون مشترڪ ـ انهيءَ دؤر ۾ بہ نفسانفسي هئي، جئين اڄ آهي. انهيءَ دؤر ۾ بہ منافقي هئي، جئين اڄ آهي. انهيءَ دؤر ۾ بہ شورش پسند هيا، جئين اڄ آهن. فرق صرف ايترو آهي، انهيءَ زماني ۾ ڪجھ گهٽ، اڄ وڌ آهن.

اهڙي دؤر ۾ جڏهن باطل پرست قوتن جو غوغاءُ هجي، عام ماڻهن جو وات پٽيل هجي ۽ خاص ماڻهن جي واڃ گودو هجي، انهيءَ وقت ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو، دوستيءَ ۽ دشمنيءَ ۾ تميز ڪرڻ ..... ليڪن علي بن ابن طالب جي گکر جي ڦرهي تي آيل اکر اڄ بہ ڪسوٽيون آهن، سڃاڻپ جا اهڃاڻ آهن، پروڙ جا پيمانا آهن، پرک جا فارمولا آهن:

’توهان جا ٽن قسمن جا دوست آهن ۽ ٽن قسمن جا دشمن.

دوست هي آهن: توهان جو دوست، توهان جي دوست جو دوست ۽ توهان جي دشمن جو دشمن.

دشمن هي آهن: توهان جو دشمن، توهان جي دوست جو دشمن ۽ توهان جي دشمن جو دوست!‘

ليڪن پاڻ وٽ اڃا دوست ۽ دشمن جي تميز ڪٿي ....؟ پاڻ تہ اڪيون ٻوٽي انهن سان دوستي رکي سي، جن اسان سان سماجي، مذهبي ۽ سياسي بنيادن تي ويساهہ گهاتي ڪئي . ....! اهڙي طرح مٿي تي هٿ گهمائي نڱي ويا، جئين بہ شڪاري هڪ سادو ۽ ٻيو نوڳي. شڪار تي نڪتا.هڪ سيهڙ ۽ هڪ ٻلو مارياڻون. نوڳي شڪاريءَ سادي کي مڪياري ڪندي چيو: ’ياءُ! جي سيهڙ ڪٽان مان تہ ٻلو ڪڻ تون. جي ٻلو ڪٽان ڪٽين تون تہ سيهڙ ڪٽان مان.‘ سو اسان جو واسطو بہ جهڙن تهڙن نڱن سان نہ پر نامي گرامي دهليءَ جي نڱن سان پيو. تن هر وار اسان کي حصي ۾ مئل ٻلو ڪٽايو ۽ ڪارايو، پر پاڻ هش ۾ خوش تہ شڪار ڪيوسي! ڪنهن سياڻي چيو هو : ’جي پراوا پنهنجا ٿين ها تہ پنهنجا هجن ئي نہ ها‘ پر پاڻ وٽ تہ حساب ئي ابتو .... ڪائڻ پيئڻ گڏ، اٿڻ ويهڻ گڏ، در در ۾، گهر گهر سان، مگر آئي ويل ۾، اڪيون اکين جهڙيون ديد ليي ئي ڪونہ . ....! هر ڪو چئي: ’منهنجو چا ....!؟‘ رسئون تہ رساما اهڙا جو ڳالھ مان ڳالهوڙو ڪيون، وڻن تان جهيڙا لاهيون، هڪ ٻئي کي برست هٽي ماري مڃايون. اغوائون ڪيون، پنگ ونون ......... ليڪن اصلي دشمن لاءِ دل ٽڏي، پرچاڻ ۾ پورا، ڪاڏين تي هٿ، ناد نفيلان، مرليون سرليون تہ من رڌ رباب سان ريجهي پوي، پر رڌ جي اُهائي ٻي!

# دودو ڏوڙ چنيسر چائي

ڪو لٽ لاهڻ وارو آهي ئي ڪو نہ .... جيڪو اچي، سو ڏوڙ جا ٻہ ٻُڪ اکين ۾ وجهيو، اهو ئو وڃي .. ....! ائين ئي محسوس ٿئي تہ پنهنجي قسمت ۾ ڏرم جا ڏڪا آهن ..... ڪڏ ۾ نڪري ڪوهہ ۾ پوڻ آهي .... اسٽيريو ٽائپ نعرن تي زندهہ رهڻ آهي .... ڪڏهن ساوا جهنڊا، ڪڏهن ڳاڙها جهنڊا، ڪڏهن ڪارا جهنڊا تہ ڪڏهن چٽڪمرا جهنڊا .....ڪڏهن اسلام جي نالي تي سڄي دنيا تي ڇانئجڻ وڃڻ جا نعرا .... ڪڏهن قوميتن جي نالي تي ڪٽڻ ۽ مارائڻ جا نعرا .... خبر ناهي تہ ڪيستائين انهن اسٽيريو ٽائپ نعرن جي بار برداري ڪندا رهنداسين؟

ائين محسوس ٿئي ٿو تہ اسان نوٽڻ جون ڳوٺون آهيون، جيڪي ڪيڏندڙ مسلسل پنهنجن پنهنجن ٽٽڻ ناهڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. ڪيڏندڙ ڪابي ڏر ڪان ويهي تہ بہ مقصد بيگهي ناهڻ، جي سڄي ڏر ڪان ويهي تہ بہ مقصد بيگهي ناهڻ. مجلس شوريٰ ۾ وينو تہ بہ بيگهي، پارليامينٽ ۾ وينو تہ بہ بيگهي، پوليس جو ساٿاري ٿيو تہ بہ بيگهي، ڌاڙيلن جو يار ٿيو تہ بہ بيگهي، دهشتگردن جو غمخوار ٿيو تہ بہ بيگهي، اسلام جو علمبردار ٿيو تہ بہ بيگهي، ڪلهہ جو چنيسر اڄ جو دودو ٿيو تہ بہ بيگهي ..... ليڪن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڪنهن ۾ 'دودو ڏوڙ، چنيسر چائي' ڪي سڃاڻڻ جي ساڃهہ چو نہ آهي ..!؟

نوابن، سردارن ، خان بهادرن، پيرن ۽ ميرن ڪي جيارينڌي جيارينڌي ڪيترا نسل پاڻ مارائي ويا! پر هن سڄاڳ صديءَ ۾ بہ انهن لاءِ 'جيئي! جيئي! جيئي!' ڪندا، پاڻ مارائيندا رهياسين. ليڪن پاڻ ڪي جيارڻ ۽ اُجارڻ جو خيال چو نہ آيو؟ انهن جي چوڻ تي ڪڏهن غازي ٿياسين، ڪڏهن شهيد ٿياسين ..... ڇا اسان ڪي زندگي ان ڪري ملي آهي تہ : بابي جا تابعدار آهيون ..... ڳولا، غلام آهيون ....!حڪم جا ٻندا آهيون ...! جُتي جا ڪوڪا آهيون .... وٺين تہ مارين وٺين تہ جيارين ...! ڇا اسان ڪي پاڻ مان قيادت ناهڻ جو حق نہ آهي؟ ڇا اسان ڪوڙهہ مغز آهيون ؟ ڇا اسان جو ڪم صرف پوئيواري آهي؟ لٽ سردارن، پوتارن، خاني خانن ۽ سياسي سامرين جي اُڇليل لٽ اکين تي رکڻي آهي؟ يا اکين تان ذات پات جي دز، ننڍ وڏائيءَ جي رئي تعصب جي چائي ۽ ظلم زبردستي جي ڏوڙ هٽائڻي آهي . ....!؟

ايڪويهين صدي بيدار انساني گروهن ڪي آواز ڏئي رهي آهي ..... صحيح قدم کڻڻ جو، صحيح راهہ تي هلڻ جو، صحيح سوچ جو، صحيح عمل ڪرڻ جو ..... انهيءَ آڌار تي دنيا جا ڪيترائي انساني گروهہ محبت! محبت! ڪندا، امن، آشتي ڪندا، ڳانڍاپو! ڳانڍاپو ڪندا اڳتي وڌي رهيا آهن. ليڪن پاڻ ڪن جي ڪڍ آهيون!؟ انهن جي، جيڪي ويڙهہ جيڙهہ جو جنون رکن ٿا، انسانن ڪي مذهب ۽ قومن جي نالن تي ورهائن ٿا يا ذات پات، طبقاتي روايتي ۽ ثقافت جي نالي تي پيڙڻ گهرن ٿا!؟

ڇا اسان لاءِ انهيءَ لٽ ڪي اکين تان لاهڻ ۽ دنيا ڪي پنهنجين شفاف اکين سان ڏسڻ جو اجا وقت نہ آيو آ . ....!؟ جي اجا وقت نہ آيو تہ پوءِ ڪڏهن ايندو ....!؟؟

اکيون لٽ اوراٿيون، ڪي ڪڙيا پير،
لٽ لاهيندو ڪير، مون جيهي معذور جي. (ڀٽائي)

*

# ڪري ۽ سچي ڳالھ

سوچيان ٿو: اڄ ڪهڙي نئين نڪوري ڳالھ ڪريان، اوهان کي عجب ۾ وجهان يا پنهنجي ڏاهپ، عقل ۽ دانش جو احساس ڏياريان. سوچي سوچي ٿڪجي پيو آهيان، ائين محسوس ٿي رهيو آهي، ڄڻ مان ڪنهن وڏي جيل ۾ پيل اُهو قيدي (جنم ٽيپ ۾ آيل) آهيان، جنهن جا قصا ڪهاڻيون ۽ احوال ڪٿي ويندا آهن، ساڳيون ئي ڳالهيون رڳو لفظن جي ڦير گهير سان پيو ورجائيندو آهي. منڊ ڪڏهن سان ئي ٻڌڻ واري کي خبر پئجي ويندي آهي تہ ان ڳالھ جو وچ ۽ پڇاڙي ڪهڙي هوندي!

ان ڪري سوچيان ٿو تہ اڄوڪي سماج جي ڪهڙي بانڪي شاهہ، بهرام، ممتاز و دمساز، گل بڪاؤلي، ليليٰ مجنون يا طوطي مينا جو قصو اوهان کي ويهي ٻڌايان يا وري موجوده دؤر جي ذوالقرنين، پٽ راڻيءَ يا ان بادشاهہ جي ڳالھ ڪوٺيان، جيڪو توهان اسان جهڙن کي ڪنگهندو ئي ڪونهي ..... اهڙين عظيم ۽ قديم هستين جا قصا تہ اوهان ٻال جتيءَ کان ٻڌندا پيا اچو، تنهن ڪري ڳالھ ڪا نئين يا ڇرڪائيندڙ ڪٽجي .... پر نئين بہ ڪهڙي؟ پلاٽ جي، پلاٽ جي يا ڪاري جي ...!؟ چوريءَ جي يا رشوت خوريءَ جي ..!؟ اغوا جي يا ڌاڙي جي ....!؟ سياسي ڏيوالپڻي جي يا سماجي بي حسيءَ جي ...؟ لڄالٽ جي يا ڦرلٽ جي ....!؟ پر اهڙيون ڳالهيون تہ اوهان روز اخبارن ۾ پڙهي بيزار ٿي پيا آهيو. پڙهڻ کان اڳ، اوهان پنهنجي نڪ تي ريشمي رومال رکو ٿا، ڄڻ اهڙيون خبرون اخبارن ۾ هاٽي ڌپ هٽي ويون آهن ...

ليڪن سوال اِهو آهي تہ ڪتان آڻن، صحافي بدبودار سماج مان خوشبودار خبرون ....!؟ اخبارن وارن مسيحائي جي دعويٰ تہ ڪونهي ڪئي، پر جن ڪئي آهي، هيل تائين انهن ڇا ڪيو آهي؟

خير ـ مون کي تہ ڪانہ ڪا اهڙي ڳالھ ٻڌائڻي آهي، جنهن جي ٻڌائڻ سان اوهان جي باغ و بهار ٿي وڃي. توهان جون اکيون ٺڏيون ۽ چهرو شاداب ٿي وڃي يا وري اهڙو قصو ڪرڻو آهي، جنهن سان اوهان جي اندر ۾ هيجان برپا ٿي وڃي. اوهان جا وار ڪنڊارجي وڃن. نس نس ۾ خوف جون لهرون ڊوڙڻ لڳن. جيتوڻيڪ پاڻ کي اهڙي ڳالھ سجهي نٿي. جيئن تہ پنهنجو تعلق هڪ ڳالهہ قوم سان آهي ۽ جيڪڏهن مون ڪا نئين نڪوري ڳالھ نہ ڪئي تہ پنهنجي سچي قوم جي مٿان ميار جو حرف اچي سگهي ٿو. صفا نئين نڪوري نہ سهي، پر ڪا نواڻ تہ هجيس تہ .. ....!؟

ميار کان بچڻ ۽ واعدي کي پاڙي ڏيڻ لاءِ، اڄ مان اوهان کي پنهنجي اندر جي سچي ۽ ڪري ٻڌائيندس، پر شرط انهيءَ تي تہ اوهان بہ ڪنهن کي نہ ٻڌائيندءُ ......

خير، ڳالھ ڪُٺائڻي، سچي ڳالھ اها آهي تہ لکڻ کان اڳ مون جڏهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي هنئي تہ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ مان بہ اوهان وانگر منافق آهيان .. ....! ڇڙو ڇو ٿا؟ مهرباني ڪري، اوهان پاڻ کان ٿورو متي ڏسو . ....! ٿورو پاڻ کان وڏي ڪرسيءَ واري کي، وڏي حيثيت واري کي، وڏي مرتبي واري کي، اوهان کي اتي پاڻ کان وڏو منافق نظر ايندو .... آيو نہ !؟

پوءِ اجان، وڏي ڪرسي، وڏي مرتبي ۽ مان واري جي جيءَ ۾ جهاتي هڻو ...... اتس نہ اندر ۾ منافقيءَ جو ’انور‘ وينل ....!؟
تنهن کان پوءِ صفا وڏي ڪرسي، وڏي منصب، وڏي شان وارو .... پايو اندر ۾ ليئو ...... آهي نہ مها منافق .....؟!

*

# سوچ جا ساگر

هو هر شيءَ ۾ جستجو رکي ٿو .... سمجهڻ جي، پرجهڻ جي، جاچڻ جي ۽ پرکڻ جي جي ڪوشش ڪري ٿو ..... هُو سوچيندڙ جانور آهي. ان ڪري انسان آهي. اشرف المخلوقات آهي. هي جايون، جڳهيون، هٿيار پنهوار، ساز و سامان سڀ سندس سوچ جون ڪرشمہ سازيون آهن. هي راڳ رنگ، ٻولي، ادب، تحرير ۽ تقرير سڀ سندس سوچ جو مظهر آهن. هي رنگ برنگي رواج، هي ريتن ۽ رسمن جون وڏيون ننڍيون ديوارون، هي اٿاهہ نظريا، هي فلسفا زندگيءَ جا، سندس سوچ جو ثمر آهن ..... هي آمريت، اشرافيہ ۽ جمهوريت جا تجربہ، سندس سوچ جي ساڀيان آهن.
انسان سوچ جو ساگر آهي، جنهن ۾ هزراين خيال ڇولين وانگر ڇلندا رهن ٿا، ور ور ڏئي اٿلي پون ٿا، هيڏي هوڏي گرداب جٽين ڦرندا وتن ٿا.
انساني سوچن جي بحر بيڪران ڪي ڪير آهي جو پابند سلاسل ٿو ڪري .....؟ ڪير آهي، جيڪو سندس سوچن تي پهرو ٿو هڻي .....؟ ڪائنس سوچڻ جو حق ٿو کسي .....؟!
انهن سيني سوالن جو جواب اهو آهي تہ اهو بہ انسان ئي آهي، جيڪو ائين ڪري ٿو. جيڪو نٿو چاهي تہ سندس هم ذات، هم نفس بہ انسان چورائي ۽ سوچيندڙ جانور سمجهيو وڃي. انهيءَ عمل جي پنيان بہ انسان جي خودنمائي ۽ خودپسنديءَ وارو عمل آهي. ڇو تہ هر سوچ جو نتيجو عمل هوندو آهي ۽ هر عمل جي پنيان انساني سوچ ڪار فرما هوندي آهي. سوچ منفي بہ ٿي سگهي ٿي، سوچ مثبت بہ ٿي سگهي ٿي. هي لڙايون، هي جهيڙا، هي اڳرايون، هي اره زورايون، هي نڳيون، هي دولاب، هي محبتون، هي قربتون، هي دوستيون، هي همدرديون، اهي سڀ ڪجهہ ڪنهن نہ سوچ جو عملي اظهار آهن.
ليڪن جنهن بہ سماج ۾ انساني سوچ آزاد آهي ۽ اجتماعي حيثيت سان ڪيس وڏڻ ويجهڻ ڏنو ٿو وڃي، اتي انسان مادي غير مادي ثقافت ڪي انتهائي عروج تي پهچايو . جنهن سماج ۾ صرف چند ماڻهن ڪي سوچڻ جو حق ڏنو ويو، اهو سماج چند ماڻهن جو محتاج ٿي ويو. هڪ هٽيون قائم ٿيون .....چند ماڻهن، گروهن، گهراڻن پاڻ ڪي ’عقلِ ڪل‘ سمجهيو ...! سندن ئي سوچ، هر زهر جو ترياق، هر بيماري جو علاج سمجهيو ويو. عام انسان ڪي صرف پيرڙيو ۽ پوئلڳ سمجهيو ويو .....پيرڙين، پوئلڳن، مريدن، خادمن مان ڪنهن بہ انحرافي ڪندڙ ڪي سزاوار ٺهرايو ويو.قانون جي تحت، مذهب جي تحت، روايتن جي تحت ..... عجيب الزامن سان، ڪفر جي فتويٰ سان، غداريءَ جي خطابن سان، مگر انساني سوچ جو سفر جاري ۽ ساري آهي. انسان جيڪو ڪڏهن

’هومو هيبلس‘ جي ارتقائي منزل تي هيو تہ بہ سوچيو هيائين ..... جڏهن ’هومو سيپينس‘ جي منزل تي آهي تہ بہ سوچي ٿو ..... مختلف سماجن ۾ مختلف انداز سان ..... ڪٿي پَلو ڪٿي ڍلو ..... ڪٿي تيز ڪٿي آهستي .....

اسان وٽ بہ ماڻهو سوچي ٿو. توڙي جو هتي بہ سوچن تي پهرا آهن، فتوائون آهن، سزائون آهن، روايتن جون رنڊڪون آهن، سياسي،سماجي ۽ ثقافتي شخصيتن جون هڪ هٽيون آهن ..... اسان جهڙين هٿ ٺوڪين ڏاهن، فلسفين، ايرن غيرن، نٿو خيرن جون هٿ ڏرميون آهن. جن کي پنهنجين سوچن، نظرين، فلسفن کي گهر ويٺي سڄي ديس جي ماڻهن تي مڙهڻ جو شوق هوندو آهي. اُن شوق جي پنيان هڪ آرزو هوندي آهي پاڻ وٽائڻ جي، ڏاهي ٿيڻ جي، معتبرائپ ۽ مهنداري جي ......

اسان گهڻو ڪجهہ عام کي گهُوٺي پيارڻ جي ڪوشش ڪئي سي پر ڪڏهن اهو بہ چاتوسي تہ عام بہ انسان آهي، انهن وٽ بہ سوچ جو سفر جاري آهي ..... آهستي يا تيز، ليڪن آهي سهي ...... سندن ذهن ظاهر ۾ تہ وساميل رکَ جا ڍير سهي، ليڪن اندر چڻنگان دپيون پيون آهن. جڏهن بہ وقت جي واءُ رک کي وائريو تہ اهي چڻنگون پنيٺ تي ويندديون .....

تنهن ڪري صرف پنهنجي فلسفي، پنهنجي ڏاهپ، پنهنجي عقل، سوچ ۽ سمجهہ کي ٻين جي متان ٿاڦڻ انصاف ناهي. رياڪاري آهي.

انهن کي بہ سمجهڻ گهرجي، جيڪي ريل تي، بس تي مسافري ڪندي، کيت يا ڪارخاني ۾ گهندي، ڪنهن بي انصافي يا اڻ برابريءَ کي محسوس ڪندي سوچيندا آهن ۽ مخلتف اندازن ۾ اظاهر ڪندا آهن.

پاڻ کي پنهجيون اجاره داريون ختم ڪرڻ گهرجن، ٻين کي بہ ٻُڌڻ گهرجي تہ اُهي ڇا ٿا سوچين ۽ محسوس ڪن.

*

# وقت جي تقاضا

مان يادن جي ڪپوزنگ ڪندڙ دماغي خلين تي اڪثر چڙي پوندو آهيان تہ، اُهي سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ڪپوزنگ وانگر 19،62،ع 91 ۽ ۾ فرق محسوس نٿا ڪري سگهن. انهن کي لاءِ هڪ اکر هڪ لفظ ۽ سٽ جي ڪا اهميت ڪانهي. انهن کي اهو احساس بہ ڪونهي تہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ اکر يا هڪ سٽ سڄي تخليق جو روح بہ ٿي سگهن ٿا .... انگن اکرن جي ٿوري تبديلي وڏو فائدو يا نقصان بہ ڏئي سگهي ٿي، پر ڇا ڪجي .....؟

مون سان بہ اها مصيبت آهي تہ مان بہ، جڏهن ڪنهن دؤر جي ڳالهہ ڪندو آهيان تہ، ان وقت منهنجي لاءِ اهو ڏکيو ٿي پوندو آهي تہ، مان ان کي انگن جي حوالي سان ڪئين پيش ڪيان ....؟ اُن وقت مان سوچيندو آهيان تہ، مون ڪان اُهي عورتون بہ چڱيون آهن، جيڪي ڳالهہ ڪندي ڪنهن دؤر جو حوالو تہ ڏيئي ويندديون آهن تہ ، ادي ، مون کي جڏهن شبن چائو تہ بي ڏينهن تي ناني

صفوران رضا ڪري وئي يا جڏهن مون کي پهرين چڪي آئي هئي ته خدا ڏني جي زال الهاني سان پڃي وئي هئي ....
خير! پاڻ به اهڙيئي انداز سان ڳالهه ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيان پيو، تي سگهي اوهان کي سمجهه ۾ اچي وڃي .... ته پو ۽ ائين تا ڪٽي شروع ڪيون ته، جيڪا ڳالهه مون کي ٻڌائڻي آهي، اُها ان دؤر جي آهي، جڏهن يونيورسٽي جون پنگياٽيون به طوطيون هونديون هيون.... دؤر سمجهه ۾ آيو اوهان کي ...؟ شايد نه آيو ...! ته پوءِ اُن دؤر جي ڪجهه وضاحت ايئن تي ڪجي ته جڏهن يونيورسٽي مان مامن جو دؤر ائين ختم تي ويو هو جيئن ڊائنوسار (DINOSAUR) وڏا ريڙهيون پائيندڙ جانور ڌرتيءَ تان آخري هڏڪيون ڏيئي موڪلائي رهيا ها ... وڏا وڏا، ڊگها ڊگها، ڪايولي ٻبرن جهڙا، پنيين ڏاڙهين ۽ وڏن پاچن وارا ماما، ڪي حڪومت جي جبر ڪان،ڪي پيءُ مئي ڪانپوءِ زمين جي ورهاست جي جهيڙي ڪري، ڪي نوڪرين جي تلاش ۾، يونيورسٽي جي صفحه هستيءَ تان ميٽجڻ لڳا ها، ليڪن مامن جيڪو دؤرگذاريو هو ، چيو وڃي ٿو ته، سندن دؤر يونيورسٽيءَ جو سونهري دؤر هو، جنهن ۾ ڏينهن آزاد، راتيون آزاد، ٺهڪ آزاد ۽ سٽڻ جا پاچا آزاد هوندا هئا. ماما مڙس جبل... مهمان نواز ... يونيورسٽي ۾ سؤ مهمان لهي، پر ماما ڏڙڪ نه ڪائيندا ها ... سندن چوڻ هو ته، ’ماني ڪينٽين جي هاسٽل وارڊن جي، زمين سرڪار جي، حڪم اسان جو ۽ نصيب مهمان جو آهي‘.... ايئن سمجهو ته درياه دل اهڙا هوندا ها، جيئن چئبو آهي ته ابي جي گهر مهمان، اسان جي دل لوڏو ئي نه ئي ڪائي ..... مامن لاءِ اهو به چيو ويندو آهي ته با ادب بامراد ها ... سڄي ملڪ سان ا ره زورائي، پر پڙهائيندڙ  جي عزت ڪندا ها، پاڻ ۾ وڙهندا ها، پر خيال سان. ڪاپي ڪندا ها مگر لڪائي...
مامن جي موڪلائڻ ڪان پوءِ پيارن جو دؤر ائين آيو جيئن پوسٽ ڪان پوءِ طوفان ايندو آهي. هر شئي پنهنجي جاءِ تان هٽڻ لڳي. پيارن جي چوڻ مطابق ته، انقلاب اچي ويو هو ۽ ماٺهن جي چوڻ مطابق ته، ترٿلو مچي ويو هو. هاسٽلن جي ڪمرن کي عام تالن بجاءِ انٽر لاڪ لڳي ويا ها .... ڪارتوسي، پستولن ۽ سيون ايم ايم جي جاءِ تي اسٽين گن ۽ ڪلاشنڪوف اچي وئي هئي. جلوسن ۾ تاڙين جي بجاءِ گولين جي گونج سان داد ملڻ لڳو هو... پيارا، ڪائڻ، پيئڻ جا وڏا شوقين ها. سندن ايمان هو ته، جان آ ته جهان آ نه ته بندو بي ايمان آ ..... مفت جي ڪڙهائي ڪائي پراٺي ڪال جي مئموٿ  MAMMOTH ها تين جيان تي پيا ها ..... گلن جي صورت ۾ هلندا ها ... تولا ڪري وڙهندا ها ... سندن خيال هو ته ته پيار ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهه جائز  .....!
هڪ دفعي به پيارا ڪئنٽين تي رات جو دير سان پهتا ... جنهن پياري تڪڙ ڪئي. تنهن کي ته گوشت جي پليٽ ملي وئي. جنهن هٽ ڏوئي آرڊر ڏنو. تنهن ڪئنٽين جي باورچي ۽ سيٺ کي سنيون ڳاريون ڏئي مجبوريءَ ۾ دال ورتي ... دال واري پياري کي احساس ٿيو ته اڄ منجهس پروٽين جي ڪمي نمايان آهي سو گوشت خور پياري کي پيار ۾ چيائين: ’پيارا، هڪ ٻوٽي قوم کي به ڏيو؟‘ گوشت خور پياري وراٽيس، ’نه پيارا ، قوم اڳيئي ڪوٽ ۾ آ.....‘
’لعنت تي قوم جا دشمن!‘ دال خور پياري ڪاوڙ جي چيس. ’لعنت آتوتي سامراجي سوَر!‘....
گوشت خور پياري به ناهوڪو جواب ڏنس. هڪدم روالور نڪري ويا، گوليون نڪري ويون. جيئن ته نوان نڪور پيارا ها. تنهن ڪري سندن نشانا، نشانن تي نه لڳا. يونيورسٽي جي تاريخي گند ۾ هن جهيڙي کي ’ٻوٽي جهيڙو‘ سڏيو ويو...

هونئن ٻہ چيو ويندو آهي تہ هڪ گهر ۾ ٻہ نڪر ضرور نهڪندا آهن. پر يونيورسٽي جا پيارا اهڙا نڪر ها، جو هروڀرو ٻہ پيا نهڪندا ها. آخر نوبت اتي اچي پهتي ، جو ’ڪُڙتالي‘ پيارن، ’صالحين‘ پيارين کي ڦتڪائي وڌو . نتيجي ۾، پلو پلاند جي پوَ ڪان ڪڙتالي پيارا، يونيورسٽي مان ڪڙين تي زور ڏئي نڪري ويا ۽ صالحين پيارا پنهنجي زخمن جي چٽڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا .... انهيءَ دوران اوچتو ئي اوچتو ، ’پرين‘ جو دؤر شروع ٿي ويو .... ’پرين‘ لفظ جو رواج ڪيئن پيو ...؟ چيو وڃي ٿو تہ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو هڪ پٽيوالو جيڪو قضاالاهي سان چريو ٿي پيو. چريائپ جي عالم ۾ هر ماڻهو، چيٽي ، پتر، نڪر کي ’پرين!‘چئي مخاطب ٿيندو هو ـ مثلاً جيڪڏهن ڪنهن ڪتي متانهس باهوڙ ڪئي تہ هو ڪيس ٻچڪر ڏئي چوندو هو: ’پرين! ڏس مون کي نہ ڪائجانءِ!‘
هن ديواني جو خُلق ڏسي، يونيورسٽي جا پانڪ ٻہ متاثر ٿيا ۽ انهن هڪ ٻئي کي ’پرين!‘ چوڻ شروع ڪيو... پرين عمومن شهپري، سنهڙا، قد جا پورا پنا، سياءَ ۾ باندرن جهڙا، يونيورسٽي جي تيز هوائن ۾ تيز ڪائيندا وتندا ها. جيڪڏهن ڪو پرين ٿابو، ڪائي ڪري ٻہ پوندو هو تہ، يونيورسٽيءَ جا سخت پتر ٻہ شرمائجي ڪين چوندا ها: ’پرين!‘ ڏڪ تہ نہ لڳئي!؟‘
پرين جيئن تہ ڊائيٽنگ ڪندا ها. ان ڪري مهمانن کي ٻہ ڊائيٽنگ ڪرائيندا ها. شام جو ماني ڪائڻ جي بجاءِ ٽيليفون جون تارون چباڙيندا ۽ رسيور کي چڪ پايون پيا هوندا ها. مارئي هاسٽل جي ڪورٽ ڏانهن اُڇلايل اهو سندن آخري بال هوندو هو:
’باءِ ڳاڊ ...! جيڪڏهن اوهان مون سان نہ ڳالهائيندءُ ، تہ پوءِ اڄ پاڻ کي، گوريون ڪائي خودڪشي ڪرڻي پوندي ....! ليڪن پرين ڪڏهن ٻہ پنهنجو اهو ڪيل واعدو نہ پاڙيو ... هميشہ نڪ جي پڪائي سان صبح جو مختلف ڊپارٽمينٽس ۾ پيا تيز ڪائيندا نظر ايندا ها ... اُف! ڳالهہ ڪٿان ڪان ڪٿي پهتي ، مونکي توهان کي اُن دؤر جي هڪ خالص ڳالهہ ٻڌائڻي هئي ...
ها...‘ تہ مشترڪ ۽ خاص ڳالهہ مامن. پيارن ۽ پرين جي دؤر جي اهائي هئي تہ: ’اچو تہ بائيڪاٽ ڪريون!‘
هر جنرل باڊي جي ميٽنگ ۾ احتجاج جو اهو هڪ انداز هيو ... مامن يونيورسٽي بند ڪرائي ....پيارن ڪو نہ گهٽايو .... پرين پاڻ ملهايو ... نتيجي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل شاگرد تعليمي خودڪشيءَ جو شڪار رهيو .... چئن سالن جو ڪورس ستن سالن ۾ تيڻ لڳو ..... سنڌ يونيورسٽي جو نالو ’بند يونيورسٽي‘ جي نالي سان مشهور ٿيو ... وقت جي سرڪار سڳوري جيڪو چاهيو پئي، هنن اهو پاڻ پي ڪيو.
اڄ ڪنهن جو دؤر آهي ...؟ مامن جو ، پيارن جو، پرين جو يا سپرين جو ....؟ پاڻ کي تہ خبر ڪونهي. پر ٻڌجي ٿو تہ يونيورسٽي ۾ مامن ، پيارن ۽ پرين جي اجان ڪاڪڙ ڪوڪڙ موجود آهي، جن جو ايمان اڄ بہ ’بائڪاٽ‘ ۾ آهي. پر اهڙا شاگرد ٻہ آهن، جيڪي احتجاج جي ان خودڪشيءَ واري طريقي جي مخالفت ڪن ٿا. جياپي جي جنگ ۾ مقابلي جي خواهش رکن ٿا ۽ وقت جي تقاضا سمجهن ٿا.

# ميلو لطيف جو

اهو ٻہ ريرستي جو دؤر هو، جڏهن گهر زهر لڳندو هو. همين ياران دوزخ، همين ياران بهشت، وارو زمانو هو. ڪڏهن ميلي ۾ تہ ڪڏهن جهميلي ۾، ڪڏهن ريل تہ ڪڏهن .... وري وقت اهو ٻہ

آيو جو، 'ستائي سونهن، ننڊ عبادت جن جي.' اندازن ڏهاڪو سالن کان پوءِ اصحاب ڪهف وانگر ننڊ مان اٿي وقت جي بازار ۾ پراڻن سڪن ڪي متائڻ جي ڪوشش ڪئي سي، ته خلق ڪلائي سي .... خبر پئي ته هن ڪمپيوٽر جي دؤر ۾ ڏهن سالن جي وڇوٽي، ڏهن صدين جي برابر آهي. ايڏو پاڻ کي پوئتي ڏسي احساس ڪمتري ٿي. سوچيندو رهجي ويس ته حاشيائي فرد ( MARGINAL MAN ) جي حيثيت سان ڪيئن هڪ جيڏن ۾ نهندس ...؟ هڪ پاسي وان پرستي جو جنون جاڳيو ته ٻئي پاسي لطيف جو ميلو پريو پئي آيو. اندر ۾ اڻ تڻ اڌما. پورا ٻه ڏينهن 'ها' ۽ 'نه' ۾ گذريا. ٽئين ڏينهن تي پڪو ارادو ڪري نڪتم ... آخري ڏينهن جي آخري رات هئي، لوڪ لڏڻ تي هيو ، چري اڌڻ آئي هئي. سومهڻي جي وقت لطيف جي نگري ڊول فقير جي آواز پليڪار ڪئي:
'الاڙي، الا! مارو مٺ ملير جا ٻلي سيئي پرڪيا سون.
سوڪي ويل سيڪو، اوڪي تونهين تون
مولا مٺان مون، ٻڙو نه لاهج ٻاجھ جو....
ان وقت اهو بيت مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ منهائين هئي، اُنهن سيني مهندارن جي لاءِ جن اوڪي ۾ ماروئڙن کي اڪيلو ڇڏيو هو .... آواز جي پڙلاءُ جو پيڇو ڪندي سرڪاري پنڊال تي پهتم، پنڊال اڌ هيو، پي ماڻهن جي ڳاهٽ ڏسڻ ئي نه ڏنو ته اسٽيج تي کهڙيون من موهيندڙ صورتون آهن. ڪيترن جوانن ڏسڻ جي شوق ۾ پنڊال جي چوڌاري جڙيل لسي پٽ تي چڙهي مزي سان ديدار درشن پئي ڪيو. پاڻ ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن اوڏڪي پٽ ٻه نه اورانگهي هئي سي، سو دل جي حسرت ، دل ۾ ئي رهجي وئي .... پوءِ دل ۽ من جي صلاح اها بيني ته جوڳي رمندا پلا....
ائين ڪراڙ ڊڍ جي وٽ ڏيئي هڪ پرئي بازار ۾ پهتم ته، تيز روشنيءَ ۽ رڪارڊنگ جي شور ۾ سامهون موت جي کوھ پئي سنياريو ... رسان سرڪس شو وارن پئي پئي سڏيو .... پنيان چيڪلن ۽ چوڏيلن اندر جي ٻار کي نيند پئي ڏني ۽ ساڄي پاسي 'پروفيسر شو' جي دعوت هئي . دل کان پڇيم ته، 'ڇا ٿي چئين موت جي کوه جي باري ۾ ....؟ ٺهڪ ڏيندي چيائين، هي موت جو کوهه سنڌ جي شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد کان مٿي آهن؟'...
پڇيومانس، ' پلا سرڪس شو ....؟'
جواب ڏنائين، 'سياستدانن جي قلابازين ۽ ڪمالن کان وڌيڪ آهن، ٻن ٽن مسخرن جون قلابازيون ؟'
پڇيو مانس، 'چيڪلا ۽ چوڏيل ....؟'
چيائين، 'اڃي ڏاڙهي اٿو خراب '
پڇيومانس، 'نياڳي ! پلا پروفيسر شو؟'
چيائين، 'واروڪر!'
سو دل جي صلاح سان، نه ڪيم هم نه تم ، ٽڪيٽ وٺي اٺاولو ٿي اندر گهڙيم. ٽيهاڙو ڪن ڪرسيون ، سامهون اسٽيج هئي .... ڪرسين تي، سنڌ جو عام ماڻهو اربو ، نبو، ليمي، ڏاڙهون، مٽي ۽ ڪوڙي کي ڏسي دل باغ و بهار ٿي وئي. پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳيم.
'ڏس زماني جو ڦير! اهو ٻه زمانو هيو جڏهن پروفيسر جي ايم ـ مهڪري جهڙا استاد ليڪچر ڏيندا هيا ۽ توهان جهڙا ناخلف اڌ ڪلاس مان پڇي ويندا ۽ هي ٻه زمانو آهي جو پروفيسرن کي هڙئون وڙئون ڏئي ٻه ماڻهو ٻڌڻ لاءِ آتا آهن. ٿوري جهٽ  کان پوءِ پنجابي ڳائڻ جي ذم ٿي وئي.

مون سوچيو ، ترقي جو زمانو آهي، ان ۾ بہ ڪو نفسياتي نقطو ضرور هوندو تہ، خشڪ ليڪچر ٻڌڻ کان اڳ دماغي توازن جي لاءِ ڳانن جي مالش ٿيڻ ضروري آهي. پر خبر تڏهن پئي جو انهن ڳانن جي ڌن تي پنج ڇهہ الهڙ جوانيون جهومنديون اچي اسٽيج تي پهتيون. مون حيرانگي ۾ انهن ڪي پئي ڏٺو تہ، اوچتو پروفيسر جي ايم مهڪري جو نسخو ياد اچي ويو تہ، ’هڪ عمرانيات جي شاگرد ڪي نہ صرف تماشو ڏسڻ گهرجي، پر ان سان گڏ تماشبين جي رد عمل تي بہ ڪرڙي نظر رکڻ گهرجي.‘
انهيءَ بنيادن تي مون اوسي پاسي وارن تي بہ نظر وڌي تہ، همراهن جي ڪيسن، ورن پٽڪن، ۽ انگوڇن مان ويڙهيل سيڙهيل، سڌا ڦڏا نوٽ نڪرڻ سان اسٽيج تي بينل الهڙ جوانيون هيٺ لهي آيون . مان اجان عمل رد عمل جي چاج جوچ ۾ هيس ، تہ هڪ مٿيار مون ڪي ڪلهو هڻي چيو، ’چليا، صرف ويڪندي جاندي او، ڪڇ ديندي ويندي نهين .....؟‘مون دل ۾چيو ، ’مائي !هاڻي بس ڪر، جو ڳوهہ ڦاٽي آ ڊهہ سان ..... وس هلي تہ توڪي ۽ اجازت ڏيڻ وارن ڪي ڳهاٽي ۾ پيڙائجي‘.... ڪٿون ڪائيندي، نام نهاد ’پروفيسر شو‘ ڪي پني ڏئي اوٻي اٿ وانگر ڪٽي سڌ ڪيم. اڳتي وڌيم تہ ايئن محسوس ڪيم جڻ لطيف جي ميلي تي نہ پر ڪنهن وڏي جوا جي ٽڪري تي پهتو آهيان .... وڪ وڪ تي گهوڙيءَ راند، چڪي ڦرٽي، ’آ ٻن تي چار ! چئن تي اٺ! ڏهن تي ويهہ!‘ جا آواز .... اندر جي ڪانءَ هرڪايو تہ، تون بہ ڪي بہ هٿ ڏيڪار ، پوءِ سيٺ سيرو مل يا جتي هٿ ۾ ... پر چري دل چيو نہ ڪيو، چيائين، ’چڱا مڙس !مٽيادار جي ميلن ۾ اها ڳالهہ نهي نٿي......‘
دل جي هٿان مجبور ٿي اڳتي وڌيم تہ چانهہ جي هوٽلن تي ڪدڙن ويچارن نينگ ٽپا ڏيئي زندگي جي سڳي سورڻ لاءِ جتن پئي ڪيا ۽ جنس جي صحرا مان آيل اجيارن ، فحاشي جي ڪني دٻي مان اڄ پئي اجهائي . مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو ... ’هي ڪنهن جو ميلو آهي ...؟‘ جواب سمجهہ ۾ نہ آيو، پر ايتري ۾ هڪ سنهي گهٽي اچي وئي، جنهن ۾ ماڻهن جي ڪلهي گس لڳي پئي هئي. مون پنهنجو رخ بہ اوڏانهن ڪري ڇڏيو. گهٽيءَ جي ڪٽڻ کان پوءِ هڪ ميدان اچي ويو.... گولن جي روشنيءَ ۾ ماڻهن جو مچيون هيون .... ’ڇا ٿو وهي واپري ...؟‘ ڏسڻ خاطر هڪ مچي ۾ جهاتي پاتم، ڇهن سالن جي ڇوڪري کان وٺي ويهن سالن جي ڳڀرو تائين، پيرن ۾ ڇير ڇمڪي رهي هئي. منهنجون نظرون ڇهن سالن جي ٻار تي ڪتل هيون جنهن جي هٿ ۾ قلم ڪٽڻ جيتري سگهہ مس هئي. ان جا پير ڇير جي وزن کان شل احتجاج ڪري رهيا هئا، ڄڻ چئي رهيا هجن. مون کي ڇڏيو تہ مان ڊوڙندو اسڪول وڃان ....! هڪ ساعت مونکي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ منهنجو ڇهن سالن جو ’بالاڇ‘ منهنجي اڳيان نچي رهيو هجي ....؟ مون ان ڪري تصور کي هڪدم ڌڪو ڏنو ۽ چيو ، ’نہ هي پرايو پٽ آهي ....!‘ شايد اها ئي بنيادي بي حسي هئي تڏهن تہ ڪيترا ئي پٽن جا پيئر پٽن جيترن ڪي نچندو ڏسي لطف اندوز ٿي رهيا هيا. انهن مچين ۾ وڌيڪ ڏسڻ جي سگهہ نہ ساري اڳتي وڌيم تہ ڪجهہ ميڙ نظر آيا. اجائي جستجو واري عادت کان مجبور ٿي ليئو پاتم تہ ڏٺم، ڇوڪرن جي بجاءِ ڇوڪريون هيون. ماڻهن جون نظرون بکين بگهڙن جيان سندن جسم جي هڪ هڪ انگ سان چنبڙيل هيون. مون پنهنجي تصور کي وڌيڪ ڪريهہ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڄڻ ڀڄي نڪتس. پاڻ کان پڇندو رهيس. ’ڏوهہ ڪنهن تي ڏجي ....؟
گهٽين جي ور وڪڙن مان آزاد ٿي، جڏهن ٻاهر نڪتس تہ، درگاهہ جا قبا صاف نظر اچي رهيا هيا.... تيز قدمن سان درگاهہ ڏانهن ويندي، انهن ٽريلن تي بہ نظر پئجي وئي، جن ڪاٺ جي نپن

سان ماڻهن جا هٿ ڳاڙها پئي ڪيا، پر سندن هٿ بي رنگ هيا، مون کي حيرت نہ ٿي، ڇو تہ مون کي خبر هئي تہ، اهو ئي اسان جو سماجي انصاف آهي تہ جيڪو انُ اُپائي سو بکيو هجي ... جيڪو ڪپهہ چُٽي، تنهنجا لٽا ليڙون هجن ... جيڪو بلڊنگون ناهي، سوئي بي گهر هجي ... درگاهہ ڏانهن هلندي جڏهن اوچتو نظر ان ڪرڙوڊ شخص تي پئي جنهن جو سڄو جسم بدنما لڙڪندڙ موهيڙن سانب جهنجيل هو. منهنجي بدن مان ازخود درڙي نڪري وئي. هو خاموش وينو هيو، پر ائين لڳو تہ، 'مول ڪينسر' جو مريض جڻ اسان سيني تماشگيرن تي طنز ڪندو هجي ۽ پڇندو هجي تہ، توهان جو پٽڪا پائي لطيف جي ميلي تي آيا آهيو، ڪڏهن مون جهڙن ماڻهن جي ڏکن کي ونڊڻ لاءِ بہ سوچيو اٿو ....؟ موت ۾ مون وٽ ڇا هو .....؟ ڪجهہ بہ نہ ... سو شرمساري جي انداز کي گهٽائڻ لاءِ منهنجون وکون تيز ٿي ويون ، درگاهہ ڏانهن ... تيزيءَ سان درگاهہ جي ڏاڪڻ تي، جتين سنڀاليندڙ کي جوتا ٿمائي درگاهہ جي صحن ۾ گهڙيم ... صحن تي ڌمال هلي رهي هئي، پوڙها پڪا، ننڍا وڏا، مرد عورتون سڀ نچي رهيا هيا. صحن جو سرسري جائزو وٺندي، سٽل ماڻهن تي نظر ڦيرائيندي ، روضي ڏانهن رخ رکيم . پهريائين تہ پينن فقيرن پاسا ورتا. ڪنهن کي ڏنم ڪنهن کي 'معاف ڪر....!' پاڻ ڇڏائيندو ، هڪ ڳلن جي ڪندين واري سان ٽڪريم ... ڳلن جي ڪندين واري هٿ ۾ ڪٽي ڪنڊي ڏني. پئسا پڇيم تہ، ونڻ کان نابري واري بيٺو ... دل ئي دل ۾ سندس شڪريو ادا ڪندي، مرشد جي روضي جي چائٹ ٽپيم .... ماڻهن جي ڏکن ۾ ازخود مزار اندر ٿپائي ڇڪو هيس .... پاسي وارن اترئين دروازي کان ٻاهر نڪتم تہ ساڳيو ئي ڪنڊيءَ وارو سامهون... 'مرادي ڏي!؟' هن چيو.... سندس تري تي بہ روپيا رکيم، همراهہ ناراض ٿي ويو..... پنج روپيہ تري تي اڇلائي اڳتي وڌيم ... پنيان هڪ زومائتي گار ٻڌم، شايد ماءُ تي هئي، تڏهن ڪاوڙ نہ آئي يا ائين سمجهيم تہ ڳلن سان ڳڌ خار بہ هوندا آهن ..... روضي جي پٺ ۾ بيهي، پريشاني ۾ پگهر پئي اگهيم ۽ سوچيم تہ ، خبر ناهي تہ ميلي جي موٽ ڪيئن ٿيندي ....؟ اجا انهيءَ ششو پنج ۾ هيس هڪ ميار ٻڌم، بيت جي صورت ۾:

'هيا جو نہ هياچا، جياپي جهان ۾
ٻڏي جو نہ مئا ، پاڻي پائي پاٽ ۾.

ڇرڪ نڪري ويو تہ هي ميار ڪنهن ڏني ....؟ لوٽو هيم تہ قبرن جي وچ ۾ پنجن ماڻهن جي محفل لڳي پئي هئي. محفل جو مور سفيد ريش بزرگ، الفي پاتل پلٽي هنيون بيت وينو ٻڌائي 'واهہ واهہ!' ۽ 'سبحان الله !'جو ورد ٿي رهيو هيو. هڪ ٻيو بيت بہ ٻڌايائين:

هنج نہ ڦيد ڪجن، مور نہ وجهجهن پڃري
ساريون راتيون سيد چوي، لاتيون جي لنون
واهري نہ ويهن، جهڻ پڻ ڪن جهنگ ۾.

مون ڪان رهيو نہ ٿيو ، پلٽ هٽي پاسي ۾ ٿي وينم. هو لطيف جا بيت ٻڌائيندو پئي ويو، منهنجي حيرانگي وڌائيندي پئي ويو. مون سوچيو پئي اهي بيت تہ مون رسالن ۾ بہ نہ پڙهيا آهن. وڏي اسر سان حالي احوالي ٿياسي تہ خبري پئي تہ مانجهي مٽياردار 'خيرپور ميرس' جي پاسي جو، درگاهہ ابراهيم بن ادهم جي هينيان، گهاڙيءَ ۾ وينو آهي. نالو دلمراد اٿس، ذات جو چنو آهي. ابن ڏاڏن کان لطيف جو پانڌيئڙو آهي.

جڏهن موڪلاٽي تي ته دل ڏڍ ڏيندي چيو، ڏنئہ مانجهن سان مليو تي ويو نہ ....؟ ان ڪي ميلو چئبو آهي ....!
پر دل ٻيو خوفائتو احساس بہ ڏياريو تہ، جي اهڙا آديسي بہ اتي ويا تہ پوءِ ڪنهن سان ميلا ....؟ ڪهڙا ميلا ....؟

# اڻ برابري

لطيف سائين جي شعر جي عجيب و غريب سٽ آهي،
’فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن.‘
ڦرهي تہ ننڍي هوندي ڪنئي سين، ڦرهي تي لکيوسين، پر ان ڦرهي جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ پنج هزارسال اڳ ڏهہ هزار سال اڳ، سنڌو جي ڪپن تي اڏيل واهڻن ۾ يا شهرنم ....؟
بهرحال ، اهو طئي ٿيل نقطو آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ جي ودوانن ، علم ۽ وديا کي مٽي يا ڪاٺ جي ڦرهيءَ تي ڪنهن خاص نقش يا چٽ جي ذريعي اپاريو ۽ پنهنجو علم هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، هڪ شهر کان ٻي شهر تائين ، منتقل ڪندا رهيا، ۽ پنهنجي تهذيب و تمدن جو ڏاڪو جمائيندا رهيا، انساني گروهن کي ڏاهپ جي بنياد تي ماڻهپو ڏيندا رهيا.
فڪر جي ڦرهي بابت لطيف جو اشارو ڪهڙين معنائن ۾ آهي؟ چا تو ٻڌائڻ چاهي؟ چا تو سمجهائڻ چاهي؟ چا هيءَ فڪر جي ڦرهي انساني شعور تہ نہ آهي، جنهن تي سچ ۽ حقيقتون مشاهدي جي بنياد تي اپري ايندا آهن؟ جڏهن بہ ، ان فڪر جي ڦرهي جو ڪو مطالعو ڪري وٺندو آهي. تہ پوءِ اهو هڪ سماجي سچ فلسفو ۽ نظريو ٿي پوندو آهي. جيڪو انسان ذات جي لاءِ هڪ واٽ يا ڳس ٻڌبو آهي جنهن تي هلڻ لاءِ هر هڪ کي اتساه ۽ اڻ تڻ هوندي آهي تہ اهو اسان کي ماڳ رسائيندو ، جتي پرين پسبو.
پر جڏهن ڪان وٺي خود غرض دماغن ۽ ابن الوقت پوين، فڪر جي ڦرهي تي آيل اکرن کي پڙهڻ تي بندش وڌي ۽ پنهنجن مدي خارج نعرن ۽ نظرين کي زوريءَ مڙهڻ ، پڙهائڻ ۽ رٽائڻ شروع ڪيو، تڏهن ’برين واش‘ جي ابتدا ٿي ۽ انساني سوچ جو سينورجڻ لڳو. ڪندائتن نظرين، رسمن، رواجن، عقيدن ۽ قانونن ڏپ پئدا ڪرڻ شروع ڪئي، نتيجو اهو نڪتو تہ ماڻهو ماڻهپي مان نڪري ويا، انساني سماج جو بنيادي ايڪو (خاندان) بہ اپي شاهي جو شڪار ٿي ويو، هڪ ڇت جي هينان رهندڙن بہ هڪ ٻئي سان زيادتيون ڪرڻ شروع ڪيون. عمر ۾ ننڍي فرد، فڪر جي ڦرهي تي آيل اکرن کان مجبور ٿي، خاندان جي وڏي فرد کي گذارش ڪئي:
’منهنجي پسند ۽ ناپسند جو بہ خيال ڪيو وڃي. منهنجي مستقبل جي فيصلي ڪرڻ کان اڳ مون کان بہ راءِ ورتي وڃي ۽ منهنجي معصوم جذبن جو بہ احترام ڪيو وڃي. ڇو تہ مان بہ هن گهر جو هڪ اهم فرد آهيان.‘
گهر جي وڏي ڪاوڙ ڪروڌ ۾ جواب ڏنس:’وڏن جا ڪيل فيصلا پٿر تي ليڪ هوندا آهن. ننڍن جو نصيب هوندا آهن. جو رهين تہ رهہ نہ تہ نڪر گهر مان.‘

ننڍي جي معصوم خواهش، احساس ۽ جذبا ايئن پيلجي ويا جڻ ڏور جي پيرن هيٺان مٽرن جو ٻوڙو اچي ويو.
قبيلائي رسم جي قربان گاهه تي ڪسجندڙ معصوم ماڻهن جي حق ۾، فڪر جي ڦرهي تي اڀريندڙ لفظن ڪي ڪنهن آواز ڏنو ته، هي ذات پات، هي قبيلا صرف نالا آهن. انسانن جي ورڇ ۽ ورهاست ناهن!‘
ڏاڍو تکو جواب مليس، ’بي غيرت، غدار، خبر اٿئي ان جو انجام؟ موت! صرف موت! سچ جو پيامبر رسمن ۽ رواجن جي قربان گاهه تي وحشيت ۽ بر بريت جي ديوتائن اڳيان چڙيون هڻندي مري ويو.
ڪنهن ڌرم جي ڌوتن اڳيان فڪر جي ڦرهي تي آيل لفظن ڪي اچاري وڌو ته، مذهبي عقيدا انسان کان مٿانهان ناهن. سچ وڏو ڌرم آهي. شور ۽ غوغاءُ ٿي ويو:
هي اڌرمي ! هي مرتد! عقيدن جي خلاف وات هڻين ٿو. هن جو وات بند ڪيو وڃي! زبان ڪاڪڙي کان پٽي وڃي! ڪنن ۾ شيهو پگهاريو وڃي. اکيون تتل شيخن سان ڏنييون وڃن آلن ٿوئن ۾ ساڙيو وڃي! سنگسار ڪيو وڃي!‘
پوءِ انڌن عقيدن جي خلاف ڪو سر جو نذرانو ڏيئي امر ٿي وڃي ٿو. ڪنهن، انساني نسلن ڪي رنگ، جسماني ڊيل ڊول ۽ مخصوص ثقافت جي بنياد تي چٽڻ ۽ چيپائڻ جي خلاف صدا هنئي:
’ظلم آهي! نسلي بنياد تي ويل وهائڻ ـ سڀ انسان برابر آهن. ڪهڙو گورو ڪهڙو ڪارو!؟ ڪهڙو پيلو ڪهڙوآريو!؟ ڪهڙو هُن، ڪهڙو سامي!؟ ڪهڙو دراوڙ، ڪهڙو هامي!؟ ڪهڙو ڪول، هن سنٿال !؟ فرق صرف ڪردار جو آهي!‘
زور سان جوابي رڙ ٿي، ’بڪواس بندڪر! نسل ته ڪتن جو به ڏٺو ويندو آ ته ڪهڙو چڱو آهي ۽ ڪهڙو لڳو ؟ هي ته انسان آهن، فرق فطرتي آهي‘.
’فڪر جي ڦرهي تي آيل سٽ سميت همراه وڃي گئس چيمبر ۾ پيو، طبقاتي ڪشمڪش جي خلاف، فڪر جي ڦرهي تي آيل مشاهدي کان مجبور ٿي ڪنهن ڳالهايو ’هر ماڻهوءَ ڪي سماج ۾ حق محنت ۽ ضرورت مطابق ملڻ گهرجي. ونڊ ورهاءُ ايمان پيءِ!‘ دنيا جا سڀ موذي، ان سادي سودي سٽ جي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا:
’وجهوس ڪاٺ ۾! گهليوس شيشن تي!چاڙهيوس انگاس تي! هڻايوس ڦٽڪا ! قدرت جي ورهاست تي شڪ، قدرت ڪنهن ڪي ڪيترو به ڏئي بغير حساب ڏئي، نه ڏئي ....! ماريوس ، حساب ڪتاب ٿو ڪري، ماريوس!‘
پوءِ فڪر جي ڦرهي سوڙو همراه عذابن ۾ اچي ويو.
نهيل نڪيل بي انصافي تي انساني معاشرو هلي رهيو هو. انسانن جي اڌ آبادي ڪنهن گونگي ڳانءِ وانگر هئي. انهن ڪي اهو آواز ڪنهن ڏنو؟ ڪنهن فڪر جي ڦرهي تان هي نقطو ڪٽي، پيڙ پاريو:
’عورت ۽ مرد برابر آهن جنس جي بنياد تي استحصال انسانيت جي تذليل آهي!‘
انساني گروهن جا راڪاس ۽ برڙ ٻاڪاس اٿي ٿيا. وارو وارو ٿي ويئي:

’اڙي پانديا! اهو ڇا چيئہ؟ مرد ۽ عورت برابر ، معنيٰ تہ حڪومت ۾، مذهب۾، معاشيات ۾، تفريح ۾، تعليم ۾، خاندان ۾، قبيلي ۾، عورت کي مرد جيترا حق ڏنا وڃن . ڪڏهن اگ ڻ تيو آ ايئن ؟ اڻ ٿيڻي ڳالھ آ، سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي!‘
فڪر جي ڦرهي تي گهٽو ڪجھ لڪيل هو، ماڻهن پڙهڻ پئي گهريو، سمجهڻ پئي گهريو، ٻڌڻ پئي گهريو، ٻڌائڻ پئي گهريو، پر چوڌاري ايڏو تہ شور ۽ گوڙ وڌي ويو جو، فڪر جي ڦرهي هٽ ۾ ڪٽنڌڙ جو آواز، نقار خاني ۾ طوطي جي مثل ٿي ويو.

# سوچون سپ ڪنهن جون

گهٽو ڪري تہ ’اسپٽنڪ‘ ڊائجسٽ ۾ هڪ ڪارٽون ڏٺو هيم. جنهن جو عنوان هيو، ’سچ جي ڳولا۾ ....‘ جنهن ۾ ڊيڪاريل هيو تہ، ٻن شخصن جي وچ تي انگريزي ۾ 6 يا 9 جو انگ لکيو پيو آهي. ٻنهي پاسن کان آمهون سامهون بہ ماڻهو هڪ ٻئي کي دليل ڏئي رهيا آهن. هڪ چئي رهيو آهي، اهو 6 آهي... ٻيو چئي رهيو آهي، نہ اهو 9 آهي.. اهڙي صورتحال اداسين سوامي بابا ٻنڪنڊي مهراج، واري آستان يعني ساڌ ٻيلي ۾ هڪ بحث دوران پيدا ٿي پئي. پاڻ کي تہ اجائي يا اجائي بحث ۾ ٽپي پوڻ جو شوق ناهي هوندو. پر پاڻ سان هڪ اهڙو ذوقين ساڻ هيو، اهو هيو مينهون خان سوز ٻروچ .... ٻروچ اهڙن هنڌن تي ايئن هوندو آهي جيئن ڇٻو آهي، دهل وڃي، دوسو نچي ... اڙيو تڙيو بحث ٿيو ناهي، ٻروچ ٽپو ڏنو ناهي ....
ٿيو ايئن جو ٻروچ سوامي ٻنڪنڊي مهراج شري ساڌ ٻيلي واري جي هڪ سو ٻاهنين ورسي هئي، سوز ٻروچ ، سريش راجاڻي، محمد علي پناڻ ۽ مان گڏجي اهو پروگرام طئہ ڪيو هيوسي تہ، وڃين ميلي جو درشن ونبو، جڏهن پاڻيءَ جا چندا جهليندي .... جهولي لال جا نعرا هڻندي ، بابا ٻنڪنڊي جي اگڻ تي پهتاسين.... اگڻ اهو منظر پسايو تہ جتي تر ڇٽڻ جيتري بہ جاءِ ڪو نہ هوندي هئي، اتي ماڻهو تيلا تيلا لڳا پيا هيا. سڄي سنگت جو گڏيل تاثر وڃي اهو بيٺو تہ، جيئڻ پوءِ ٽيئن سنڌ جي ميلن ، عرسن جي رونقن کي، بدامني ، بدنظمي ۽ انتشار جو راڪاس ڳهندو پيو وڃي. هي ميلا جيڪي ميلن ميلاپن ، ڏيٺ ويٺ وٽج واپار ، روحاني ۽ دينائي راهتن جا حيلا وسيلا آهن، سي هاڻي ختم ٿيندا ۽ موڪلائيندا پيا وڃن. ساڌ ٻيلي ۾ جاين جڳهن ، مڙهين مندرن ، سماڌن ۽ آسڻن جا حال جو سرسر ڪان جدا ٿيندي پئي وئي. پر ڪو پُرسان حال ڪو نہ هيو، جو تہ ساڌ ٻيلو تيرٿ ، حوالي آ، اوقاف کاتي جي ۽ اوقاف کي ڪير چوي تہ شينهن تنهنجي وات ۾ ڏپ ... بہ ٽي جايون جيڪي منهن سامهون بيٺيون هيون. انهن مان هڪ بابا ٻنڪنڊي وارو مندر، ٻي لائبرري ۽ ٽيون پنڊارو صاحب (رڌ پچاءُواري جاءِ) جن کي شيوا ڪارين پنهنجي هڙئون وڙئون يا چندو چاڙي ڪري پئي نهرايو آهي.انتظامي لحاظ کان مڙيئي نالي ۾ هڪ RELIGIOUS PURPOSE MITTIE بہ نهيل آهي جيڪا چڪي ٽاڻي ميلن نيهلن جو انتظام ڪري وڃهندي آهي ۽ وقت ٽپائيندي آهي ....

خير ڳالهه ڪرڻي هئي، انهي بحث جي جنهن ۾ سوز ٻروچ ور ڪنجي لهي پيو هيو، جڏهن اسان چڪر چاڙي هٽي، ساڌ ٻيلي جي ڪنڊ ڪڙڇ لتاڙي، هڪ ڪونيءَ ۾ پاٽي پيئڻ ۽ ٽڪ پجڻ جي سانگي براجمان ٿيا سين . ان وقت اجا سوامي محمد علي پناڻ ساڌ ٻيلي ۾ واسو ڪو نہ ڪيو هيو. سريش راجاڻي ڪي ڪو ڏنل وائنل نظر اچي ويو، سو تہ همراه سان ٻاهر ڪچهري ۾ مشغول ٿي ويو ۽ هيڏانهن ڪوني ۾ ٻي خبر همراهن هڪ ٻي سان حال احوال اورڻ شروع ڪيا:

’يلا، جهامن داس هندوستان ويو چا؟‘ هڪڙي ٻئي کان پڇيو.

’ها، ها! پندرهن ڏيهاڙا ٿيا اٿس، ‘ ٻي جواب ڏنو.

’توهان بہ تيار آهيو، ٻڌئون ٿا؟‘

’بس چا ڪيون، ڏسين پاڻ ٿو حالتون ... ‘ ٻي همراهہ ٿڌو ساهہ ڪٽي وراڻيو.

’ڪاڪا! اها تہ زيادتي آ.... ‘ اهو وچ وارو ٽپو سوز ٻروچ جو هيو، جنهن شرطي ڏاند وانگر ٽڪ ڏسي تاڏ ڏني.

’ڪيئن سائين!؟‘ همراهہ هڪو ٻڪو ٿي، سواليہ نگاهن سان سوز ٻروچ ڪي ڏسڻ لڳو.

’توهان پنهنجي ڌرتي ماتا، گهر، شهر، ٺڪاڻا، مندر سڀ ڇڏيون ٿا وڃو... اجا ڪيئن؟‘ سوز ٻروچ پنهنجي سوال جي وضاحت ڪندي چيس.

’يلا چا ڪيون سائين، آهي ڪو تحفظ؟‘

’جيستائين، تحفظ جو سوال آ، تحفظ تہ ڪنهن ڪي بہ ڪونهي‘.... سوز ٻروچ جواب در سوال ڪيس.

’پر سائين، اسان سان تہ ٻتو ويل آ.... شهرن ۾ دهشتگرد، ننڍن شهرن ۾ واهڻن ۾ ڌاڙيل .... اڳي هوندو هو رڳو پرئي ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو ،هاڻي تہ پرئي سنڌ ۾ واٽيو ڳورو ٿي پيو‘

’ڪاڪا، ڏڪين ڏينهن ڪي مڙس ٿي منهن ڏبو آ نہ!؟

’اسان ڪچيون پنديون، اسان ۾ اهڙي سگهہ ڪاٿي ... اڳي چيو ويندو هيو تہ مڙس ماڻهو تجي يا وري مڙس ماڻهن جي پاڙي ۾ رهجي ... هاڻي تہ مڙس ماڻهو بہ پتڪو ڪڇ ۾ ڪيون، ڪل لڪائڻ ۾ پورا آهن. سو اسان ڪنهن جي آسري تي ٽڪون ....؟‘

’پر مان ڪي اهو تہ ٻڌايو تہ جنهن ڌرتي ڌانهن توهان وڃو ٿا، اها توهان ڪي جاءِ ڏيندي ؟ ‘ سوز ٻروچ سوال جي ڏکي ترار وهائي ڪديس.

’اسان سمجهئون ٿا تہ اُتي ڪا پڪي ڪانهي پئي. اُتي بہ هاڻي لوڪل ۽ نان لوڪل جو مسئلو پيدا ٿي پيو آهي. پر اُتي هي روز روز جي هڻ هٽان ۽ ڪڻ ڪٽان تہ ڪونهي نہ .... ‘

’حقيقت ۾ جيڪڏهن توهان اهو سوچي هتان وڃو ٿا تہ، توهان نہ صرف اسان سان ظلم ٿا ڪيو پر پاڻ سان نہ ....

’ڪيئن ؟‘ همراهہ پريشان ٿي وري سوز ٻروچ ڪي عجيب نظرن سان گهورڻ لڳو.

’هيڏاهن توهان پڳا ٿا وڃو، هوڏانهن هو پڳا ٿا اچن ... ٻنهي صورتن ۾ اسان ڪي نقصان .... تنهن کان سواءِ اوهان ڪي بہ اُتي ،اُتان جا اصل باشندا ’شرنارٿي‘ ۽ ’ٻاهريون‘ سڏيندا. اُتي بہ توهان ڪي ۽ توهان جي اينڊڙ نسل ڪي طعنا تنڪا برداشت ڪرڻ پوندا ....

’توهان پنهنجي جاءِ تي صحيح آهيو. پر مون ڪي اهو ٻڌايو تہ هتي بہ طعنن تنڪن جو گنگڻ ڳچي ۾ ناهي پيل چا؟‘

’پر ڪاڪا ! پجڻ ڪو مسئلي جو حل تہ ڪونهي؟‘

’پائي ! جاتي پجي نہ سگهي ، اُتي پجڻ ڪم وريامن جو ... ‘

’پر اهو ته ائين آ، جيئن ڪو ڪڏ مان نڪري، کوهه پئي يا کوهه مان نڪري کڏ ۾ پئي !‘ سوز ٻروچ مثال ڏيندي سمجهايس.
’پائي ، اهو مثال تون ائين ڪري چو نه تو وٺين ته جنهن کي چڪ پيل آ، اهو ائين چوندو ته چڪ ڪان جهنڊي پلي... آزار اتي به هوندو پر هتان جي ويل ڪان ته گهٽ هوندو .... هاڻي ڏسو تا ته معصوم ٻارن کي به نٽا چڏن.‘ ڪاڪي به مثال سان جواب ڏنس.
انهيءَ بحث دوران سوامي محمد علي پناڻ به ساڌ ٻيلي ۾ واءُ مينهن ڪندي رسي چڪو هيو. سريش راجاڻي به ڏنل مان جان آجي ڪرائي اندر اچي چڪو هيو. مان مناسب موقعي جو فائدو وٺندي سوز ٻروچ کي اتاريندي چيو:
’ٻروچ ! اهو بحث وري ٻي ميلي تي ....!‘ ڪاڪي کي آٿت ڏيندي چيم، ’ڏٽي پلو ڪندو ... اهو ئي رڪپال آ... پتت پاون آ .... ملڪ ۾ امن شانتي ٿي ويندي ... دل نه لاهيو .‘
’پر حقيقت ۾ مان پنهنجن لفظن مان پاڻ ئي مطمئن ڪو نه هيس. انهن ٻنهي ويچار ڌارائن منهنجون متيون منجهائي وڌيون هيون. ساڌ ٻيلي جي ڪنڌ ڪڙچ کي محمد علي پناڻ جي فرمائش تي هڪ دفعو ٻيهر گهمڻ ،جي دوران، ويندي ٻيڙي جي چڙهڻ تائين، جتي سوامي محمد علي پناڻ ذري گهٽ ڪرندي سنڌو ۾ پنهنجي جل سماڌي ڏئي امر پئي ٿيو، مان انهيءَ ڪشمڪش ۽ آنڌمانڌ ۾ رهيس ته ڪير صحيح هيو ....؟.
سوز ٻروچ ٿي پئي سوچيم ته، ڪاڪو به حق تي پئي لڳو ... پر جي ٻئي صحيح آهن ته پوءِ غلط ڪير آهي ....؟

# سماجي شعور جي پهرين ڪڙي

انساني مسئلن ۽ مونجهارن جي نشاندهي ۽ حل لاءِ، ڌرمي پستڪن کان وٺي، اڄ جي جديد عمرانيات جي ڪتابن تائين، چيڙي نبري ٿيل آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ ديوتائن کان وٺي، اوتارن تائين .... پيغبرن کان وٺي فلسفين تائين ... سياسي اڪابرن کان وٺي سماجي ماهرن تائين .... اديبن کان وٺي فنڪارن تائين، هر ڪنهن کي شعوري احساس آهي ته، سماج ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني سان حل ڪرڻ ضروري آهي. اهائي انسان جي شعور جي ارتقا آهي.
سماجي مسئلي جي باري ۾، جديد دؤر جي هڪ وصف، ’لارينس  کي فرينڪ‘ ٻڌائي ٿو ته ، ’هڪ اهڙي سماجي تڪليف، جيڪا ڪافي گهڻا ماڻهو محسوس ڪن. نه صرف خواهش رکن ته تڪليف ختم ٿئي، پر انهيءَ لاءِ عملي جدوجهد به ڪن.‘
انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته سماجي مسئلو ايستائين مسئلو نه آهي، جيستائين ماڻهن جي گهڻائي محسوس نه ٿي ڪري، ان کي حل ڪرڻ جي خواهش نه ٿي رکي ۽ عملي ڪوشش نه ٿي وٺي ....
بقول جي جيسڪس روسي ’جي، طبقاتي سماج جو حقيقي باني اهو شخص آهي، جنهن سڀ کان پهريان ، زمين جي ٽڪري کي چئن ڏسائن کان ليڪو ڪڍي چيو ته، هيءَ منهنجي آهي‘.
جيڪڏهن ان وقت ڪنهن ٻي شخص ان ليڪي کي ڊاهي چيو هجي ها ته ’ڏسو! هن فريبي جي ڳالهه ۾ نه اچجو . چو ته زمين ڪنهن هڪ فرد جي ملڪيت نه آهي، پر زمين جو ثمر سڀني جو

آهي‘ تہ جيڪر انساني نسل ڪيترين جنگين، ڪيترن ڏوهن، ڪيترين مصيبتن ۽ ڪيترين بربادين کان بچي پوي ها .....
ايئن نہ آهي تہ اهڙي قسم جون مناديون ڪنهن ناهن ڏنيون ....
سوين، هزارين مثال آهن ... اهڙي منادي ’ماني‘ ۽ مزديڪ ‘ ايران ۾، ’گوتم ‘ هندوستان ۾، ’عيسيٰ‘ يروشلم ۾ ڏئي چڪا آهن. اهڙي صدا سينٽ سائمن ، چارلس هال، جان فرانس بري ۽ اينگلس ڏني آهي. جنهن بہ سماج ۾ طبقاتي استحصال وارو سماجي 2 مسئلو چوٽ چڙهيو ، اتان احتجاجي صدائون مسلسل بلند ٿيندون، رهيون، ’پراڻو عهد نامو ‘ ان شاهدي ڏئي ٿو ... موسيٰ کان وٺي يسعياه، يرمياه ، داني ايل، ناجوم ۽ ملاڪي تائين، سيني مذهبي يا سماجي پيشوائن طبقاتي مسئلي کي، انساني سماج ۾ هڪ ’لعنت‘ قرار ڏنو آهي.
’افلاطون ‘ طبقاتي استحصال کي ختم ڪرڻ لاءِ ’ريپبلڪ‘ لکي ، هڪ نئين سماج جو تصور ڏنو ... ’حضرت محمد (ص) ‘ جن حجتہ الوداع جي موقعي تي خطبو ڏيئي ماڻهن ۾ هڪ جهڙائي واري نظريہ کي هٿي ڏني ۽ استحصالي طبقي کي ننديو ... ’ڪارل مارڪس‘ ڪميونزم جي نظريي ۾ اقتحصادي حل پيش ڪري، طبقاتي نظام کي قلع قمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ....
مطلب تہ مختلف دؤرن ۽ سماجن ۾ ’پلن انسانن‘ جي اها شعوري ڪوشش رهي آهي، تہ ان طبقاتي مسئلي کي پنهنجي سمجهہ ۽ حالتن آهر ڪٿن، عام ماڻهن کي شعور ڏئي، حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.
اڄ دنيا جا ڪيترائي ، انساني سماج ان مسئلي مان ڪنهن حد تائين يا گهٽي حد تائين ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويا يا ڪري رهيا آهن. ڇو تہ اهڙن سماجن ۾ انهيءَ مسئلي کي ڀرپور نموني سان ليکڪن، فنڪارن، مصورن، سياستدانن، سماجي ماهرن ۽ اڪابرن اياري، سماجي سجاڳي ڏني آهي. ان سماجي سجاڳي ئي عام ماڻهن کي بيدار ڪيو. جو هو تڙپي اٿيا ۽ گڏيل جدوجهد سان طبقاتي سماج جي وڏن وڏن بتن کي ڍاهي وڌائون.
اسان جو سماج اهو بد نصيب سماج آهي، جتي طبقاتي استحصال جو علمبردار ’عالم خان‘ پنهنجن خانگي جيلن ۾ مجبور ماڻهن کي قيد ڪري ٿو. زيادتي ڪرڻ کان پوءِ بہ ڇتو ٿو وڃي ۽ زيادتي سهندڙ ’جمن‘ اڄ بہ پنهنجي جياپي جي جنگ ۾ آزرتو آهي.
’عالم خان‘ اڄ بہ اڳي کان اڳروآهي، سياسي طور تي، سماجي طور تي، اقتصادي طور تي .... اقتدار جي ايوان تي سندس قبضو آهي، سماجي قدرن تي سندس غلبو آهي، زمينن، ڪارخانن، نوڪرين، مطلب تہ، ’جياپي‘ جي سيني وسيلن تي سندس وارثي آهي. ’جمن ‘ اڄ ڪمزور آهي، مجبور آ، بي وس آهي. ’سارنگ‘ جيڪو نيڪي ۽ شرافت جي علامت آهي تنهن جي جدوجهد هر حال ۾ جاري آهي ... اهو سچو تت ’رزاق مهر‘ جي لکيل ڊارمي ’جياپو‘ جو آهي، جيڪو ’پي ٽي وي‘ تان پيش ٿيو.
حقيقت اها آهي تہ اهو ڊرامو ان سماجي مسئلي جي نشاندهي آهي، جيڪو اسان جي نڪ هينان موجود آهي. ۽ اسان جي طبقاتي سماج جي اها جهلڪ آهي، جنهن ۾ هڪ طبقو ايڏو تہ طاقتور آهي، جنهن جي حڪم کان سواءِ ڪک بہ نہ ٿو چري ۽ هڪ طبقو ايڏو ڪمزور آهي، جيڪو ڪک بہ نہ ٿو چوري سگهي. پر ’سارنگ‘ جيڪو سماجي شعور جي علامت آهي، سو طبقاتي فرق کي مٽائڻ لاءِ ڪوشان آهي. جيئن ’رزاق مهر‘ استحصالي طبقي جي بيخ ڪني ڪرڻ لاءِ اهڙي مسئلي

جي نشاندهي زور شور سان ’جياپو ‘ ڊرامي وسيلي ڪئي آهي، تيئن هر ذي شعور سڄاڻ ماڻهوءَ کي اهڙن مسئلن جي نشاندهي پنهنجن پنهنجن اظهار جي وسيلن ذريعي ڪرڻ گهرجي.
ايڏي زور شور سان جيئن ماڻهو ان مسئلي کي پنهنجو درد ۽ تڪليف سمجهن ۽ عملي جدوجهد جي لاءِ اڳتي وڌن. چو ته ڪنهن به سماجي مسئلي جي نشاندهي ڪرڻ، مسئلي کي حل ڪرڻ جي پهرين ڪڙي آهي.

# ڏوهه ڪنهن جو آهي؟

قائن کان خدا پڇيو: ’تنهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي؟‘ هن جواب ڏنو: ’ڇا منهنجو ڪم رکو پنهنجي ڀاءُ جو خيال ئي رکڻ آهي؟ ’پوءِ خدا چيو: ’چو تون اهڙو ظلم ڪيو؟ تنهنجي ڀاءُ جو خون رڙيون ڪري پڪاري رهيو آهي بدلي لاءِ ..... تون هاڻي لعنتي آهين، تون ڪا به زمين ڪيڙي نه سگهندين. اها تنهنجي ڀاءُ جي خون سان تر ٿي چڪي آهي. جڏهن تون پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو هيو ته ان پنهنجو وات کولي ڇڏيو هيو .... تون هاڻي ان اپائڻ چاهيندين ته ڌرتي توکي ڪجهه نه ڏيندي ... تون ڌرتي تي بي گهر ۽ رولن جيان رهندين .....‘
انجيل مقدس جي حوالي سان، آدم جي اولاد جو هي پهريون ڏوهه هيو ۽ پهرين سزا هئي خدا طرفان ..... تنهن ڪري مذهبي نقطي نگاه کان ڏوهه ۽ گناه جي وصف هيئن ٿي بيهي ته ، ’ڏوهه ، مذهبي اصولن جي پيش نظر ناهيل اخلاقي اصولن جي خلاف ورزي جو نالو آهي، جيڪو ناقابل معافي قرار ڏنو ئو وڃي.‘
سماجي نقطي نگاه کان، ’ڏوهه سماجي معيارن تي پورو نه بيهڻ وارو، اهو غير پسنديده فعل آهي، جنهن سان سماج جو امن ۽ سلامتي خطري ۾ هجي ۽ قانوني اصطلاح ۾، ’ڏوهه هڪ اهڙو فعل آهي، جنهن جي لاءِ ملڪ ۾ رائج ۽ مقرر قانون جي مطابق منع ٿيل هجي ۽ سزا جو سبب بڻجي‘ ته پوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته، انسان اهو ڪريهه فعل چو ٿو ڪري ....؟
مذهبي نقطي نگاه کان ته اها شيطان جي شيطان گيري آهي ... پر سوال جو جواب جيڪڏهن ڏوهن جي علم (CRIMINOLOGY) جي ماهرن کان پڇجي ته 1885ع ۾ سيزر بڪيريا ۽ جرمي بينٿم (ڏوهن جي علم جا باني) هئين ڏيندا ته، ’انسان ڏوهه ان وقت ڪري ٿو، جڏهن سني ۽ بري ۾ تميز نٿو ڪري سگهي، ايذاءُ کان وڌيڪ خوشي محسوس ڪري ٿو. فرانسيسي ماهر ڪوئنٽليٽ 1830ع ۾ هيئن ڏيندو ته، ’ڏوهه انسان جو ثقافتي فعل آهي، جيڪو هو پنهنجي ثقافت مان ئي سکي ٿو.
1850ع ۾ مارڪس ۽ اينجلس ڏوهن جو بنيادي سبب ’دولت جي غير مساوي تقسيم ۽ مٿين طبقي جو، هيٺين تي مستقل استحصال‘ کي ڄاڻائيندا 1905ع ۾ پرچيزن هيئن ٻڌائيندو ته ’ڏوهه، شخصيت جي انتشار جو نفسياتي رد عمل آهي.‘ سدرليند ۽ ڪريسي هن صدي جي وچ ڌارا هيئن ٻڌائيندا ته، ’ڏوهن جو سبب سماجي آهي، جنهن جا گهرو، نفسياتي، معاشي ۽ سياسي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا.‘

انهن سيني نظرين ۾ نقطن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته ڏوهه ڪا ٻر جي بلا آهي. الاهي آفت ڪانهي پر انساني شامت آهي. جڏهن کان وٽي انسان، گروهي زندگي اختيار ڪئي تڏهن کان ڏوهه به خود غرضي جي صورت ۾ ساڻس گڏ آيو. پر ايئن به ناهي ته انسان ان کي بي لغام ڇڏي ڏنو. هن محسوس ورتو هو ته هن سماج ۾ جيترو قاعدو هوندو، اوترو فائدو ٿيندو، انهيءَ ڪري انساني سماجن ۾ ڪڏهن حمورابي جو قانون آيو، ته ڪڏهن موسوي شريعت، ته ڪڏهن عيسوي احڪام ، ته ڪڏهن قرآني ڪلمات، ته ڪڏهن نيولين ڪوڊ، ته ڪڏهن برطانوي قانون .... ۽ هاڻي ته دنيا ۾ بين القوامي قانون کان وٺي هر ملڪ ۾ آئيني قانون، فوجداري قانون، شهري قانون، ميونسپل قانون، ٽرئفڪ قانون، سرڪاري - غير سرڪاري ادارن جو قانون وغيره موجود آهن. پر ڏٺو اهو ويو آهي ته ڏوهن کي لغام اتي اچي سگهيو آهي، جنهن سماج ۾ نظرياتي ڪج بحثي کان وڌيڪ انساني ڀلائي جو نظريو (HUMANISM) رهيو. اتي ڪجهه آرام رهيو، جتي قانون ناهيندڙ ۽ محافظن قانون کي ڪوريئڙي جي تند قرار ڏنو، جو ته، اتان هاٿي ته لنگهي پئي ويو، پر مڇر قاسي پئي پيو. اهڙن سماجن ۾ انسانن لاءِ اهي ئي روهي رلا مٽي ڪلا رهيا .... جيئن پاڻ وٽ قانون عملي طور تي صرف ٻئي لاءِ، ناهي شريف لاءِ آهي، پر ڪميٽي لاءِ ناهي .... اهو سوال اجا تائين اسان وٽ هڪ وڏي سمسيا بڻيو رهيو آهي ته، منظم نموني جي دهشت گردي، قتل ، اغوا، چوريون، ڌاڙا، عصمت فروشي، منشيات فروشي، منافع خوري، ذخيره اندوزي، اسمگلنگ ۽ رشوت وغيره جهڙن ڏوهن جو آخر حل ڪهڙو آهي؟ .... جواب ۾ ته ڪوڙ آواز آهن ته، حل اسلامي نظام ۾ آ .... سوشلزم ۾ آ .... نيشلزم ۾ آ .... جمهوريت ۾ آ .... موچڙي ۾ آ .... حل ڪوئي ڪونهي، جو آخري وقت آ ... تنهن ڪري ڪو قيامت جي انتظار ۾، ڪو اسلامي نظام جي آسري ۾، ڪو سوشلزم جي سهاري، ڪو جمهوريت جي جهانسي تي گهڙيون گهاري ٿو. هر ڪو انتظار بيقرار ، چشم تر، آه سرد لڳو پيوآ .... هر ڪنهن جو آسرو نظرياتي پائرن تي آ ته جاڻ آيا ... . پوءِ سڀ ڏک درد دور، سور ڪافور ..... اها ڪج بحثي ، هٽ ، هُٽ ، جت ڪٽ .... شاگردن جي هاسٽلن ۾، واندن جي اوطاقن ۾، اميرن جي محلاتن ۾، آفيسن جي ڪمرن ۾، دانشورن جي نجي ڪچهرين ۾، مسافرن سان پرپل ويگنن ۾، بسن ۾، مسجدن ۾ مدرسن ۾، 'بس هيئن ٿيو ته هونئن ٿيندو، هونئن ٿيو ته هيئن ٿيندو' .... ٿيندو ڪجهه به ناهي، جو ته صلاحين شينهن ٻجهن، ڪم ڪريهن نه ٿئي .... ڪڏهن ڪڏهن ايئن محسوس ٿيندو آهي ته ڇا اسان لاءِ اهي ڏوهه مسئلو آهن به يا نه؟ يا اوڳي اٺ واري ڪار آ ته وات ۾ مصري پئي ته به رڙي، جي لوڻ پئي ته به رڙي .... ڪيئن چئجي ته اسان وٽ اهو سنگين مسئلو ڪونهي ....؟ ان جي ڪري ته نه ڏينهن جو سڪون آهي ۽ نه رات جو آرام آهي .... نه شهر ۾، نه ٻهراڙي ۾ ... جان، مال عزت ۽ آبرو، تباه ٿي چڪي آهي، ايلي گهوڙا ياحسين لڳي پئي آهي ... پر هتي وري هڪ ٻيو سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن اسان جي سماج ۾ واقعي ڏوهه هڪ سنگين مسئلو آهي ته پوءِ سماجي ماهرن، ليزلي ۽ هارٽن چواڻي ته، 'ڪو به سماجي مسئلو هڪ اهڙي ڪيفيت ۾ جي حالت جو نالو جنهن کان ڪافي ماڻهو منفي انداز ۾ متاثر ٿين ۽ انهن کي اهو احساس هجي ته گڏيل ڪوشش سان ان مسئلي کي حل ڪري سگهجي ٿو' ... ته پوءِ پاڻ وٽ گڏيل ڪوششن سان ان مسئلي کي حل ڪرڻ جو احساس چو نه آهي ...؟انفرادي انداز چو نه آهن ...؟اخباري بيانن ۾ سياستدانن جا رڳو فرمان چو آهن ...؟ جلسن ۾ ڌاڙون لباڙون چو آهن ...؟ هر سطح تي نشستند، گفتند و برخواستند چو آهي ...؟ چو نتا

مٿاڻيڪي سوچيون ۾ حل ڪيون ته عادي ڏوهارين جو انت آڻجي ...؟ پيشور ڏوهارين جي ڪيئن پاڙ پٽجي ...؟ڊرگ مافيا کي ڪيئن منهن ڏجي...؟ نفسياتي ڏوهارين جو علاج ڪيئن ڪجي ...؟ اتفاقي ڏوهارين کي ڪيئن معاف ڪجي ...؟
قانوني ڏوهارين کي ڪيئن وٺ ڪجي ...؟ اخلاقي ڏوهارين کي ڪيئن شرمائجي ...؟سفيد پوش مجرمن کي ڪيئن مقابلو ڪجي ...؟ اُن جو سنئون سڌو حل اهو آهي ته هر سطح تي هر ماڻهو پنهنجي ضمير ۾ ذهن کي آواز ڏئي ۾ اهو پڪو پهه ڪري ته ڏوهن جي مسئلي کي گڏجي حل نه ڪرڻ ڏوهه آهي چو ته اهو هڪ ڪڙو سچ آهي ته اسان جي انهيءَ سنگين مسئلي کي ڪو به آسمان مان اچي حل نه ڪندو ۾ نه وري اسان مان ڪوئي فرشتو ٿي آهي.

# سَلامُ

هر مسلمان جو اهو ديني اخلاقي ۾ سماجي فرض آهي ته هو هر ڪنهن کي سلام ڪري . پوءِ ڪٽي ڪو هينانهون هجي يا مٿانهون هجي. اُهو اُن جي ايمان تي بڌل آهي ته اُهو سلام ورائي ٿو يا نه .... جڏهن ته سلام ورائڻ لاءِ قبرستان جا مردا به بڌل هوندا آهن. انهيءَ ڪري پاڻ جڏهن به قبرستان ۾ گهرندا آهيون ته چوندا آهيون:
’السلام عليڪم يا اهل القُبور!‘
مردن جو وراڻو ڪهڙو به ٿي سگهي ٿو. ليڪن اج ڪلهه هي سندن مقبول وراڻو آهي:
’وعليڪم السلام يااهل السرور! هيروئن پيئڻ آيا آهيو ..... سڪون سان پيئو ....! مزي سان پيئو....! بنيءَ کي ٽيڪ ڏئي بي الڪا ٿي پيئو!‘
سلام ڏيڻ وٺڻ جا ڪيترائي طريقا هوندا آهن، مثلن ڪنهن ڳوٺ ۾ گهرڻ وقت اڄلڪهه سلام جو طريقو:
’ياؤ سيني کي سلاماليڪم...! ٻيو مڙيئي خير....! اسان جا ماڻهو ڪجي ويا آهن ... پيرا تهان ڏي آيا آهن....!‘
ڳوٺ وارن جي سلام ورائڻ جو طريقو:
’ماليڪم سلام! .... ياؤ، اسان کي قلمي قرآن تي ته ڪا خبر ڪانهي ... باقي پوتارن سان ڳالهايو ، جي اُهي چون ته پوءِ اسان وٺ هن ...‘
وڏيري کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’بابي جي بادشاهيءَ کي سلام!‘
وڏيري جو وراڻو:’اصلي، بابي جي بادشاهي جي وانگار وهي وهي تڪجي پيو آن... سلامي پرٽي ٽي ته پوءِ جيئن چيو هومانءِ تيئن ڪر....! باقي مان وينو هان....!‘

مولوي صاحب کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’اسلام عليڪم، مولوي صاحب ....! نڪاح پڙهائڻو آ، واروڪر....!‘
مولويءَ جو وراڻو، ’وعيلڪم اسلام وبرڪاتہ....! اڳ ۾ ٻڌاءِ، اي پسر! تہ مائي ڪاٿئون پڃائي آيون آن، تہ پوءِ ٿا وڌيڪ ڪلام ڪيون ....
ٽپيدار کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’ٽپيدار صاحب! توهان جو سلام پرڻ آيا آهيون‘
وراڻو ٽپيدار جو، ’جي آئين....! پلي آئين ..... سلام جلدي پر، تہ ڪو ڏسي نہ وٺي ..... زماني ۾ سوَ دشمن سوَ سڄڻ....!‘
سپاهي کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’سرڪار وڏي کي سلام!‘
وراڻو سپاهي سرڪار جو:
’چڪو ٽيو جو اتي ملي وئين ، صوبيدار صاحب جو سلام نہ پهتئي چا..؟ ڪلهہ ڪان وٺي توکي ياد پيو ڪري .... مان پارت ڪئي مانس تہ شريف ماڻهو آ چا ڄاڻي ......مڙيئي منهن ڏجانس ..... ڏسين پاڻ تو اڄڪلهہ سرڪار چتي لڳي پئي آ .....‘
شيخ صاحب کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’شيخ صاحب، السلام عليڪم!‘
’وعليڪم االسلام، وعليڪم السلام! الحاج صاحب! (اڳلو الحاج هجي نہ هجي) .... خيريت ....! عافيت .....! متي چڙهي اچو دڪان تي ..... هي نئون مال گهرايو آ ڪوئٽيا مان ..... اصلي ولايتي آ ....! اڪيون ٻوٽي ڪٽي وچ چوانءِ ٿو .....! روضي پاڪ جو قسم ، تہ گهر ۾ پنجاه روپيا ميٽر پيو آ ..... قبح جو وقت آ، تنهنجي سر ڪان پنجيتاليهہ روپيا!‘ شيخ صاحب، ايمان افروز وراڻو ڏيندو.
پروچ کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’خان پروچ کي سلام‘!
’توسان نہ ڳالهائبو ......! هاڻي توسان جهيڙو آ ..... ٻين کي ٻني نقد تي ڏين ٿو، باقي مون کي اوڌر تي نہ ٿو ڏين ... جڻ تنهنجا پئسا ڪائي ويندس؟ پلاجي ٻنيءَ تي قبضو ڪيانءِ تہ چا ڪندي، ادا ..!؟
سيد کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’آل نبي، اولاد علي ...! دوپاسي سيد کي سلام!‘
سيد جو پاراتو ، ’رڳو سڪڻ سلامن تي زور ...! باقي ڏن ڏيڻ کان ايئن ڏور، جيئن ڪانءُ پڃي ڪمان کان ..... الله، جو حبيب ڪندو تہ سدائين سڄا هوندوءَ ..... وتندؤ پنندو ۽ ڪائيندو‘
ليڊر کي سلام ڪرڻ جو طريقو:
’سائين کي ، سڄي قوم جو سلام آ‘
ليڊر جو وراڻو:
’پنهنجو سڄي قوم کي هاڻي ئي وعليڪم السلام آهي.‘
هي تہ هيا سلام ڪرڻ ۽ وراڻڻ جا چند طريقا، ليڪن پنهنجو بہ هڪ طريقو آهي سلام ڏيڻ جو .... اها وراڻڻ واري جي مرضي آ تہ ڪيئن ٿو وراڻو ڏي ... پنهنجو تہ فرض نڀائجي ، باقي اُونهن دي او جاڻي ....!

انهيءَ فرض واري قرض کي لاهڻ لاءِ، مان اڄ سلام ٿو ڪيان سڄي قوم کي، جن ووٽ ڏنو ... قوم جي ليڊرن کي، جن سياست جو ڳرو بار پنهنجن ڪمزور ڪلهن تي کنيو ... حڪومت جي نگرانن کي، جن جهڙيون تهڙيون چونڊيون ڪرايون .....
جن کٽيو تن غازين کي سلام ...! جن هارايو تہ شهيدن کي سلام .....! جن وفاداريون ڪئي تن کي بہ سلام ....! جن غداري ڪئي تن کي بہ سلام .... جي رهجي ويا تن کي بہ سلام اصولن وارن جي اصولن کي، بي اصولن جي بي اصولي کي سلام ..... هر رنگ واري ماڻهو کي هر رنگ جو سلام ... ڪن کي پٽا پٽي، ڪن کي چٽلمرو سلام ........ ڪن کي سبز سلام، ڪن کي سرخ سلام ..... ڪن کي اڇو، ڪن کي ڪارو سلام، هر ڍنگ واري کي، هر ڍنگ جو سلام، پيرن کي پيراڻو ، ميرن کي ميراڻو سلام .....وڏيري کي وڏو، هاري ۽ مزدور کي ننڍو سلام ... ڍائي کي سٽيو، بڪئي کي رکو سکو سلام .... ننڍي سرڪار کي فرشي سلام، وڏي سرڪار کي سلوٽ وارو سلام .....آخر ۾ خدائي عظيم بزرگ وبرتر کي سجدي وارو سلام، جنهن اسان مملڪت خداداد جو هي تحفو عطا ڪيو ....
اُميد آهي تہ پنهنجا هي سيئي سلام قبول پوندا ... گر قبول افتدز هي عزوشرف ..... چو تہ هن ڪانپوءِ ڪن سلام ڪرڻ وارا نہ هوندا. ڪن کي سلام ورائڻ وارا نہ هوندا ..... ڪن کي سلام پهچائڻ وارا نہ هوندا ..... ملڪ جا سيئي قاصد ڪانءَ ڪبوتر، چنڊ، هوائون ۽ بادل مصروف هوندا. وڏا ماڻهو ايلاز ڪندا وتندا، 'بادل بيهہ اتي نالي نانءَ ڏٽي!' بادل نہ بيهندا .... بادل سلامن سان پريل هوندا ... گجندا وجي اسلام آباد پهچندا . انهن سلامن جي وراڻي ۾، اسلام آباد مان اقتدار جو اوڳو اٿ سينگاري ڪنهن ڏانهن موڪليو ويندو، سا ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي چو تہ اقتدار جي، اوڳي اٺ جي مهار، جت جي هٿ ۾ آهي ۽ جت وقت جي وڏي سرڪار جي هٿ ۾ آهي ...وڏي سرڪار جي مهانڊي، جيڏانهن اک ڀڳي، جت اوڳي اٺ کي اوڏانهن هُشائيندو ..... اقتدار جو اوڳو اٺ ويهندو ئي مس تہ ليڊر نڪا هم ڪندو نڪاتم، ٽپو ڏيئي چڙهي پوندو .....اهو بہ نہ ڏسندو تہ اٺ لاڏو آيا مهري آهي . اقتدار جي اوڳي اٺ تي منجلو آهي بہ يا نہ ....؟ ويهڻ اڻاٺو ٿيندو يا سٽايو ...؟ پوءِ ڪڏهن ٿوهي ۾ هٿ، تہ ڪڏهن پڇ ۾ .... گهل! گهل! ڪندو ويندو.
'وارو ڪيو جو ڪرانوَ ٿو .... بچايو ڪيرائڻ جي سازش ٿي رهي آهي ....' پر اقتدار جي اُٺ جي پچر نہ ڇڏيندو .... لوڏا کائيندو ويندو عوام ڪان پرتي ٿيندو ... عوام بيٺو هميشہ وانگر لوڪ گيت ڳائيندو ۽ تاڙيون وڄائيندو:

اُٺ ماما گوگڙو
سائي لڪڙ پوئتي
منهنجا ليڊر ڪاٽي
جڙيا پنهنجي جاءِ تي ....!

# احمقن جي جنت ۾ رهندڙ ماڻهو

سال 1991ع
مهينو جنوري
ڏيهاڙا آخري
مان ’هالينڊ‘ جي شهر ’روٽرڊم‘ ۾ هيس. پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما پئي ڪيم، ’هائوسنگ، پلاننگ اينڊ بلڊنگ‘ ۾.
هڪ طرف پنهنجي پياري پاڪستان مان ڊگها ڊگها خطن ذريعي معلوم پئي ٿيو ته، عالم اسلام ڪر موڙي اٿيو آهي. عراق جو صدر صدام حسين آمريڪا ۽ سندس اتحادين کي توتا چباڻ لاءِ آڏرتوآهي. اهڙي دوست جو به خط آيو، (جنهن جي نالي لکڻ جي جرئت نٿي ڪري سگهجي) تنهن ذاتي حال احوالن سان گڏ لکيو هو:
’منظور! تون ڏسندي ته عراق، آمريڪا لاءِ ويتنام ثابت ٿيندو. صدام حسين هاڻي صحيح لائين اختيار ڪئي آ جو هن صيهونيت ۽ عيسائيت سان سنئون سڌو ٽڪر ورتو آهي.‘
ٻئي طرف هتي جيڪو ماحول پئي جڙيو، ان جو ڪجهه اندازو اخبارن پڙهڻ سان پئي ٿيو. جنوري جي پهرين هفتي ۾ اخبارن ۾ آيل جنهن ڪارٽون ڌيان ڇڪايو هو، سو هو’اوپليند‘ جو ان ۾ ڏيکاريل هو ته هڪ امن جو پيامبر، هڪ ئي هٿ ۾ زيتون جون ٽاريون ۽ تابوت ڪنيون اچي رهيو آهي. ان ڪارٽون جو مطلب ۽ مقصد چا ئي ٿي سگهيو ، سمجهڻ وارا سمجهي ويا هوندا ....!؟
مان اتان جون اخبارون پڙهندي جنهن رد عمل ۽ ڪيفيتن مان گذرندو هوس، اهي اوهان آڏو جيئن جو تيئن پيش ڪيان ٿو:
هڪ اخبار جي سرخي جنهن پنهنجي ڊاڪٽر اخبارن جي سڪ لاتي، سان هئي: ’دنيا پنهنجو ساه منجهايون بيٺي آهي .....‘ منهنجي اندر مان ازخود سوال ٻٽيو ڏئي نڪتو هو، ’چو .....!؟‘ پوري خبر پڙهڻ کان پوءِ، جواب اهو مليو هو ته، ’گلف‘ ۾ خوفناڪ جنگ ٿيڻ واري آهي.
’اين آر سي‘ اخبار ۾ خطري جي گهنٽي وڄائيندڙ سرخي هئي: ’مغربي ثقافت خطري ۾!‘
مون کان ازخود نڪري ويو ته، پاڻ جاتي هجئون، اتي خطرو، اتي هياسي ته، دين خطري ۾! ملڪ خطري ۾! ملان ۽ ليڊر مٿو ڪائي ويا ... هتي پهتاسي مس ته ويچاري مغربي ثقافت ڏچي ۾ پئجي وئي. پوءِ ته ان خبر کي بي صبرن وانگر رهڙڻ شروع ڪيم، ڪجهه توهان به حظ وٺو، لکيل هو:
’برلن جي ڀت ڀڳي کان پوءِ مغرب مس مس سک جو ساه کنيو هو ته سرد جنگ جو انت اچي ويو آهي. پر جڏهن ڪويت تي حملو ٿيو ته، مغرب کان اوچتو چرڪ نڪري ويو ته هي چا ...؟ چا مغرب وري اهڙين قوتن جي گهري ۾ اچي ويو آهي، جيڪي اسان جي سياسي ثقافت کان نفرت ڪن ٿيون؟ جيئن ڪميونسٽن جيڪو سلاواڪيه تي حملو ڪري اسان کي سٺل ننڊ مان جاڳايو هو. پر انهيءَ وقت اسان کي دير ٿي وئي هئي. هاڻي اسان کي (يورپ وارن کي) عقل ۽ دانش کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجن لڪل قوتن کي تيزيءَ سان ڪتب آڻجي.‘

هڪ ٽين سري، جيڪا موضوع جي لحاظ کان انوکي لکي، سان هئي ته، ’دنيا جي تهذيبن کي جنونين کان بچائڻو آهي.....‘
هيءَ خبر ڊچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ ڪامريڊياڻي جي بيان جي حوالي سان هئي، ڪامريڊياڻي جو فرمان هيو:
’اهو نعرو برابر اسان ڪنهن وقت هنيو هيوسي ته، آمريڪيو، گهر وڃو ....! جڏهن آمريڪا، ويٽنام، ڪمپوچيه ۽ نڪارا گوا ۾ مداخلت ڪئي هئي. پر اسان هاڻي آمريڪين کي همٿائيندا سين ته، پل عراق کي تهس نهس ڪري ڇڏين. ڇو ته هيءَ جدوجهد صرف تيل جي ناهي، نه وري بين الاقوامي قانون جي پوئيواري لاءِ آهي، پر ايٽمي هٿيارن کي ختم ڪرڻ، اسرائيل کي زنده رکڻ ۽ دنيا جي تهذيب کي جنونين کان بچائڻ جي لاءِ آهي.‘
انهيءَ پڙاڙ پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته يورپ جا ڪامريڊ ڇريا ٿيندا ته به، ميمڻن وانگر پتر پنهنجن گهرن ڏانهن اڇلائيندا.
ڪجهه اخبارن جا ايڊيٽوريل ته ڄڻ ماسي جنت وارا ڏيک هيا. سندن لکت جو مطلب هو ته، عراق جي ڪويت تي قبضو ڪيو آسمان ڪو نه ڪري پيو، ڇو ته اهو عربن جو پنهنجي مٿي مائٽي وارو معاملو هيو. پر عراق کان اهو نه ٿيو جو يورپ کي فراخدلي سان تيل مهيا ڪري. هونئن به يورپ کي تيل جي معاملي تي بليڪ ميل ڪرڻ ڪا شرافت ڪونهي ..... هڪ اخبار جي سرخي ته سنئون سڌو اعلان جنگ هئي:
’اسان کي جنگ ڪرڻي آهي -
هانس وان ميرلو‘
هانس وان ميرلو، ڊچ پارليامينٽ جو ميمبر ۽ حڪومت ۾ شامل جماعت ’ترقي پسند لبرل‘ جو اڳواڻ هو. تنهن ’هيگ‘ شهر ۾ ٽکي ٺوڪي اعلان ڪيو ته، ’جيڪڏهن جنگ جو فيصلو تيل جي ڪري ڪرڻو آهي، ته به اسان کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اسرائيل کي بچائڻو آهي، ته به ڪرڻو آهي. جيڪڏهن عراق کي ايٽمي طاقت ٿيڻ کان روڪڻو آهي، ته به ڪرڻو آهي ....!‘
مان ان مان اندازو ڪري ورتو هيل اسان جي محبوب صدر صدام حسين سان گهٽ نه ٿيندي. يورپ ۽ آمريڪا وارا گڏجي سڌجي هن جي ڇنڇري ضرور لاهيندا. پر ٻين دوستن جيان هڪ سادي سودي مسلمان جي حيثيت سان ان معجزي تي به يقين هو ته آخري فتح مرد مومن صدام جي ٿيندي. جي نه به ٿي ته، تباهي ۽ بربادي، شرمساري ۽ ذلت ته اتان جي عوام جي حصي ۾ ايندي ..... اسان جو ڇا ....!؟ ڪٿيءَ جي گهران وئي ڪُٺو ......!

# ترشنا

’ترشنا جو انت ڪڏهن ٿيڻو نہ آهي ۽ سنتوش ئي پرم آنند آهي‘۔ ’شري ڪرشن‘ جي فڪر جي ڦرهي تي آيل مٿين سٽ تي سوچجي ٿو تہ، واقعي لڳي ٿو تہ ’اميبا‘ کان وٺي ’انسان‘ تائين هر ڪو ڪنهن نہ ڪنهن ترشنا جي تحت جيئي ۽ مري ٿو. دنيا جو ننڍي ۾ ننڍو ذرو ’ائٽم‘ ۽ وڏي ۾ وڏا ’ستارا‘ بہ جهڙو ڪر ڪنهن ترشنا جي تلاش ۾ ٽٽن ۽ جڙن ٿا. ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ هن سنسار جي مها ساگر ۾، ترشنا جي تيز وهڪري ۾، سڀئي جيو ۽ آجيو وقت جي ڌارا سان وهي رهيا آهن ... اهڙي ريت وقت ڌارا سال 1989ع بہ، اندازن ڌرتي جي پنج ارب انسانن کي پنهجين ترشنائن ۽ ڪامنائن سان سال 1990ع ۾ اچي پهچايو. انهيءَ سفر دوران ڪجهہ انسانن وقت جي وير جي اٿل پٿل ۾ امر لٽ ٿي ويا .... خبر ناهي تہ مئي ڪانپوءِ ڪين پرم آنند نصيب ٿيو يا نہ ....؟ يا سندن آتمائون اجا بہ ڀٽڪن ٿيون .....؟ ليڪن اها حقيقت آهي تہ گذريل وقت ڌارا سان وهندڙ سپني انسانن جو ترشنائون تاريخ ٿي ويون، انهيءَ دوران ڪنهن کي ڇا مليو ۽ ڇا هٿ آيو؟ تنهنجي ڪٿ ۽ ڪٿا تہ نہ ٿي ڪري سگهجي، البتہ يادن جي سهاري ڪجهہ ياد ڪجي ٿو تہ، لڳي ٿو وقت ڌارا سال 1989ع ۾ حضرت انسان جي ترشنائن پنهنجا پنهنجا جوهر ڏيکاريا هن ڌرتيءَ تي ... ڪٿ زوال، ڪٿ ڪمال، ڪٿي ناهيو .... ڪٿي ڊاهيو .... ڪٿي ترشنا جمهوريت جي روپ ۾ ظاهر ٿي، جيئن برازيل، چلي ۽ نميبيا ۾ .... ڪٿ مخالفت ۾، جيئن فلپائن ۾ فوجي ٽولي جي بغاوت .... ڪٿي انهيءَ ترشنا جي ڪري جمهوريت کي طاقت رسي، جيئن روس، هنگري، اوڀر جرمني، يوگوسلاويہ، چيڪوسلاويہ ۽ رومانيہ ۾ ... ڪٿي جمهور وري پيڙا پسي، جيئن بيجنگ ۾ اظهار جي آزادي گهرندڙن ..... انسانن جي انهيءَ ترشنا برلن جي ديوار پڳي، ايامن کان ورهايل ۽ سڪايل ٻڪيا ... نيڻ ٺريا .... ليڪن بيروت اجا بہ پاڪا ٿيو، ونڊيو ورڇيو .... ڪٿي انسانن جي صلح ۽ صفائيءَ جي ترشنا، ڪلفتن ۾ ڪمي آندي. ڳانڍاپي جون ڳالهيون ٿيون، جيئن چاڊ ۽ ليبيا وچ ۾، مصر شام وچ ۾، آمريڪا ۽ روس وچ ۾، اقوام متحده جي اداري جي سهاري اعلان ٿيو، سرد جنگ جي خاتمي جو .... ليڪن ڪٿي اها ئي ترشنا الفتن کي اوچو نہ آئي .... لبنان ۾ تباهي آڻڻ جي، افغانستان ۾ خون وهائڻ جي ..... ڪٿي اجائي طاقت ۽ گهمنڊ ڏيکارڻ جي ترشنا کان توبهہ جي تحت روس جو افغانستان مان فوجن جو ڪڍڻ، ويٽنام جو ڪمپوچيا مان، ڪيوبا جو انگولا مان، هندوستان جو سري لنڪا مان نڪرڻ لاءِ پر ساهڻ .... انهيءَ جي ابتڙ آمريڪا جي ليبيا سان ڏاڍائي، پاناما تي چڙهائي ۽ انهيءَ سال بہ سندس طاقت، غرور ۽ گهمنڊ جي ترشنا ۾ ڪمي نہ آئي. ڪٿي مذهب ۽ لامذهب کي انسانيت جي ناتي ملائڻ جي سڌ، جنهن جي نتيجي ۾ گوربا چوف، پوپ پال جي ملاقات .... ڌرم جي نالي تي اڌرم ڪرڻ جي ترشنا، بابري مسجد يا عورت جي حڪومت ڪرڻ جي مخالفت واري حوالي سان.... ڪٿي ’آءِ اين ايف‘ ٽريٽي جي تحت هٿيارن کي ساڙڻ جي ترشنا ۾ ٻارهن سؤ اٺهتر تباهہ ڪن ميزائيل روس ۽ آمريڪا ساڙي ڇڏيا ... ڪٿي هٿيارن ناهڻ جي ترشنا ۾ هٿيارن جي ڊوڙ شروع ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ اگني ۽ ليزر ميزائيل ٺهيا ....
ڪٿي عالم سڀ آباد ڪرڻ جي ترشنا .... مٿ جيترن سڄاڻ انسانن، اڄاڻ انسانن کي مت ڏيڻ شروع ڪئي، ’ايٽمي هٿيار ناهڻ، هوا، پاڻي ۽ ڌرتيءَ تي گندگي ڦهلائڻ، جانورن ۽ ٻوٽن سان ويل وهائڻ

خودڪشي ڪرڻ برابر آهي ـ ’ اها صدا ‘‘ ’گرين پيس‘ جي ساٿارين پنهنجي قول ۽ فعل سان ڏني ... ٻئي طرف دنيا کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي ترشتا .... ڏرگ مافيا جي صورت ۾ .... زهريلي گيسن ناهڻ جي ڪارخانن ۾ ... ماحول جي توازن کي بگاڙڻ ۾ .... دنيا جي واپارين ڏني.
ڪٿي محبتين جي اظهار جي ترشتا. سيف گيمز ۽ ٽيسٽ ميچن جي صورت ۾، سارڪ ۾ ٽيل معاهدن جي حيثيت ۾، ثقافتي وفدن جي متا ستا جي انداز ۾، ڪٿي نفرتن جي اظهار جي ترشتا، رانديگرن کي پٿرن هڻڻ جي صورت ۾، گار گند، الزام تراشي ۽ واهيات احتجاجن جي طريقن ۾.
سال 1989ع ۾ محبتين جي وڻجارن، محبتون ونديون دنيا ۾ .... ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي، هٿ هٿن ۾ ملائي انساني زنجير نهيا ويا اتحاد جا ...ڪٿي نفرتن جي واپارين ڪلاشنڪوفون ورهايون ... هر گهر ، هر گهٽي معصوم ماڻهن جي رت سان رڪجڻ لڳي، مرڻ کانپوءِ به اکين ۾ سواليه نشاني .....’؟‘ .... ڪهڙو ڏوهه، ڪهڙي خطا ....؟ ليڪن انهيءَ سال به ڌرتيءَ جا ڌٽي ويچا نه وساري سگهيا، انئن جي خولن کي نه ڏاري سگهيا ..... چڙو چڙ رهيا، گرگ آتشين جي گهيرن ۾ ... خبر ناهي ته هن هلنڊڙ سال 1990 ع ۾ پنهنجي بقا جي جنگ ۾ سندن ترشتا ڪهڙي ۽ طرز عمل ڪيئن هوندو .....؟
’ڪو به شخص ( مرد يا عورت) جيڪڏهن پنهنجي جند، ٻئي شخص کي جسماني لذت ماڻڻ لاءِ اقتصادي لالچ جي بنياد تي ارپي ٿو ته، ان کي جسم فروش وئش چئبو آهي.‘
هيءَ هڪ سادي سودي وصف آهي، جسم فروش يا عصمت فروش جي ... دنيا جي سيني سماجن ۾، عصمت فروشي عيب آهي، توڙي جو ڪن سماجن ۾ انهيءَ ڌنڌي کي قانوني حيثيت مليل آهي.
ليڪن عجيب ڳالهه آهي ته عصمت فروشي جي ڌنڌي سان واڳيل ماڻهن لاءِ دنيا جي سيني سماجن ۾ ساڳي ڌڪار آهي. ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ انهن ماڻهن سان نفرت جو اظهار هڪ عالمگير قدر آهي ..... پاڻ وٽ ته اهڙن ماڻهن لاءِ هزارين گاريون، هزارين چٽرون، هزارين طعنا ۽ تنڪا آهن .... سبب ...؟! انهيءَ جو سادو سودو سبب اهو آهي ته، انهيءَ ڌنڌي ۾ انسان کي پنهنجي جسم ۽ وجود لاءِ عزت ڪونهي، مانُ ڪونهي، مريادا ڪونهي، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن ۽ گروهن تي آڱريون ڪڇنديون آهن. جن جو ايمان انسان جي محنت جي عظمت ۾ه، پر جنس، جسماني واپار ۾ هوندو آهي ..... اهڙن شخصن لاءِ ڪٿي ڪليل لفظن ۾ ، ڪٿي ڊبيل لفظن ۾ نفرت جو اظهار ڪيو ويندو آهي: بي غيرت .....! بي حيا .....! ڪمينو .....! ذليل ....! پاندي .....!، وغيره جهڙا انيڪ لفظ سندن پيڇو ڪندا رهندا آهن. جيتوڻيڪ اهي عام ماڻهن کان لٽي ۾، کوڙي ۾، کائڻ ۾، پيئڻ ۾، رهڻ ۾، مٿانهان هوندا آهن. پر پوءِ به انهن ماڻهن جي حيثيت ۽ قدر وڌيڪ هوندو آهي، جيڪي رکي سکي کائي به چوندا آهن ته، پلي ٻکي پرم جي، شل نه وڃي شانُ. انهيءَ شان کي قائم رکڻ لاءِ تڪر ٽاڪيندا آهن، ڌرتيءَ جو سينو چيريندا آهن، پنهنجي هٿن جي محنت وڪڻندا آهن، چاندي يا سون جي عيوض نه وڪڻندا آهن پنهنجو ستر ۽ سيل ...... ليڪن، پنهنجي سماج ۾ هڪ ٻيو شخص يا گروهه به آهي. جيڪو پنهنجو ذهن ۽ ضمير ڪنهن ٻئي شخص کي، ڪنهن به غلط مقصد ماڻڻ لاءِ اقتصادي، سياسي يا انتظامي لالچ ۾ سرعام ارپي ٿو، تنهن کي ڇا چئجي ....؟؟ ضمير فروش وئش يا وئشيه .....!؟يا ٻيو ڪجهه .....!؟
توهان اهو محسوس ڪيو هوندو ته اهو شخص يا گروهه، عام ماڻهن جي ڌڪار ۽ نفرت کان صاف بچيو ٿو وڃي، سو ڇو ....؟ جيڪڏهن جسم فروش ۽ ضمير فروش شخص يا گروهه پاڻ ۾ ڀيٽ

ڪئي وڃي ته، پويون، شخص يا گروه وڏيڪ نفرت ۽ مذمت جي قابل آهي. جي جسم فروش بازار حسن ۾ پنهنجي جسم جي بولي لڳائي ٿو ته، ضمير فروش سرعام پاڻ هرتڙو يوسف ٿي، خريدارن کي سڏي ٿو ..... جيڪڏهن جسم فروش کي جسم جي عزت ڪونهي ته ضمير فروش کي عزت نفس ڪونهي ...... جيڪڏهن جسم فروش پنهنجي ذاتي خودي، ارمانن، امنگن ۽ سماجي معيارن کي اقتصادي لالچ جي اڏي تي رکي قتل ڪري ٿو. ته ضمير فروش، نه صرف پنهنجي ضمير ۽ ذهن کي ڪنهن سياسي، انتظامي ۽ اقتصادي مفاد جي اڏيءَ تي رکي قتل ڪري ٿو، پر انهن هزارن، لکن ماڻهن جي امنگن ، ارمانن ۽ احساسن کي به ڪهي ٿو، جن ڪيس پنهنجو مسيحا، مهندار سمجهي، مهٽ ڏئي چونڊيو ..... جي جسم فروش پنهنجي خاندان يا وڌ ۾ وڌ برادريءَ لاءِ خواريءَ جو ڪارو آهي ته ضمير فروش سڄي قوم لاءِ ڪارنهن جو ڪُنو آهي. انهيءَ پيٽ ڪرڻ ڪانپوءِ اهو احساس ٿيندو ته جي ڏاچي (جسم فروش) هٽي ڏهه ٿي ته توڏو (ضمير فروش) هٽي تيرنهن تو ..... پر حيرت آهي پاڻ تي، پنهنجي سماجي ڪردار تي ۽ قدرن تي ...!؟ جي هڪ شخص ڪنهن مجبوريءَ سبب سماجي تڙ جي ترڪڻ تان پير ترڪائي وجهي ٿو ته، اهو سڄي عمر لاءِ بي مهابو ...متن مائٽن لاءِ نير جو ٽڪو ..... سندس ڏوهه معافي جي قابل ئي نه ٿو سمجهيو وڃي ..... اٽڻ ويهڻ ته ڇا، پر ڪو شريف ماڻهو هٿ ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونهي .... فيصلو ٿيندو، ڪني آگر وڍي پلي ۽ پوءِ جسم فروش پٽ برادري ڪان ٻاهر ..... پر هي ضمير فروش جيڪو مسيحا جي روپ ۾، سياسي اڳواڻ جي نالي ۾، معتبر جي حيثيت ۾، اسان توهان سان پٽر تي ليڪ جهڙا واعدا وعيد ڪري ٿو. پر جڏهن پٽڪو ٻڌي ڪاروبار سياست ۾ گهري ٿو ته، سندن زبان آلو لڪڻ ٿي وڃي ٿي. نه هو اسان جي لوئين جي لڄ رکي ٿو، نه پنهنجي پڳ ڏي ڏسي ٿو. هو پاڻ سان گڏ اسان جي قسمتن کي به نيلام ڪري ٿو، اسان هر پيري ڪيس اکين تي رکيو، تنهن هر پيري اسان کي بي حسي جي ڄرڪندڙ ٽاندن تي اڇلايو. پر اسان جي سادگي يا بي وقوفي تي فرشتا قربان .... اسان انهيءَ آزمايل ضمير فروش کي ور ور ڪري آزمائيندا به رهياسين ۽ هو پنهنجي انهيءَ ڪڌي ڪرتوت کي سياسي ادا ۽ انداز سمجهڻ لڳو ....

جو نه اسان توهان، نه سندس سماجي بائڪاٽ ڪيو، نه مذمت ڪئي، نه نفرت ڪئي.

ڪير سمجهائي ته جي ضمير فروشي سياست آهي ته پوءِ جسم فروشي کي به جسماني سياست سڏڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ پرکڻ جو ٻٽو معيار ته ختم ٿيندو ..

## تعصب جو طوفان ۽ امن جون موم بتيون

تعصب جي وصف، ڪجهه هيئن آهي ته، ’منفي خيالن جي اهڙي وهڪ وارو احساس، جذبو، سوچ ۽ عمل جيڪو ڪنهن مخصوص گروهه، طبقي يا قوم جي فردن ڏانهن هجي.‘

تعصب کي ڦهلائڻ ۾ هزارن سالن کان وٺي، بنيادي ڪردار ’عصبيت‘ جو رهيو آهي. جنهن ۾ مختلف سماجي گروهن عصيبت کي پنهنجن مفادن خاطر استعمال ڪيو ۽ ٻين سماجي گروهن جو استحصال ڪيو. پر هن جديد دور ۾ اخبار، ريڊيو، ٽي وي وڏو خطرناڪ ڪردار ادا ڪري ٿي. ميڊيا جا اهي ادارا جيڪڏهن ’عصبيت‘جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي پروپئگنڊا ڪن، ته اها هٽي هنڌ ڪري ٿي. اسان جي معاشري ۾ جتي انهن ادارن جو ڪردار گهٽو ٽٽو عصبيت تي ٻڌل آهي. جنهن جي نتيجي ۾ زندگي جي هر شعبي ۾ تعصب ڪنهن بد قسمت هاٿيءَ جيان ڪاهي پيو آهي.

مگر مون جڏهن يورپ جي تهذيب يا فتہ ماڻهن کي مارچ 1991ع ۾، تعصب جي طوفان ۾ گم ٿيندي ڏٺو تہ حيران و پريشان ٿي ويس. انهيءَ ڏس ۾ اخبارن ۽ صحافين جيڪو ڪردار ادا ڪيو . اهو غور طلب هو. ان جي، ڪجهہ اکين ڏٺي ۽ ڪجهہ ڪنن ٻڌي جهلڪ اوهان آڏو پيش ڪجي ٿي. مارچ جي پهرين هفتي ۾ اخبارون، رسالہ ۽ نيوز ليٽر پڙهندي ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ، هر ڪو جنگ جو طبل وڄائي رهيو آهي. افواه ڦهلائيندڙ RUM OUR MONGERS صحافين جي اها حالت هئي جو هنن خوف ۽ دهشت ڦهلائيندڙ خبرن گهڙڻ خاطر عجيب ۽ غريب حرڪتون پئي ڪيون. اهڙن ٻن صحافين جيڪي DEKRANT OPZONDAG اخبارن جا هيا، تن هڪ ڇرڪائيندڙ خبر ڏيڻ خاطر هڪ ڪوڙو بم 'ايمسٽرڊم' شهر جي پرئي بازار ۾ رکي ڇڏيو . پبلڪ ٽيليفون بوٿ تان هڪ ئي وقت پوليس ۽ اخبار ۾ اطلاع ڏئي ڇڏيو، پوليس سڄي بازار بند ڪرائي سخت تلاشي ورتي نيٺ جاچ جوچ کان پوءِ ٻئي صحافي، سراغ رسان ادارن جي ڦندي ۾ اچي ويا، اتي صحافين کي هٿان وانگر ڪٽڪو تہ ناهي ڏنو ويندو، البت ڪورٽن جا ڏنڊ ايڏا تہ ڀاري هوندا آهن، جيڪي هڪ ئي وقت صحافين ۽ اخبار جي مالڪن کي پڇي رکندا آهن. مايا سان گڏ عزت ۽ وقار کي بہ وڏو ڌڪ رسندو اٿن.

اخبارن ۽ رسالن جي تبصرن مان ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ باقاعده صليبي جنگ جوآغاز ٿي ويو آهي. ان سان گڏوگڏ حڪومت جو ورتاءُ بہ ڏاڍو حيران ڪن هو. جيئن تہ هالينڊ ڻ ٻن وڏين پارٽين جي گڏيل حڪومت هئي. ان ۾ قدامت پسند ڪرسچن ڊيموڪريٽس وارا تہ باقاعده جنون جي حدن کي ڇهڻ لڳا ها. پر ليبر پارٽي وارن جن اصولي موقف رهيو آهي، تہ جنگ ۽ هٿيارن جي خلاف جدوجهد ڪئي وڃي. پندرنهن ڏيهاڙا اڳ سندن ڇوئيتاليهہ ميمبرن عراق جي خلاف اقتصادي پابندين جي حمات ۽ جنگ جي مخالفت ڪئي هئي. اهي بہ انهيءَ جنگي جنون جي وهڪري ۾ وهي ويا، انهن جي حالت اها وڃي بيٺي هئي، جو هاڻي صرف هڪ پارليامنٽ جي ميمبرن جنگ جي مخالفت پئي ڪئي، باقي ٻين حمايت .....

ليبر پارٽي، جيڪا اڻ سڌيءَ طرح 'پي ايل او' جي اخلاقي مدد فراهم ڪندي هئي، تنهن بہ پي ايل وي جي اها مدد بند ڪري ڇڏي. پارٽي چيئرمين محترمہ 'ميرين سنٽ' جو بيان هو تہ، ياسر عرفات، صدام حسين جي حمايت ڪري پنهنجو کي حقيقت پسنديءَ کان پري ڪري رهيو آهي .....' ان کان پوءِ حڪومتي سطح تي 'پي ايل او' کي ڪنهن بہ اخلاقي ۽ مالي مدد ڪرڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. چو تہ 'ڪرسچن' ڊيموڪريٽ پارٽي وارن تہ اڳي ئي 'پي ايل او' وارن جون سڙيون ٻٽيون پئي ڪاڍيون.

جنگ جي مخالفت ۾ هالينڊ ۾ رهندڙ فلسطيني مزدور ايسوسيئشن 'روٽرڊم' ۾، سينٽرل ريلوي اسٽيشن اڳيان پر امن مظاهرو ڪيو ويو. اهو مظاهرو مون پاڻ ڪجهہ ڏينهن اڳ، اکئين ڏٺو هو، جنهن ۾ پنجاهہ ماڻهو مس ها. جڏهن جنگ جي حمايت ۾ 'ايمسٽرڊم' شهر ۾ ٽن هزار يهودين جلوس ڪڍيو هو. فلسطيني مزدور ايسوسيئشن جي چيئرمين 'ايوب' جيڪو بيان ڏنو هو، سو ڏاڍو وزنائتو هو.

'اسان ڪويت تي عراقي حملي سان، گڏ آمريڪا جي عراقي سرحدن تي موجودگي جي مذمت ڪيون ٿا.'، هن هالينڊ ۽ برطانيہ جي نشرياتي ادارن تي الزام هڻندي چيو،

اهي اڄ ڪلهه حقيقت پسنديءَ جي بجاءِ ’سي اين اين‘ جي پوئواري ڪندي آمريڪا جي آڪرين تي نچي رهيا آهن.‘

پي سندن اهو بيان، نقار خاني ۾ طوطي جوآواز ثابت ٿيو، جو ته ’ايمسٽرڊم‘ ۾ جنگ جي حمايت ۾ جلوس ، جنهن کي هوم منسٽر ’آئن ڊيلس‘ خطاب ڪيو هو، تنهن کي نشرواشاعت جي ادارن جي پٺ پرائي ۾ وڏي پذيرائي ملي هئي. تنهن يهودين ۽ اسرائيل سان يڪجهتي جو ڪلام ڪلا اعلان ڪيو هو. نه صرف ايترو پر ثقافتي وزير ’ادوان‘ جوشلي تقرير ڪندي فرمايو هو: ’جيئن 1954ع ۾ يهودين، جرمن نازين جي زهريلي گئسن جي منهن ۾ هليا ويا، اڄ به آهن. پر اڄ اهي اڪيلا نه آهن. انهن سان سڄو يورپ ساڻ، آ، آمريڪا ساڻ آ، ۽ الله ساڻ آ ...‘

اهڙن واچوڙي نما عصبيتي بيانن کان پوءِ ڊچ وزير خارجه ’وان ڊان بروڪ‘ جو بيان چڻ باقاعده تعصبي جهولو هو، جنهن امن ۽ محبت جي چمن ۾ جهوليندڙ گلن کي لوساٽي ڇڏيو، سندس بيان هو:

’اسرائيل جي مدد ڪرڻ ۾ اسان ڪا به ڪسر نه ڇڏينداسين. چو ته ٻي جنگ عظيم ۾، هاليند ۾ يهودين جي (جرمن نازين جي هٿان) ٿيل ڪوس کي نه وساري سگهيا آهيون. ۽ عراق کي اها اجازت هرگز نه ڏينداسين ته هو ڪنهن يهودي تي آگر اُپي ڪري سگهي.‘

هڪ طرف ته جنون جو اهو انڌ انڌوڪار هو. پر ان سان گڏوگڏ اهي خبرون به اخبارن ۾ هيون ته امن جا پيامبر انهيءَ طوفان ۾ پنهنجون موم بتيون ٻاريون پئي آيا. امن جي ڏوهه هزار پانڌيئڙن ’ايسٽرڊم‘ ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو . جيتوڻيڪ 1983ع ۾ تن کان چئن لکن ماڻهن جي نڪتل جلوس جي مقابلي ۾ اهو تمام ننڍو هو، جن ۾ ماڻهن ايٽمي هٿيارن ۽ جنگ جي خلاف نعرا هنيا هيا. پر هن ننڍڙي جلوس ۾ ماڻهن’جارج بش‘ ۽ ’صدام‘ جي خلاف گهالهايو. ۽ جنگي هٿيارن وارين صنعتن جي خلاف گهالهايو. صرف ايترو پر ڪيترن ڊچ امن تنظيمن صحيحن وارو هڪ وڏو خط منسٽر پريزيڊنٽ محترم ’رڊ لوبر‘ کي اماٽيو ته ’گلف‘ ۾، جنگ بنديءَ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش وني. انهيءَ خط ۾، ان تي زور ڏنو ويو هو ته آمريڪا ۽ برطانيه، عراق جي مٿان ايٽمي هٿيار استعمال نه ڪن ۽ اتحادين کي سمجهائي ته اهي عراق جي عام ماڻهن مٿان بمباري بند ڪن.

روايتي تنقيد جي واهڙ ۾، صدر صدام حسين کي هڪ وحشي ۽ ظالم ڪري پيش ڪيو پئي ويو. پر ڪي تنقيد نگار، ڪالمنسٽ ۽ ڪارٽونسٽ اهڙا به هيا، جن جوش ۽ جذبي کان وڌيڪ هوش کان ڪم پئي ورتو. مون کي هڪ اهڙو ڪارٽونسٽ FRITS MULEER نالي، ڏاڍو وڻندو هو. ان جو هڪ ڪارٽون، جنهن جو عنوان هو

MULTINATIONALEFFORTS

ڏاڍو متاثر ڪيائين. هن ڪارٽون ۾ هڪ سنجيده طنز هئي ته صدام حسين کي هٿيار ڏيڻ ۽ مضبوط بنائڻ ۾ انهن ئي ملڪن جو هٿ هو، جيڪي اڄ ڪيس ڊاهڻ جي ڪڍ آهن. ان ڪارٽون ۾ صدر صدام حسين جو ڏنگو ڦڏو پورٽريٽ نهيل هو. سندس نرڙ تي ميڊ اِن جرمني ، نڪ تي ميڊ اِن اٽلي، ڪنن تي ميڊ اِن يو ايس ايس آر، ڳِتن تي منڊ اِن يوڪي، ڪاڏيءَ تي ميڊ اِن فرانس، ڳچيءَ تي ميڊ اِن يو ايس اي ۽ ڪنڌ تي ميڊ اِن هاليند جون پٽيون لڳل هيون.

حقيقت ۾ اها هئي تہ اٽلي، عراق کي پنهنجين ٽينڪن ۽ هوائي جهازن جي ٽيڪنالاجي فروخت ڪئي هئي. جرمني ڪيس زهريلي گئس جا فارمولا، برطانيہ زير زمين بنڪر، فرانس ايئر ڪرافٽ ٽيڪنالاجي، آمريڪا ننڍا هٿيار ۽ هاليند رات جو ڪم ڪندڙ انفرا ريز جنگي مشينون وغيره فراهم ڪيون. ايران/ عراق جنگ ۾ روس سميت انهن هڙني ملڪن خوب ناڻو ڪمايو هو. پر اڄ اهوئي عراق سندن ٽارگيٽ هو. دنيا جي داداگيرن کي ڪير سچ چوي ..!؟

خبرن پڙهڻ ڪان پوءِ اهو بہ اندازو ٿيو تہ، هن جنگ ۾ هاليند وڏو پارٽنر هو. هاليند پنهنجا پيٽرائٽ ميزائل، ترڪي ۽ اسرائيل موڪليا ها. گئس ماسڪ سعودي عرب ۽ مصر کي ڏنا ها. هاڪ ايئر ڊفينس ميزائيل گلف ڏانهن اماڻيا ها. دوائون ۽ اسپتال جو عملو سعودي عرب ۽ ترڪيءَ ڏانهن روانو ڪيو هو. شام کي ٽي سوَ چاليهہ ملين گلڊر (هاليند جو سڪو) جي امداد ڏئي سندس وات بند ڪيو هو.

مون کي خبرن پڙهڻ ڪان پوءِ اندازو ٿيو تہ يورپ جون حڪومتون يا تہ تعصب ڪري انڌيون ٿي چڪيون هيون يا وري ڪين هڪ وڏي جنگي مشق ڪرڻي هئي. جنهن ۾ پنهنجي هٿيارن جي نمائش ڪري اسلحو کپائڻو هو ۽ پئسو ڪمائڻو هو، نہ تہ سندن اڳيان عراق جي حيثيت جهرڪيءَ جيتري بہ نہ هئي.

يورپ ۾ ٿيل ان خاص قسم جي پروپيگنڊاجي ڪري اتان جو عام ماڻهو بہ هوش ۽ حواس وڃائي وينو هو. مون هڪ خبر مسلمانن ۽ عربن بابت، هاليند جي پرڏيهي مرڪز جي حوالي سان پڙهي. جنهن ۾ شڪايت ٿيل هئي تہ، هتان جا ٽي لک ويهہ هزار مسلمان، هالند جي اصلي رهاڪن جي گار گند جو شڪار ٿي رهيا آهن. خاص ڪري مسلمان ٻار جن کي اسڪول ۾ صدام حسين! صدام حسين! چئي چيڙايو پيو وڃي. ان ڪري ڪيترن مائٽن پنهنجن ٻارن کي اسڪول وڃڻ کان جهلي ڇڏيو. يورپ جي سماج جو مزاج جيڪو شخصي آزاديءَ جو سختيءَ سان قائل آهي. اهو ايڏو تہ جانبدار ٿي ويو جو مسلمانن اها شڪايت ڪرڻ شروع ڪري ڏني تہ اهي جنهن بہ ڪارخاني، دڪان يا اداري ۾ ڪم ڪن ٿا، اتي ڪانئن طرح طرح جا سوال پڇيا وڃن ٿا. مثلن، اهي صدام حسين جي خلاف آهن يا حمايت ڪن ٿا...؟ مسلمانن ۽ عيسائن جي جنگ لڳي تہ اهي ڪنهنجو ساٿ ڏيندا؟ وغيره ... حڪومت سندن تڪليف کي محسوس ڪندي هڪ خاص ٽيليفون نمبر 030-342999 ڏنو هو تہ جڏهن بہ ساڻن ڪو انهيءَ حوالي سان زيادتي ڪري تہ هڪدم ڏنل نمبر تي اطلاع ڪن تہ سندن داد رسي ٿيندي. خبر ناهي ڇو، مون بہ اهو نمبر پنهنجي ڊائري تي نوٽ ڪري ڇڏيو هو.

# جمهوريت

’.... ۽ اها حڪومت ماڻهن جي، (جيڪا) ماڻهن جي ذريعي (عمل ۾ اچي ٿي) ماڻهن جي لاءِ (هجي) تہ (اها) ڪڏهن بہ دنيا جي تختي تان ختم نہ ٿيندي.

فڪر جي ڦرهي تان جڏهن اهي لفظ ايري دنيا جي ڪند ڪڙڇ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ريت روشنيءَ جي مينارن جيان ظاهر ٿيڻ لڳا، تہ اونداه جي پوڄارين منهن مٿو پٽڻ شروع ڪيو .... ڪن انهن مينارن اڳيان رلي ٽنگي، ڪن اکيون ٻوٽيون ، ڪن ٻرن ۾ لڪي ان جي وجود کان انڪار ڪيو .... ڪن وسائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ۽ وقتي طور وسائڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيا، پر جوت مان جوت جلندي رهي .... سوجهرو وڌندو رهيو .... ڪٿي ٽانڊاٽو .... ڪٿي ٽيڙ .... ڪٿي تارو .... ڪٿي سورج .... جڏهن اهو ممڪن نہ رهيو تہ روشني کي روڪي سگهجي تہ اونداهہ جا پوڄاري ويس مٽائي آيا، نون روپن ۾، نون رنگن ۾، نون سنجن ۾... گڏهہ، گهوڙا ٿي آيا، ٻگهڙ رڍون، لومڙن ٻڪريون، واڳون ٻلهڻ، واڳهہ مينهون ...... ڏسڻ ۾ اهڙا ڳڳدام جو کهل پئي اچي، پر اندر جا ڪارا نانگ، اجا بہ وڏ .... سنگچورن جيان سراپا زهر .... وڏي ڏام ڏوم سان، وڏي طمطراق سان، وڏي ترڪتال سان .... قوم جي غم ۾ نير وهي پيا، اندر اڌ ٿي پيا ..... جگر ڦٽجي پيا.

قومون ڀرپائين تہ انهن جا ٻهروپ ڏسي ڀُلجي پيون هيون، پر پوءِ انهن عذاب سهي ٿڪجي پيون. انهن کي سڌ پئجي وئي هئي تہ اِهي، اُهي ڏنار آهن، جيڪي هڪليندي هڪليندي ڪاسائيءَ جي اڏي تي آڻي بيهاريندا آهن. آخر ۾ سندن قسمت جو فيصلو ڏاڍو سستو ڪري هليا ويندا آهن.

انهيءَ ڪري هِت هُت، جت ڪٿ لاٽ مان لاٽ ٻرندي رهي. انهيءَ انهيءَ لاٽ لئہ پنهنجي ئي شهر جي واٽ تي ڪيترا ڪونڌر ڪسجي ويا .... ڪيترن سهاڳڻيون، ڏهاڳڻيون ٿيون ... ڀينرن جي ڪوٽ جا ڪنگرا (ڀائر) ڪريا .....ڪيترن مائرن جون جهوليون خالي ٿيون ...ڪيترا معصوم بي واها ٿيا .... صرف انهيءَ لاٽ لاءِ ... سالن جا انتظار، چٽيون ويڙهيون .... ڦٽڪا، جيل گوليون، زنا ڪاريون ..... سڀ بي عزتون سهي، ايامن ڪانپوءِ، شهر جي چوڪ تي فانوس ٻاريون ويو، روشني ٿي، جيڪا پکڙجي وئي. اجا تہ اها روشني گهر گهر پهچائڻي هُئي ....

وٽ پاسا، ڳهڙ ڳهٽيون روشن رکڻا هيا تہ جيئڻ کو اونده جي اوٽ وٺي خلم نہ ڪري، ظلم نہ ڪري، ڏاڍ نہ ڪري، ڌوهہ نہ ڪري، پر اهو هڪ فانوس بہ اونده جي پوڄارين کي پسند نہ آيو. هٿن ۾ پٿر کنيون، اونداهن هنڌن تي تاڙ ۾، تہ ڪڏهن تہ ملي وارو هن جمهوريت جي ننڍڙي فانوس کي فنا ڪرڻ جو .....

ننڍي ۾ ننڍي چمڙي کي بہ چڙ هئي تہ، ’هيءَ ڪهڙي جمهوريت ،جو ٽڪي جي ماڻهوءَ جي در تي ايلاز مصاف تہ، ٻيلي ووٽ ڏي ....! گڏهہ گاڏي واري ۽ ريڙهي واري کي بہ ٻانهن ٻڌ .... واهہ جي جمهوريت آ! ڪهڙي ضرورت آ!؟ وڏي ۾ وڏي ويمپائر کي بہ خار هئي، تنهن بہ چرڙات ڪندي پر ڦڙڪايا:

’آدجڳادڪان حڪومت ڪرڻ واري جي لاءِ، جمهوريت لفظ آهي بي عزتيءَ جو، ذلت جو ۽ رسوائيءَ جو. گڏهن جي گهٽائي کي ڳٽائي، ڪو چوي، طاقت جو سرچشمو عوام آهي، ووٽ طاقت آهي. انهيءَ طاقت جي ذريعي اسان کي ڪرسين تان گهلي ٻاهر ڪڍڻ جي سگهہ ساري ٿو عام ماڻهو

....!؟ انهيءَ ڪان اڳ اسان اجان وڏيڪ ذلتون، رسوائيون ۽ ڏکيا ڏينهن ڏسون، تنهن ڪان اڳ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو آهي.'
اهو سوچي ، سڀ ننڍا وڏا چمڙا گڏ ٿيا، هڪ اونداهي ٻُتي ڪوه ۾ ... انهن کي يقين هيو ته وري مڪاريءَ ۽ عياريءَ جو زمانو موٽي ايندو ۽ اونده کي اوج رسندو. انهيءَ آسري ۾ انهن پنهنجي آقا جو انتظار پئي ڪيو .... سٽيل پروگرام تحت ڊراڪولا پنهنجين پورين وحشتن سان چراغ تي وينل، ڏيهه جي ڏائڻ سوڏو پهچي ويو. ڊراڪولا ، ڏيهه جي ڏائڻ جي گذارش ڪئي ته: 'اي سازشن جا سورما! دنيا جي پاڪ علم ابتو پڙهندڙ ، اڳيان جا عالم! ڏينهون ڏينهن جمهوريت جي روشني وڌندي ٿي وڃي ۽ اونداه گهٽبي .... اسان کي ڪو اهڙو اُپاءُ ٻڌاءِ، جيئن پاڻ ان روشني کان ڪو الڪو نه رهي.
پراڻيون پوٿيون پٽجي ويون، جنهن ۾ هزارن سالن جون عياريون ۽ مڪاريون لڪيل هيون. ڏيهه جي ڏائڻ ڪک هڪ صفحي تي ڏڪندڙ هٿن سان اکر رکي ڳالهائڻ شروع ڪيون:
'اي معصوم ماڻهن جا خون پيئندڙ ڊراڪولا! شيطاني شهنشاهيت يا آمريت کي آٽڻ جا هي ڪجهه اصول آهن. جن جي ورجاءَ ۾ وري اهو دؤر ورائي سگهجي ٿو. جنهن ۾ خون جي خوشبوءِ هوندي ۽ بربريت واري بهاري هوندي ... پريل تريل شهر، شهر خمو شان ٿيندا.... اونداهين ۾ شب خون لڳندا ..... رڙين جو راڄ هوندو ... نه ڏسڻ وارو، هوندو نه ورائڻ وارو .... ڊراڪولا صبر ساري نه سگهيو:
'بس! بس! مڪاريءَ جا پيءُ، عياري جا اڳ ڄاوا! انهيءَ دؤر جو انتظار آهي، دل بي قرار آهي، وارو ڪر! اهي انمول اصول بيان ڪر!'.
ڏيهه جي ڏائڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو:
'پهريائين بي اصولو اصول اهو آهي ته لوڪن کي بي چين ڪجي ته جيئن انهن جو ايمان جمهوريت تان ڪڄي وڃي. انهيءَ لاءِ اول توکي اهڙن ماڻهن جو انتخاب ڪرڻو پوندو، جيڪي نالي ۾ جمهوريت جا چئمپئن هجن، پر هجن پوائتا پوت، اندر جا جلاد، مغرور ۽ پهرئين نمبر جا ڪوڙا .... انهن جا هٿ معصوم ماڻهن جي خون سان رنگيل ،ذهن هر وقت منفي رجحان ۾ رچيل، جن جا پير هميشه وحشتن ڏانهن وڌيل، اهڙا امن جا دشمن ، تن کي، توکي هٿ ڪرڻو پوندو.'
'مون هٿ ڪيا آهن اهڙا!' ڊراڪولا سامهون وينلن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
پوائتن پوتن موٽ ۾ فرشي سالم ڪندي' چر!چر! 'ڪئي. ڊراڪولا خوش ٿيندي چوڻ لڳو:
'اصل شطاني قوتن جا ڪارساز، واقعي تو مان چالاڪيءَ جا چشما ڦٽن ٿا، هاڻي توکي انهن پوتن کي، اونده جي دشمنن طرف اهڙي طرح اماڻڻو پوندو جو روشنيءَ جا رکوالا، انهن کي فانوس جا متوالا سمجهڻ شروع ڪن ۽ انهن کي پنهنجو ساٿي سمجهن ....
انهيءَ سڄي سازش کي اهڙيءَ ريت لڪائجو ، جو انهن کي ڪنهن به قسم جو فڪر يا الڪو نه رهي ۽ پوءِ جيئن وڻ جي ٽاريءَ تي سمهيل جيت پاسو ورائي پٽ تي ڪري هوش ۾ ايندو آهي. پوءِ جڏهن وڻ تي چڙهڻ جي وري ڪوشش ڪندو آهي، تنهن کان اڳ ۾ ڪيس ڪو پکي پڪڻ ڳڙڪائي ويندو آهي. تيئن توکي به اوچتو انهن پوتن جي هٿان ان روشنيءَ جي فانوس ۾ جدوجهد جي تيل بدران تشدد جو پاڻي اوتائڻو آهي ... جمهوريت جي لاٽ پاڻهي جهٽڪا هڻي وسامي ويندي ۽ پوءِ اونداهيءَ جي پيٽ ۾ ڪو نه ڪو انهن کي ڳڙڪائي ويندو.

ٻيو نام نهاد اصول، اهو آهي تہ توڪي هميشہ پنهنجا ڪن ڪنهن وحشي ٻگهڙ جيان سرلا رکڻ گهرجن ۽ ايلسيشن ڪتي جيان سنگهڻ جا حواس ... تون سدائين دشمنن جي ڪمزورين جي جاچ ۾ رهہ، جڏهن بہ ڏسين تہ جمهوريت جي فانوس جا رکوالا ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا آهن، تڏهن مٿان يڪدم چڙهائي ڪري، پنهنجا تکا ڏند انهن جي نڙگهٽ ۾ کپائي ڇڏ ۽ ڪڏهن بہ انهن تي رحم ۽ در گذر جو نہ سوچجانءِ.'

'ٽيون نام نهاد اصول اهو آهي تہ لوڪن اڳيان پاڻ کي روشني جو حد کان وڌيڪ پوڄارو ۽ پروهت ڪري پيش ڪر. پاڻ کي مذهب جو متوالو ۽ اخلاق جو علبردار ڳڻاءِ. جي دشمن کي ڏک هٽين تہ ظاهر ۾ ان لاءِ افسوس ۽ رحم ڏيکار .... پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ هرطريقو اختيار ڪر ... ڪانئر کي پيو ڏيکاري، سوروير کي هٿ جوڙي، لالچي کي ڏن ڏيئي، برابر ۽ حق طاقت واري کي شڪتي سدائين پنهنجي وس رکج. جيستائين پاڻ ۾ طاقت نہ هجئي، تيستائين دشمن کي ايئن ناس ڪج، جيئن دلي کي ڦهڪائي پيچي ڇڏبو آهي. 'اي براين جا پاءُ! اي وحشتن جا وير! هيءَ نسخو ڏاڍو قديم آهي اهي انهيءَ موتمار نسخي جو تت آهي، جيڪو ڪٽڪ وزير، راڦجا ڌر تراشٽر کي ڏنو هو. جنهن جوڳ نتيجو مها پارت جي يُڌ ۾ هزارن ۽ لکن ماڻهن جي بي وقتي موت جي صورت ۾ نڪتو ... تنهن ڪري تون دنيا جي سيني براين ابليس، اهر من ۽ ارلاڪ کي سنپالي روانو ٿي، فتح ڪنهن گرم لاش جيان تنهنجي قدمن ۾ اچي پوندي!'

پوءِ ڊراڪولا، پوائتا پوت ۽ چمڙا، ڏيهہ جي ڏائڻ جي ڳالهہ کي ڳنڍ ڏئي، جمهوريت جي فانوس کي تباهہ و برباد ڪرڻ لاءِ نڪتا ....

انهيءَ ڏينهن تي جڏهن فانوس ۾ تيل جي بجاءِ پاڻي وجهڻو هيو .. ڪنهن جمهوريت پسند کي اوچتو خبر پئجي وئي. تنهن پوائتن پوتن جو راز فاش ڪري وڌو، پوائتن پوتن گهٽيون دلخرش رڙيون ڪندي شهر واسين کي خوف ۾ مبتلا ڪيو .... چمڙن چرڙات ڪري پٿرن اڇلايون ۽ ڊراڪولا ڏند ڪرٽيندي پنهنجي خوني چنبن سان جمهوريت جي فانوس تي پٿر جا گولا ۽ جهنبون وسايون. پر جمهوريت جا رکوالا، جمهوريت جي فانوس اڳيان پروانا ٿي بيٺا ،اهي سڀ پٿر ۽ پٿريون ، انهن پنهنجي سيني تي سنا ... اهڙي ريت ڊراڪولا جي پهرين سازش ناڪام ٿي ۽ اها خبر جڏهن ڏيهہ جي ڏائڻ کي پئي تہ ان وقت وري ٻيءَ سازش کي سٽڻ لاءِ، پريشاني ۾ دنيا جي راڪاسن ۽ برڙ باڪاسن کي مدد لاءِ پڪارڻ لڳو.

# سماجي معاهدو

ڪرو ڪيتر جي ميدان تي، سورج آخري نظرون وجهي الوپ ٿي ويو، ڪؤرن ۽ پاندون جي آمهون سامهون بينل جنگ جواڻن جي هٿن ۾ جهليل استر شستر هيٺ ٿي ويا ... مها پارت جي ٽيندڙ جنگ جي نيمن انوسار، سج لٿي کانپوءِ هر ڪنهن ميٺ محبت سان ملڻو هيو ... اونداهي رات ۾

ٻرندڙ اُماڙين جي روشني ۾ پانڊوون ۽ ڪؤرن جا جنگ جوان، دورڻ آچاريہ، ڏريوڌن، ارجن، نڪل، سهديو ۽ يڌشٽر وغيره ولتي ماريون ،وديا جي مها ساگر ڀيشم جي چوڌاري وينا هيا .... پر انهن سڀني جنگ جوانن مان يڌشٽر جيڪو نريئتا، گنڀيرتا ۽ ڌيرج جو ڏٽي هيو. تنهن پنهنجي هرديہ مان اُتپڻ ٿيندڙ سوال سرسئناپتي جي آڏو رکيو: ’مهاپتہ (ڏاڏا)! ڪٿيا ڪري ٻڌايو تہ منش جاتيءَ (انسانذات) ۾ سماج جو آرنڀ ( شروعات) ڪيئن ٿيو؟‘

ڀيشم، مک تي مرڪ آندي ۽ پوءِ پنهنجي وديا جي اٿاه جل مان يڌشٽر جي اُڃ اجهائڻ لڳو: ’راجن! منش جاتيءَ ۾ جڏهن حرص ۽ هوس جو انت نہ رهيو تہ چوڌاري اَنياءُ ٿيڻ لڳو. تڏهن ماڻهن گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ جيڪو بہ شخص ڪنهن جو سامان چوري يا زوريءَ ڪٽندو، زيادتي ڪندو يا ماريندو تہ سڀئي ان جو گڏجي مقابلو ڪنداسين ۽ سزا ڏينداسين.‘تامسهابس، جان لاڪ جي جيسڪس روسو ڪان، گهڻو اڳ، سماجي معاهدي (SONCIAL CONTRACT ) جو تصور مهاڀارت جي اتهاسڪ پستڪ ۾ ملي ٿو ۽ دنيا جا سڀئي گڻ ايشور، فلاسفر، ڏاها ۽ سماجي ماهر انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪن ٿا تہ اهو انساني معاهدو هيو، جنهن انسان کي اشرف المخلوقات يا سوچيندڙ جانور THINKING ANIMAL ۽ سماجي جانور سڏرايو. اهو سماجي معاهدو هيو، جنهن برائي ڀلائي، نيڪي بدي، جزا سزا جو تصور ڏنو، انساني سماج ۾ ضابطو ۽ توازن پيدا ڪيو .... انهيءَ جي ڪري ئي انسانن مختلف سيپتائن کي جنم ڏنو .... اهڙن انساني گروهن ۾ سنڌ واسي بہ هيا.

سنڌ واسين جي تهذيب ۽ تمدن جا نشان موهن جو دڙو، جهڪر جو دڙو، چانهوءَ، آمري جو دڙو، اڄ بہ اسان جي لاءِ باعث فخر آهن ... ليڪن ڇا اسناجو، ايندڙ نسل اسان جي ڪارنامن يا ڪرتوتن تي ڪنڌ ڪڻ جهڙو ٿيندو .....؟ اسان تي فخر ڪري سگهندو ....؟ اهو هڪ سوال آهي، هر سنڌ واسيءَ لاءِ ... جڏهن تہ هن وقت ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ سماجي معاهدو ٽٽي چڪو آهي .... انساني سماج پڇي پورا تي رهيو آهي ... اهو سماج جنهن لاءِ سماجي ماهر چون ٿا تہ، اهو ذات جي اظهار ۽ نسل جي تحفظ جي لاءِ وجود ۾ آيو هيو، ڇا اهو اسان وٽ موجود آهي ....؟ اسان تہ اهي سڀ رسمون، قاعدا، قانون، اصول وساري ڇڏيا، جنهن ۾ ڪنهن اڙي جي آڏار ڪبي هئي، ڏکئي جو ڏک ونڊبو هو، بکئي کي کارائبو هو، پلئي کي ڍڳ لائبو هو، اشراف لاءِ عزت هئي، ڪميني لاءِ نفرت هئي .... وڏيرا نندپرا، مکي، معتبر چڱا مڙس مظلوم جي متي تي هٿ رکندا هيا. لچ لفنگي ۽ ظالم کي پٽ برادريءَ مان ڪڍيو ويندو هو .... طرحين طرحين سزائون هوندون هيون. ڪڏهن ٽالهي پٽ بند، ڪڏهن حقو پاڻي بند، ڪڏهن ڏنڊ چٽيون ، ڪڏهن ڳوٺ يا شهر نڪالي، ڪڏهن ڪاٺ ۾، تہ ڪڏهن ڪني آڳر وڍي پلي، پر هاڻي، خدا جو شان آ، گڏهہ خاندان آ.

اڳي تہ نانگ بہ رستي روڪ ڪئي تہ اسان ڪيس چوندا هياسي ’فقير! نہ تون اسان جو مندو، نہ اسان تنهنجي مندا، تنهنجي واٽ پنهنجي ۽ اسان جي واٽ پنهنجي!‘ نانگ کي بہ سمجهہ پوندي هئي.سري پري جاءِ ڏيندو هو، پر هاڻي انسان رستي روڪ ڪيون بيٺو آهي .... نانگن کان بہ ويل آهي ... مرن کان بہ ڪريل آهي ... زناورن کان بہ چڙهيل آهي ... مسافر ويچارو پنهنجي واٽ وٺيون پيو ويندو ... شايد ڪنهن جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ، شادي ۾ پير ڪڻ ڪنهن بيماري کان پڇڻ . نوڪري وارو هيو، ٻچن کي ڏسڻ، بيمار هيو، علاج ڪرائڻ ... پر هي سڀ جا مندا ۽ ويري ... ڳتڙ کان پهچندي ... گهر ۾ ماتم ٿيندو ... چڱا ڀلا وچ تي پوندا ...

انساني جسمن جو واپار هلندو .... سودو نهيو تہ واپس وربو نہ تہ لاش ڪنهن واهہ ۾، ڪنهن ڦٽل کوهہ ۾، ويران جاءِ تي ڳجهين جو ڳاهہ ٿيندو ... ليڪن پوءِ بہ سڄي سماج جي پٽ ۾ سيسراٽي ڪو نہ، درڙي ڪو نہ .... ڇو تہ اهي روز روز جا قصا آهن، ڪارنامہ آهن .... جيئن هي قصو منهنجي پاڙي لاهوري محلي لاڙڪاڻي جي، ڇهن سالن جي يتيم ٻار راجيش ڪمار جو آهي .... صبح سويري ماءُ ناهي سينگاري تيلهڙو ڳچيءَ ۾ وجهي پنهنجي ارمانن ۽ آرزوئن سان ڪيس اسڪول موڪلي ٿي انهيءَ آس سا تہ، .... ٻچڙو پڙهندو ..... وڏو ٿيندو ... ماءُ جا هڙئي ارمان پورا ٿيندا .... ليڪن ابهم ٻارڙو اسڪول مان اغوا ٿي ويو .... چني پهچي وئي .... پورا ٻہ لک روپيا ڀنگ ..... ڪاڏنهن اچن ٻہ لک ....؟ نتيجو .... ننڍڙي ابهم کي بي درديءَ سان ڦاسي ڏئي، ڪني کڏ ۾ اڇلايو ٿو وڃي ..... نہ اپ ڏريو، نہ زمين ڦاٽي ..... ليڪن هڪڙي پٽ جي ماءُ جو اندر اڌ ٿي پيو .... هاڻ ڦسي پيو .... ذهني توازن وڃائي ويٺي ... ليڪن هت تہ زور اهڙا دل خراش قصا ورجائجن ٿا ... ڪنهن جو پاءُ ڪجي ٿو، پيٽ مري ٿي .. پيءُ ڪجي ٿو ... پٽ ڪجي ٿو ... ڪو اجتماعي فيصلو نہ، معاهدو ڪو نہ، شايد اڪين جو پاڻي سڪي ويو آهي .... شايد سيئي اذيت پسند تماشائي ٿي ويا آهيون، جو ايڏي ذلل کي سهاتيون وينا، ايئن ٿو لڳي تہ سنڌ هاڻي بي سماج نگري ۾ تبديل ٿيندي ٿي وڃي. ها، ايئن لڳي ٿو تہ هي بي سماج ننگري آهي .. جهلي ڪلواڙي ۾ هڪ غريب ماستر ارشاد علي ڪلوڙ کي انهيءَ ڪري ماريو وڃي ٿو جو هو ڀنگ نہ ٿو ڏئي سگهي .... هڪ ٻئي ڳوٺ مان ٽن عورتن ڪريمت، رابعہ ۽ ڪوڙي کي ان ڪري اغوا ڪيو ويو تہ جيئن پنهنجي نفس جو پورائو ڪجي. سردار گلبهار خان جهتيال کي ان ڪري اغوا ڪيو وڃي ٿو ۽ موت ڏانهن نيو وڃي ٿو تہ هو صرف سردار نہ پر هڪ شريف ڪلمڪ ۽ سماجي ڪارڪن پڻ آهي. 'ٿلهو ڳوٺ جي ڊاڪٽر عبدالغني شيخ کي ان ڪري اغوا ڪيو وڃي ٿو، تہ هو شهرن کي ڇڏي ٻهراڙي ۾ خدمت ڪرڻ چاهي ٿو. ٽرڙي جادو شهيد تي ڌاڙيلن چاڙهائي ڪري هڪ هيڊ ماستر، ڇئن شاگردن، هڪ ڪلارڪ هڪ پٽيوالي کي ان ڪري اغوا ڪيو تہ، جيئن سنڌ جا علمي ادارا پنهنجي موت پاڻ ئي مري وڃن ..... 'سڳا' جي ميمبر 'علي بخش' لاکي کي ان ڪري اغوا ڪيو ٿو وڃي تہ ڪو بہ ماڻهو جيئن سنڌ جي خير خواهي نہ ڪري ... فوزيہ ڀٽو کي ان ڪري اغوا ۽ قتل ڪيو ٿو وڃي تہ جيئن ڪو بہ سنڌ واسي پنهنجي نياڻي نہ پڙهائي سگهي .....سياسي پارٽين جا ماڻهو (هارايل يا ڪٽيل) ان ڪري اغوا ڪيا ٿا وڃن تہ جيئن ماڻهن جو ايمان سياسي پارٽين تان ڪجي وڃي تہ اهي ڪو سنڌ واسين کي تحفظ فراهم ڪري سگهندا .... ڌاڙيل ڳوٺ'هاشم جا پاڻ' تي ان ڪري حملو ڪن ٿا ۽ ٻاويهہ ماڻهن کي بي درديءَ سان برسٽ هڻن ٿا تہ جيئن ڳوناٺا، حڪومت جي تحفظ ڪندڙ ادارن تي ڀروسو نہ ڪن. ۽ اها حقيقت پڻ آهي تہ هاڻي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي ڀروسو ختم ٿي چڪو آهي. اڳي چيو ويندو هيو تہ وڻ وڻ تي ناهي پوندو پر ماڻهو ماڻهو تي پوندو آهي. ليڪن هاڻي ماڻهن ۾ ماڻهپو ڪاٿي رهيو آهي؟ جيڪڏهن ڪو ڪٽيل ڌر وٽ دانهي ٿئي تہ جواب ئي ڪتو 'اڳي ماڻهو نہ ڪڄندا هئا ڇا جو هاڻ اسان کي اچي ورتو اٿو ....!؟ هارايل ڌر ڏانهن ڪو عرض ڪٽي وڃي ٿو ڇهڙ ئي هڪ 'وؤنٽ ڏنا هيوَ جو اميد ڪري آيا آهيو' ... باقي رهي پوليس انهن جي اڳيان روئڻ اکين جو زيان آهي، ڇو تہ ٻگهڙ ٿئي ڌراڙ تہ رڍن جو الله واهي ....هاڻي ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ سنڌ جي سيني سياسي، مذهبي، سماجي ڳرن اهو وساري ڇڏيو آهي تہ ڪي انساني رشتا ناتا ۽ واسطا بہ ٿيندا آهن ... هونءَ بہ هاڻي ڇڳن جا پٽڪا بندن تي آهن، تڏهن تہ ڌاڙيل ڇنيون لڪي شريف ماڻهن

ڪان ڊبل گهوڙا بوسڪيءَ جا پٽڪا گهرائن ٿا. ۽ پاڻ کي ’مڙس ماڻهو‘، ’جوان جا پٽ‘، ’گاڙدي‘، ’ڪونڌر‘ ۽ ’ڦنڌار‘ سڏرائن ٿا. ليڪن سيئي سياسي سماجي ۽ مذهبي پيشوا ياد رکن ته جيڪڏهن انهن چتن ڪتن کي نه جهليو ويو، ته اهي ڪڙم جا ويري سڄي سنڌ چڪيندا ....

جيڪڏهن انهن فيل مستن کي نه روڪيو ويو ته سڄي سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ اخلاقي پيل ٿي ويندي ....هاڻي ئي ڪيترا ماڻهو سنڌ کي ’داراالحرب‘ سمجهي پڄي رهيا آهن ۽ ڪي ماڻهو انتقام جي آڳ ۾ انڌا ٿي ساڳيو ئي ڏنڌو اختيار ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اها انڌيرگردي ايئن جاري رهي ته پوءِ هي ڪرمن ڪٽي قوم پنهنجي موت پاڻ مري ويندي. دشمن کي ضرورت ئي نه پوندي ته اسان کي نيست نابود ڪري، ڇو ته جيڪو ڳڙ سان مرندو آهي تنهن کي زهر ناهي ڏبو.

ان ڪري بقا جو اهو آخري رستو بچيو آهي ته گڏجي سنڌ جي انهيءَ سماجي معاهدي کي ورجايون ته جيڪڏهن ڪو به ڪنهن سان زيادتي ڪندو ۽ ڪنهن کي اغوا يا قتل ڪندو ته، سيئي گڏجي ان جو مقابلو ڪنداسين ۽ سزا ڏينداسين .....

# پورو ٿيو

## انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com